# پاڻ ۾
# ويٺا آهيون

## نجم عباسي

روشني
پبليڪيشن

# پاڻ ۾ ويٺا آهيون

## نجم عباسي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1992ع

ڪمپوزنگ: سارنگ رام ميگھواڙ - حبيب قادر قريشي
سنڌ - ٽيڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر، حيدرآباد

ڇاپيندڙ : القادر پرنٽنگ پريس فون : ٤٧٢٢٤٣٨

ڇپائيندڙ : روشني پبليڪيشنس ڪنڊيارو

سال : 1992ع

قيمت: =/55 روپيا

ڊاڪٽر قادر بخش منگسي جي نالي!

# ســتاءُ


= منهنجو اناوبهون ڪتاب 7

ياڳو پهريون (ڪهاڻيون) [9-10]

1 - ڏاڙ يلن جو ڏمچر 11

2 - ترت ترقيءَ جي تاڙ ۾ 22

3 - لطيفان 42

4 - پهاڙن ۾ واردات 50

5 - آفريڪا جو مهمان 60

6 - جاڳيا جڏهن ڳوٺ 63

7 - وات ۾ ڪرڙي 76

8 - ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻي 79

9 - پهرين ملهه 86

10 - پيار نہ پلبو پنجرن ۾ 93

11 - اوندهہ ۾ اوندهہ 110

12 - اسين ڪمزور نہ آهيون 115

13 - مورچي ۾ 125

14 - ڪليمي ڪامريڊ 133

15 - هوا ۾ پاڙون 141

16 - ڄار 147

17 - پستيون 151

ياڳو ٻيون (مڪالما) [163-164]

1 - لڏ پلاڻ 165

2 - بندش 168

3 - بي وقتي بانگ 174

4 - ماضيءَ جا بت 178

5 - تون تون، مان مان 182
6 - امن جي تلاش 184
7 - يهودي 188
8 - معافي ثواب جي 194
9 - پيجل ٻني روپ ۾ 196
10 - ڍهنديون اهڙيون ماڙيون 199

# منهنجو اٺاويهون ڪتاب

مون اڳ ۾ هن قسم جون ڪهاڻيون پڻ لکيون آهي، جي ڇپيون به پئي رهيون آهن. پين به سنڌيءَ ۾ ساڳئي قسم جون ڪهاڻيون پئي ڇپايون آهن. انگريزيءَ ۾ به ساڳي طرز واريون ڪهاڻيون پئي لکيون ويون آهن. هن قسم جي ڪهاڻين ۾، سڄي جي سڄي ڪهاڻي ڪردارن جي گفتگوءَ (Dialogue) جي صورت ۾ پيش ڪئي ويندي آهي.

مون هاڻ ويچاريو ته انهيءَ نموني لکيل ڪهاڻي، ڪهاڻيءَ جون ڪي تقاضائون پوريون نه ٿي ڪري، جيتوڻيڪ ان ۾ گهڻو ڪري ڪهاڻيءَ جون موجود هوندو آهي ۽ پڙهندڙ لاءِ دلچسپيءَ جو سامان به ميسر ڪندي آهي. البت ان ۾ ڪردار نگاري، منظر نگاري ۽ ڪجهه ڪهاڻيءَ جون ٻيون گهرجون ڏيئي نه ٿيون سگهجن.

سوچڻ ڪانپوءِ مان ان نتيجي تي پهتس ته اهڙي لکڻيءَ کي "مڪالمو" (Dialogue) سڏجي ته موزون ٿيندو. ائين ڪرڻ سان، ان کي ڪهاڻيءَ کان الڳ سمجهي سگهبو.

مان ادب ۾ نئين صنف "مڪالمو" جي شروعات ڪري رهيو آهيان يا گهٽ ۾ گهٽ ان صنف جي نالي کي جنم ڏنو اٿم. اهو نالو ذهن ۾ رکي لکڻ سان، مونکي پڪ آهي ته ليکڪ جي لکڻيءَ ۾ پڻ نئون قيرو ايندو.

مون پنهنجي هن ڪتاب "پاڻ ۾ ويٺا آهيون" کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين حصي ۾ "ڪهاڻيون" ۽ ٻئي حصي ۾ "مڪالما" ڏنا اٿم.

ڪچهريون، خاص ڪري ٻهراڙيءَ ۾ سنڌ جي تهذيب جو خاص ۽ دلچسپ حصو پئي رهيون آهن. اهي ڪچهريون اوطاقن ۾، منهن ۾، سياري ۾ باهه جي چوڌاري، گرمين ۾ منجهند جو ڪنهن گهڻي ۽ ڇانودار وڻ هيٺان ۽ شادين غمين ۾ ٿينديون آهن. اڳي گفتگوءَ جا موضوع ٻيا هوندا هئا، پر اڄ ڪلهه گهڻو ڪري سياست تي ٽيڪاٽپڻي ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي آهي. بي-بي- سيءَ جون خبرون به ٻڌيون وينديون آهن.

آهن ته اهڙيون ڪچهريون اڄ تائين به قائم، پر انهن جي جڳهه ڪيترن هنڌن تي هوٽلن ۽ ٽي-ويءَ ورتي آهي. ماڻهو رات جو دير تائين هوٽلن ۾ چانهه پيئندي ۽ ٽي-وي ڏسندي، وقت گذاريندا آهن.

پر هوٽلن تي وهڪ جي عادت به گهٽجندي وڃي. ڀهراڙيءَ ۾ ڌاڙيلن جي خوف، هراس ۽ ڌمڪاءَ ڪري، ماڻهن سج لٿي کان پوءِ ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، ۽ هوٽلون ۽ دڪان جلد ئي بند ٿيو وڃن.

ڀهراڙيءَ جي ڪچهرين مان ڪنهن کي ڪا راز جي ڳالهه ڪرڻي هوندي آهي، پوءِ اها ڪنهن جي چڱائي يا رشوت جي هجي يا ڪنهن بدڪار شخص جي باري ۾ هجي، ڪنهن جي قرلت ذريعي تڪڙو شاهوڪار ٿيڻ جي هجي، ڪنهن سازش جي انڪشاف جي هجي، ڪنهن جي حقيقي يا هرويرو گلا ڪرڻي هجي ته اها ڳالهه شروع ڪرڻ کان اڳ، پين ڪچهري ڪندڙن کي چوندو آهي: "پاڻ ۾ ويٺا آهيون!" اهي ڪچهري ڪندڙ هن جا ساٿي ۽ هم خيال هوندا آهن.

جيئي سنڌي !　　　　نجم عباسي

# پاڳو پهريون (ڪهاڻيون)

ڪارروائي ملائي."

"اِهي ڳالهيون هتي ڪونہ هلنديون. هتي نہ ڪرسي آهي ۽ نہ ئي ڪرسيءَ جي رعب ۽ اختيار جو چڪر. جيڪو جتي ويٺو آهي، اُتي ويٺو هجي ۽ فقط ڳالهائڻ وقت اُٿي بيهي پنهنجا خيال ظاهر ڪري، آزاديءَ سان ۽ بنا حجاب."

"اسين اِهو ورجائڻ لاءِ گڏ نہ ٿيا آهيون تہ اسين وڏيري ۽ پوليس جي ظلم ڪري ڌاڙيل ٿيا آهيون يا بيروزگاريءَ جا چڪ ۽ چهڪ سهي هي ڌنڌو اختيار ڪيو اٿئون."

"اسين اهو بہ نہ ورجائيندا سين تہ پاٽاريدار، پوليس، ميمبر ۽ وزير جو اسان مٿان هٿ آهي؛ هو اسان جو بچاءُ ڪري ٿو، اسان جي مٿان ڇانورو آهي ۽ سيئي لٽ مار جي مال ۾ مکيہ حصيدار آهن."

"اسان اهو بہ نہ دهرائيندا سين تہ اِهي اسان جا حصيدار ۽ اسان کي حڪم ڪندڙ آهن تہ فلاڻي کي اغوا ڪيو ۽ يبنگ نہ وٺو يا فلاڻي هنڌ ڌاڙو هڻو، سي ئي پوليس وارا، وڏيرا، ڪامورا ۽ سياستدان، جڏهن پنهنجي مفاد جي مرضي پوندي اٿن يا پنهنجي مطلب لاءِ، اسان کي پنهنجو ڪري دوکي سان مارائيندا آهن ۽ سرڪار کان اسان جي سر تي رکيل لکين رپيا انعام حاصل ڪندا آهن."

"اسان اهو بہ نہ ورجائيندا سين تہ اسين ڇو رڳو سنڌي دولتمند اغوا ڪندا آهيون يا قتل ڪندا آهيون، ڇو تہ اسان کي خبر هوندي آهي تہ اسان جيڪڏهن ڪو غير سنڌي اغوا يا قتل ڪيو تہ پوري ملڪ جي پوليس، فوج، ڪامورا ۽ سياستدان اچي اسان مٿان پوندا ۽ اسان جي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏيندا، پر سنڌيءَ جي حالت ۾ اسان کان رڳو پنهنجو حصو وٺڻ وارا اچي پنهنجا جهول ڀري ويندا آهن."

"اسان اِهو بہ ياد نہ ڏياريندا سين تہ اسان کي معلوم آهي تہ اسان جي ڪارروائين ڪري رڳو سنڌي ماڻهو مرن ٿا. جي اسان پنهنجي شڪار کي لٽيو، ڦريو يا ماريو تہ اهي بہ سنڌي هوندا آهن. جي اسان پوليس سان مقابلو ڪيو تہ ان ويڙهہ ۾ مرڻ ۽ ڦٽجڻ وارا سنڌي پوليس وارا هوندا آهن. جي ڳوٺائن سان مقابلو ٿيندو آهي تہ ان ويڙهہ ۾ بہ مرڻ ۽ ڦرجڻ ۽ برباد ٿيڻ وارا بہ

سنڌي هوندا آهن، انهن مقابلن ۾ ويڙهين ۾ مرڻ ۾ زخمي ٿيڻ وارا ڌاڙيل يعني اسين بہ سنڌي هوندا آهيون."

"شهرن ۾ ڌاڙيا پناهگير دهشتگرد سنڌين کي پيا تباھ ڪن ۾ ڀهراڙيءَ ۾ پنهنجا سنڌي پيا هڻ جو خانو خراب ڪن."

"ڏسو ساٿي بي آرام ٿي رهيا آهن ۾ پُٺ پُٺ ۾ سُس پُس جي شور سان احتجاج ڪري رهيا آهن. ڇڏيو انهن ورجايل قصن کي! اي دوستو، يارو، ساٿيو! ماٺ ڪريو! هاڻي همراھ نيون نيون ڳالهيون توهان جي آڏو پيش ڪندا."

"غيرتون تہ اسان سهسائي ڇڏيون. ذات جون، خاندان جون، زالن جون، نياڻين جون، زمين جون ۾ شايد قومي غيرتون بہ. اسان جون زالون ۾ نياڻيون ٽاڻن ۾ واڙيو ويٺا آهن، اسان جي ملڪيتن تي پراوا مالڪ بنجي ويٺا آهن. اسان پنهنجي قوم وارن کي ڦري ۾ ماري رهيا آهيون. اسان ڌاڙين جو نالو ڇو نہ ٿا وٺون، جي اسان جي هر مصيبت ۾ مسئلي جو ڪارڻ آهن! جڏهن اسان کي خبر بہ آهي تہ ڌاڙيل بنجڻ کان پوءِ ڌاڙيل جي سراسري عمر ٽي سال ٿيندي آهي ۾ هو پوليس يا ٻين سان مقابلي ۾ گوليءَ جو شڪار ٿيندو آهي يا قانون جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي، ڦاهيءَ چڙهندو آهي. پوءِ بہ ڌاڙين کي ڏسي ماٺ ڪري ٿا ويهون، حالانڪہ اسان جي دل ڪڙهندي آهي. اِهو ڏيکاري ٿو تہ اسان جو ٻيو سڀ ڪجھ مات ٿي سگهي ٿو، مگر قومي غيرت مات نہ ٿي آهي!"

"اقتدار وارا سياستدان ۾ وڏيرا اسان ڌاڙيلن کي پنهنجي سياست جي مفادن واسطي استعمال ڪرڻ لڳا آهن. توهان ڏٺو هوندو تہ هاڻي حاڪم سياستدان ۾ وڏيرا، اسان کي اهڙن سنڌين کي اغوا ڪرڻ جي چُرچَ ڏين ٿا، جي نہ دولتمند آهن ۾ نہ مالدار. پڌرو آهي تہ اهڙن ماڻهن وٽان مشڪل سان اسان کي ڪو پَنگ ملي ٿو، يا تہ بلڪل ڪو نہ ٿو ملي ۾ پوءِ بہ راھِ گناھ اسان کي هڻ کي قتل ڪرڻو پوي ٿو."

"يعني رڳو پوليس ۾ سنڌ دشمن اڳواڻن کان پَنِي ٿيرڻ لاءِ اسين اهڙا ڪيس ڪندا وتون."

"مون اخبار ۾ پڙهيو آهي تہ سنڌ جا پرمار مير، پير، وڏيرا ۾ ٻيا

سياستدان پنهنجي دائمي فائدي لاءِ اقتداري مفادپرست غير سنڌين جي ڇُرچ تي، سنڌ ۾ وچولو طبقو ختم ڪرڻ پئيان پيا آهن."

"اهو وچولو طبقو ڇا آهي؟"

"سنڌ ۾ جيڪي پنهنجي مڇي مانيءَ وارا آهن يا پڙهيل ڳڙهيل آهن، سي سمجهو ته وچولي طبقي وارا آهن. انهن ۾ ماستر، نوڪري وارا، شاگرد، دڪاندار، سياسي ڪارڪن ۽ ٻيا اهڙي سطح جا ماڻهو اچي وڃن ٿا."

"ان طبقي کي ختم ڪرڻ مان وڏيري، وزير ۽ سياستدانن جي ڪرسيءَ کي ڪهڙو فائدو پوندو؟"

"مولائي مون کي ڪجهه نشڙو به آهي، اِهي ڳالهيون سمجهه ۾ ڪونه ٿيون اچن."

"سمجهه ۾ اچي ويندئيون، رڳو غور سان ٻڌندو رهه. اجهان ته ڪجهه ٿي ساٿين کي ڳالهائڻو آهي ۽ آئندي به هڙا ٿي ڊمچر ٿيندا ٿي رهندا. توهان ڏٺو نه آهي ته وڏيرو پنهنجي ڳوٺ ۾ اسڪول وجهڻ نه ڏيندو آهي ڇو ته هن کي ڊپ هوندو آهي ته جي هارين ۽ ڳوٺاڻن جا ٻار پڙهي پيا ته نه هن جي غلامي ڪندا ۽ نه هن جي حاڪميءَ کي مڃيندا."

"مان اچوڪي اخبار مان توهان کي هڪ ٽڪرو پڙهي ٻڌايان ٿو: هينئر سنڌ لاءِ خاص ٽي مسئلا آهن (١) شهرن ۾ غير سنڌي دهشتگرد (٢) ٻهراڙيءَ ۾ ڌاڙيل (٣) سياسي فائدن جو چشڪو. سو به رڳو وڏيرڪي لڏي لاءِ...... هن ٽنهي شين جو گڏيل شڪار، ڳوٺن منجهان پيدا ٿيندڙ وچولو طبقو آهي. اهو ئي طبقو سنڌ جي تاريخي حقن جو شعور به رکي ٿو ۽ سنڌي طرح عوام منجهان آهي. پاڻ به پڙهي ٿو ۽ پنهنجي اولاد کي به پڙهائي ٿو. اهڙيون تنظيمون به قائم ڪري ٿو، جيڪي اسڪولن ڪولرائڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن. تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي ڳالهه به ڪري ٿو ۽ سنڌين کي سرڪاري ملازمتن ۾ حصي ڏيارڻ تي به ضد ٻڌيو بيٺو آهي. سنڌين لاءِ واپار، ڌنڌي، صنعتڪاري، ڪمپيوٽر سائنس، انجنيئرنگ، ميڊيڪل ۽ سماجي سائنسن جون ڳالهيون ڪري ٿو. هي ڪيساديون ۽ سوليون ڳالهيون ناهن. هي غير سياسي طريقن سان، سنڌ جي سياسي حقن جو ڪيس تيار پيو ٿئي....."

وڻ. انهن جي جدا جدا ٽولهه. ماپ ۽ رنگن جا ٽڙ. ڏار. ٽاريون. ڇڳا ۽ پن. ڪن وڻن ميوا لڙڪي رهيا آهن. ڪن ۾ ٻور آهي. ڪن ۾ رنگ برنگي ۽ دلڪش گلڙا آهن. گونچ آهن. پکي سريليون لاتيون لنوي رهيا آهن هڪ وڻ تان اڏامي ٻئي وڻ تي ويهي جڻ رانديون ڪيڏي رهيا آهن. آکيرن ۾ پنهنجن ٻچڙن سان چون چون جا شور ڪري رهيا آهن. پکي کهڙن سهڻن رنگن ۽ شڪلين وارا آهن. وڻن جي گهاٽائي ڪري جڻ ته انڌيرو آهي. پر انهن جي وٿين مان آسمان جا صاف. نيرا. روشن ۽ چلڪندڙ ٽڪرا ايئن لڳي رهيا آهن جيئن اڄ رات جو ڪراچيءَ هوائي اڏي ڏانهن موٽر ۾ ويندي. ايئرپورٽ روڊ تي لڳل ٽيوب لائيٽون."

"اسان کي قدرت جي نظارن ماڻڻ کان به محروم ڪيو ويو آهي."

"اسان هڪ ٻي به وڏي ڪوتاهي ڪري، پنهنجي سنڌي قوم کي وڏو هاڃو رسايو آهي."

"ڏس، سڀ توڏي پيا نهارين، تون ان ڪوتاهيءَ کان مڙني کي آگاهه ڪر. ٻڌڻ لاءِ ڪيتري نه ماٺ تي وئي آهي؟"

"توهان ٻڌو هوندو ۽ اخبارن ۾ پڙهيو هوندو ته هن سال جي آدمشماري موجب سنڌ ۾ چار ڪروڙ سنڌي آهن ۽ پناهگير فقط سٺ لک. هر ڏهين ڏهين سال اِها ماٺهو ڳڻپ ٿيندي آهي. هن ڀيري پناهگيرن سازش سٽي هئي ۽ وڏي رٿابندي ڪئي هئي ته هو ڪوڙا ۽ هٿراڌو انگ ڏئي، سنڌ ۾ سنڌين کي ٿورائيءَ ۾ ڏيکاريندا ۽ پاڻ کي گهڻائيءَ ۾. سنڌي هنن جي بدنيتيءَ کي اڳواٽ ئي تاڙي ويا. هيل تائين سنڌين ڪڏهن به ان معاملي ۾ دلچسپي نه ورتي هئي ۽ نه ايترو اهم سمجهي عملي قدم کنيو هو. هن ماڻهو ڳڻپ ۾ سنڌي سوير ئي سجاڳ ٿي ويا هئا. سياسي ۽ سماجي پارٽين ۽ تنظيمي، سياسي ڪارڪنن، شاگرد اديبن، پڙهيلن ڳڙهيلن، قوم جي هر باشعور فرد، ماڻهوءَ ماڻهوءَ در در، گهر گهر، گهٽيءَ گهٽيءَ، واهڻ واهڻ، وسنديءَ وسنديءَ، شهر شهر وڃي هر سنڌيءَ کي آدمشماريءَ جي اهميت ۽ قومي ضرورت سمجهائي ۽ هن تي زور رکيو ته هو هزار ڪم ڇڏي به پنهنجن گهرن ۽ گهر جي سڀني ڀاتين جي داخلا ڪرائين ۽ فارم ۾ ڏسن ته سندن مادري ٻولي "سنڌي" تي لکي وڃي. سنڌي اخبارن به هن ڏس ۾ اهم پا ائين

بہ چئجي تہ عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو ۽ سنڌين کي ماڻهو ڳڻپ جي اهميت ڏيان تي آندي، اهڙيءَ طرح سياسي ڪارڪنن ۽ سنڌي اخبارن هن ۾ سجاڳ ڪارڊ، ووٽ ۽ سنڌين کي تورائيءَ ۾ آڻڻ جي حوالي ۾ پاڻ ڳڻائڻ جي اهميت جو احساس پيدا ڪيو."

"اسان اِها ڳالهہ سمجهي تہ سنڌ جي پرمار طبقي کان سواءِ، هر طبقي جي ماڻهو ڳڻپ جي مامري ۾ قوم جو هٿ ونڊايو. پر اسين نياڳا ڏاڙيل ان رستي تي بہ قوم لاءِ رڪاوٽ بنياسين. اسين هزارين ڏاڙيل آهيون. پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏيو ويٺا آهيون. اسان جا ٻار ٻچا، خاندان ۽ مٽ مائٽ پوليس جي ڏپ، ظلم ۽ آزار کان پنهنجا گهر، وٿاڻ ۽ ڳوٺ ڇڏيو الائي ڪٿي دربدر ٿيو، ڌڪا ٿاٻا کائيندا ۽ لڪندا ڇپندا وتن. هاڻي اسان جا يا اسان جي ٻار ٻچن توڙي عزيزن قريبن جي گهرن توڙي نالن جي ڳڻپ ڪيئن ٿي هوندي. انهن تہ ڏپ کان بہ پنهنجي ۽ پنهنجي گهرن جي ڳڻپ نہ ڪرائي هوندي ۽ نہ لڪرائي هوندي. ان جو مطلب تہ سنڌين جو شمار هزارن ۾ داخل ٿيڻ کان رهجي ويو هوندو."

"ڪوڙ ڳڻپ ڪرڻ وارا اهڙن ٻيلن، جهنگلن، جبلن، ٻهاڙن ۽ ڪچي جي ايراضين ۾ آيا ئي ڪونہ هوندا، جتي لاءِ مشهور آهي تہ اتي ڏاڙيلن جا اڏا ۽ لڪاڻا آهن. لڪڻ جا ٽاڪ ۽ وٿاڻ آهن. ڪيترن تہ اهڙن رستن تان سفر ڪرڻ کان لهرايو هوندو، يا بيگاهہ وقت ٻاهر نہ نڪتا هوندا، جن لاءِ هن ٻڌو هوندو تہ اتي ڏاڙيلن بسن ۽ گاڏين جي ڦرلٽ ڪئي آهي. انهن ايراضين ۾ بہ ڪيترائي ڳوٺڙا آهن ۽ انهن ۾ رهندڙ سنڌي خلق بہ تہ ڳڻپ کان رهجي وئي هوندي."

"ڏسو! نڪائن ڪري اڏاٽل پکي، پنهنجي سلامتيءَ کي جوکو نہ ڏسي، وري موٽي اچي ٽارين تي يا آکيرن ۾ ويٺا آهن. شايد هو سمجهي ويا هجن تہ اهي نڪاءَ شڪارين جي بندوقن جا نہ هئا. ۽ هاڻي اهي ئي جهرڪيون، طوطا، تتر، ڪبريون، ڪانوَ، ڳيرا، اطمينان سان، اسان جي حقيقت پسند ڳالهين کي ٻڌي، پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اسان جي همت افزائي ڪري رهيا آهن ۽ سرها ٿي رهيا آهن!"

"مان تہ سمجهان ٿو تہ سنڌين جي ماڻهو- ڳڻپ ۾ گهٽ ۾ گهٽ

ڪو به سنڌي بيروزگار نه رهي، ڪو به ڌاڙيل نه رهي."

"ان لاءِ اسان کي ڌارين جي دلال وڏيري، اقتدار جي بکئي سنڌي سياستدان ۽ سنڌ دشمن غير سنڌي سياستدان جي هٿن ۾ ڪيڏڻ کان پاڻ کي بچائڻو پوندو. اسين هنن جي هٿن ۾ چوپڙ جون ڳوٽيون نه بڻجنداسين. اهي ٿي اسان جي باشعور وچولي طبقي کي اسان جي هٿان ختم ڪرڻ چاهين ٿا."

"اسان وچولي طبقي سان سات ڏئي پنهنجي سنڌ ۾ قومي ۽ سماجي انقلاب آڻينداسين."

"توهان اِهي ڳالهيون ڪيڏي نه اعتماد سان ڪري ويا ۽ انقلاب جو لفظ ڪيتري نه سولائيءَ سان توهان جي وات مان نڪتو آهي. پر مون کي پڪ آهي ته توهان مان گهڻا نه انهن ڳالهين جو مطلب سمجهن ٿا ۽ نه انقلاب جي سچ جي خبر اٿوَ. توهان چئو ٿا ته جي سرڪار، ڌاڙيلن کي عام معافي ڏئي ته توهان پيش پوڻ لاءِ تيار آهيو. پوءِ پلي انصاف سان توهان تي ڪيس هلائي توهان کي جو ڳيون سزائون به ڏنيون وڃن. پر بيروزگار ته هن نظام ۾ پنهنجي جاءِ تي موجود رهندا ۽ جي نوان نوان بيروزگار پيدا ٿيندا رهندا. ته انهن جو ڇا ٿيندو؟ اهي ڪيڏانهن ويندا. ڌاريا به اسان جي کيتن ۽ ڪارخانن ۽ اسان جي ڌرتيءَ تان سولائيءَ سان ته ڪونه ويندا. ان لاءِ به اسان کي هٿياربند سياست ڪرڻي پوندي ۽ اهڙي تيز تحريڪ هلائڻي پوندي جو هن لاءِ هي ڌرتي اهڙي تپي وڃي جو گهڙيءَ لاءِ هنن جا پير ان تي ڪيي نه سگهن. تنهن کان سواءِ پنهنجي ملڪ جا مفت جا هيراڪ وڏيرا، پرمار، سرمائيدار ۽ اقتدار پسند سياستدان به آهن، جن جي ظلمن ۽ درندگين، اسان کي هيءُ ڏينهن ڏيکاريا آهن ۽ جيابي جون واهون بند ڪيون ويون آهن. انهيءَ نظام جو به خاتمو آڻڻو آهي......."

"يائو. تون ڳالهائي تڪجي پيو هوندين. هاڻي مان تو ان ڳالهه کي اڳتي وڌايان. وري به اسان کي هٿياربند سياست سان ۽ وڏيون قربانيون ڏئي، هن سماجي ۽ سياسي سرشتي کي بهتر طور بدلائڻو آهي. زمينداريون ختم ڪري، زمين جو مالڪ هاريءَ کي بنائڻو آهي، جو کيڙيندو سو کائيندو ڪارخانن جو مالڪ مزدورن کي بنائڻو آهي، جو پورهيو ڪندو سو ئي اپت ۽ پيداوار ۾ ڪيل محنت آهر حصيدار ٿيندو."

# ترت ترقيءَ جي تاڙ ۾

مان اهو نہ ورجائيندس تہ ساگر ڏاڙيل ڪيئن بڻيو؟ هاڻي تہ ٻار ٻار کي سماجي سائنس جي اها ڄاڻ پئجي وئي آهي تہ اسان جي طبقاتي سماج ۾ وڏيرا ڌاڙيل بڻائن، پوليس تي ڌاڙيل بڻائي، ظلم تو ڌاڙيل بڻائي، بيروزگاري تي ڌاڙيل بڻائي...... هن جي مڪ سِپي اهڙي سهڻي ۽ وڻندڙ هوندي هئي، جهڙي ڪنهن رومانوي ناول يا ڪهاڻيءَ جي هيروئن. هن جي سونهن جو تفصيل ورجائڻ ۾ توهان کي نواڻ نظر نہ ايندي. عملي طرح ڏسبو تہ واٽ ويندي ڪنهن ڳوناڻي جي هن تي نهار وجي پوندي هئي تہ هو رڳو ڳيتون ڏيندي ۽ ٽڏا ساهہ پريندي، پنهنجي ويندڙ واٽ ڀلجي ويندو هو. شرط آهي تہ هوءَ مُرڪندي، ڪلندي يا ڳالهائيندي هجي. ان وقت هن جو مُنهن تازي ٽڙيل جهنگلي خوبصورت گل وانگر ٿي پوندو هو، جنهن لاءِ دل چاهيندي آهي تہ ان کي پنهي هٿن ۾ جهلي ان جي ذري ذري جو واس ونجي. جڏهن هوءَ ماٺ ۾ هوندي هئي تہ هن جو منهن ڏاڍو ڳنڀير بڻجي ويندو هو ۽ ان تي هڪ سونهن پيدا ٿي پوندو هو، جو البت هن جي چهري تي بدمزگيءَ جو اهڃاڻ بڻبو هو. بس ايئن سمجهو تہ ان وقت ايئن لڳندو هو ڄڻ تہ ڪنهن وڏي چترڪار جو شاهڪار هئي، پرجنهن جي خوبصورت چهري تي ڪنهن ساڙيلي، ڪاري رنگ مان برش ڀري، هن جي منهن تي هڪ داغ ڪڍي ڇڏيو هجي.

هيءَ هڪ وڏو ڳوٺ هو. جنهن ۾ پرائمري اسڪول ۽ ٻن ميلن تي هاءِ اسڪول بہ هو. جتان شاگرد ميٽرڪ پاس ڪندا هئا. ڳوٺ جا رهاڪو هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، پورهيت، ننڍا دڪاندار، ماستر، ڪلارڪ ۽ شاگرد هئا. پڙهيلن جو تعداد بہ وڌندو ٿي ويو. پر گهڻو شمار نوجوان بيروزگارن جو هو، جن ۾ پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل سنڌي هئا.

پر واري شهر ۾ ڀاڻ جو وڏو ڪارخانو هو، جتي غير سنڌين کي تہ جام نوڪريون ملنديون هيون، باقي سنڌين کي سوين ڦيرا ڏيڻ جي باوجود

سپيءَ جو مڱيندو ساگر گونڊر ۽ جاڻو جوان هو. هن اٺ ڪلاس پڙهيا هئا. ڏاڍا پنڌ ڪيائين، پر هن کي به ياڻ واري ڪارخاني ۾ نوڪري ڪانہ ملي هئي. ان ڪري هو پيءُ سان گڏجي ڪيتي ٻاڙيءَ ۾ هٿ ونڊائيندو هو. سپي هن جي مائٽ به هئي. ان ڪري ننڍي هوندي کان ئي هڪ ٻئي کي ٻئي ڏنو هئائون ۽ هڪ ٻئي جي سڳ جي سڌ هئن. هن جو هڪ ٻئي ۾ عشق محبت جو ناتو تہ ڪونہ هو، پر هڪ ٻئي واسطي پنهنجائپ وارو احساس ضرور هون. هڪ ٻئي کي ڏسندا هئا تہ خوشي ٿيندي هون. سپيءَ کي ايتري خوشي ڪنهن ٻئي مرد کي ڏسي ڪانہ ٿيندي هئي ۽ هوءَ ڪنهن ٻئي مرد ڏانهن پنهنجائپ جي جذبي ۽ غور سان نهاريندي بہ ڪانہ هئي.

سپي قد ڪاٺ واري ۽ سرير جي سگهاري، گهر توڙي ٻنيءَ جو ڪم ڪرڻ ۾ مڙس ماڻهو. هن جي پيءُ کي ايترو آرام هو، جو ڏهن ڏتن مونن پٽن هوندي بہ نہ هجيس ها. جڏهن هوءَ سرتين سان کوهہ تان پاڻي ڀرڻ وينديون هئي تہ هڪ ئي وقت تي دلا ڀري موٽندي هئي. هڪ ٻئي مٿان رکيل بہ مٽي تي ۽ ٽيون ساڄي هٿ سان پڪڙيل ساڄي ڪڇ تي. کاٻي هٿ سان هوءَ مٿي وارن دلن کي ٽيڪ ڏيندي هئي، جيڪي مٿي تي سينهونءَ تي رکيل هوندا هئا. هن کي ائين ايندو ڏسي، ڪي عاشقڙا جوان، سُسُ پُس ڪري ۽ مرڪي هڪ ٻئي کي چوندا هئا تہ سپي پنج دلا ڪٺيو پئي اچي مٿي تي، هڪ ساڄي ڪڇ تي ۽ بہ ڇاتيءَ تي. هن جون ڇاتيون ايتريون اڀريل، جوين سان ڀريل ۽ تڙيون ڪڙيون ۽ ڪشش واريون هونديون هيون ۽ هن جي ڇاتي پهلوانن وانگر اڀتي نڪتل هوندي هئي، جو پوتيءَ سان ڍڪيل هوندي بہ دلچسپ شرارت ڪندڙن جي چوڻ موجب ٻن دلن جهڙو ڏيکاءُ ٿي ڏنائين.
دلن جي حوالي سان پي بہ هڪ ڳالهہ ڳوٺ ۾ ٻڌبي هئي. جنهن وقت هن کي ٽي پاڻيءَ سان ڀريل گهڙا ڪنيل هوندا هئا، ان وقت هوءَ پنهنجو کاٻو هٿ، جنهن سان هوءَ مٿي تي رکيل دلن کي ٽيڪو ڏيندي هئي، تنهن کي هيٺ ڪري سهيلين کي للڪار ڪندي هئي، تہ هن مان ڪابہ هڪ ڄڻي اچي ان هٿ کي پنهنجن ٻنهي هٿن سان پورو زور ڏيئي پڪڙي، جڏهن ڪا سهيلي هن جو هٿ ائين پڪڙيندي هئي تہ هوءَ هڪڙي ئي جهٽڪي سا پنهنجو پڪڙيل هٿ سهيليءَ جي ٻنهي هٿن مان ڇڏائي وٺندي هئي ۽ هن جا ٽيئي

پاڻيءَ سان پريل دِلا اُئين جو اِئين هن جي مٿي ۽ ڪڇ تي ڪنيل هوندا هئا ۽ انهن مان پاڻيءَ جو ڦڙو به ڇلڪي هيٺ ڪونہ ڪرندو هو.

پڊرو آهي تہ اهي ڳالهيون ڳوٺ وارن جون ڀڏل ۽ ڏنل هيون. ۽ خود سپيءَ جي سگهاري بدن کي ڏٺو هين، ان ڪري ڪنهن کي بہ هن ڏانهن بدمعاشيءَ جي نهار ڪڻ جي همت نہ ٿيندي هئي.

البت ڳوٺ جو وڏيرو پنهنجي طبقاتي نشي ۾ مڙڻ وارو نہ هو. هن جي روش بہ روايتي هئي ۽ توهان جي ڄاتل هوندي، پر تڏهن بہ ماڙ ان جو ورجاءُ ڪندس، جيئن سپيءَ جي سگهاري ڪردار جي وڌيڪ ڇنڊائي ٿئي. اڌڙوٽ وڏيري، سپيءَ کي بہ چار دفعا ڏٺو هو ۽ هن جي ولولو وجهندڙ حسن ۽ هائيءَ کي ڏسي حيران ٿي ويو هو ۽ دنگ رهجي ويو هو. هن کي ڳوٺ جي هر ڇوڪري ۽ عورت وانگر پنهنجي ملڪيت سمجهي. پنهنجا ۽ پنهنجي وڏن جا دستوري طريقا عمل ۾ آندائين . . . . ڌوتيون، پڙويون، ڪمدار. هن جي پيءُ ماءُ کي لالچون، ڌمڪيون. . . . . هڪڙي ڳالهہ نرالي اها هئي تہ وڏيري جو سپيءَ کي ڏٺو هو ۽ ڏسڻ سان ئي هن ۾ جيڪا خود اعتمادي، سختي ۽ پختگي محسوس ڪئي هئائين، تنهن هن کي سپيءَ سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ يا رڳو هن جي گهر آڏو لامارا ڏيڻ کان ئي بي همت بنائي ڇڏيو هو ۽ حقيقت بہ اها هئي تہ وڏيري جي جن بہ هڪ ٻن پڙوين ۽ ڌوتين، سپيءَ سان رڳو ڳالهہ جا بہ ٻول شروع ڪيا هئا، تہ سپيءَ انهن کي نڙگهٽ کان پڪڙي، اهڙي تہ نپوڙ ڏني هئي جو، جي سپيءَ جا پيءُ ماءُ بروقت بچاءُ نہ ڪن ها تہ هو هن گهر مان سلامت نڪري ڪونہ سگهن ها.

وڏيري وري بہ رواتي ڪم ڪيو. هن پوليس سان سازش ڪري، سپيءَ جي مڱيندي ساگر کي ڪوڙي ڪيس ۾ جڪڙي، بہ سال ٽيپ جي سزا ڏياري ڇڏي. وڏيري کي خاطري ٿي ويئي تہ ان عرصي اندر، سپي ڪنهن نہ ڪنهن حيلي سان هن جي دام ۾ اچي ڦاسندي، ڇو تہ جنهن جي آسري تي هيڏي ٽيڪر تي ڪيائين سو تہ جيل ۾ قابو هو.

ساگر جي جيل ۾ پوڻ کان هڪ هفتو پوءِ، ڪي قيدي، جيل ٽوڙي ڪاميابيءَ سان ٻاهر ڀڄي نڪتا. ساگر کي بہ انهن سان گڏ ٻاهر نڪرڻ جو ٻڙ ملي ويو. هن پهرين رات ئي ان وڏيري ۽ ان پوليس جي صوبيدار کي

کهاڙيءَ سان قتل ڪري ڇڏيو. ٻيلي ۾ وڃي لڪڻ کان اڳ، هو سڀيءَ سان سندس گهر وڃي مليو ۽ پنهنجي ڪارنامي جي ڄاڻ ڏنائين. سڀيءَ شڪايت ڪئي ته اهو ڪم ته هن کي پاڻ ڪرڻو هو ۽ ان لاءِ هوءَ اجان ڪنهن طريقي ۽ موقعي لاءِ ئي سوچي رهي هئي.

ساگر ٻيلي ۾ وڃي، ڌاڙيلن جي هڪڙي ٽوليءَ ۾ شامل ٿيو ۽ ڪجهه آزمودي ڪاڻپوءِ پنهنجي سرداريءَ هيٺ، خطرناڪ ۽ خونخوار ڌاڙيلن جي ٽولي ٺاهيائين. هن ڪيترائي خون، اغوا ۽ ڦرن جا واقعا ڪيا. البت هن شعوري طرح پنهنجو نشانو وڏيرا ۽ سنڌ ۾ ڌاريا بنايا. ان دوران هو سڀيءَ سان به ملندو رهيو ۽ هن کي ڪن هٿيارن هلائڻ جي سکيا به ڏيندو رهيو.

(٢)

هن ڳوٺ ۾ پوليس ٿاڻو به هو، جنهن جو انچارج ننڍو صوبيدار هوندو هو. تازو هڪ نئون پنجابي صوبيدار هتي بدلي ٿي آيو هو. هو موڪل تي پنجاب ويل هو ۽ اتان شادي ڪري، زال سميت هن ڳوٺ ۾ آيو هو.

سهاڳ رات، اڪيلائيءَ ۾، سينگاريل ڪوٺيءَ ۾، جڏهن هن پنهنجي ڪنوار کي پهريون ڀيرو ڀرپور نظر سان ڏٺو هو ته هن جي سونهن ۽ سوڀيا، رنگ ۽ روپ، مرڪ جي مستي، شرميلي اکين جو مچڪائڻ، ليٽڻ جي ادا، ارهن جي چڪ ۽ ڪنواري ڪمر ڏسي هن شينهن ۽ ڪسرتي مڙس کي ايڏي ته خوشي ٿي هئي، جو پهلوانن وانگر وڏي رڙ ڪري، ڪنوار کي ٻنهي ٻانهن ۾ ٻيڪوڙي، ايئن وٺي ڦيرائيون ڏنيون هئائين جو ڄڻ ته ڪشتي پئي کيڏيائين ۽ مخالف کي چت ڪيرائڻ ٿي چاهيائين. ڦيرائيون ڏيڻ وقت پنهنجي موج ۾ چيلهه هن جي کي ايڏو زور ڏنائين جو ڪنوار کي ايذاءُ اچڻ لڳو. ڪنوار هجڻ ۽ پهرين رات هجڻ ڪري هوءَ ڳالهائي ته نه ٿي سگهي، تنهن ڪري پهرين ڪنجهڻ لڳي ۽ پوءِ پاڻ ڇڏائڻ لاءِ مڇيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳي. نيٺ صوبيدار هن کي شاديءَ جي سيج تي ڪري ليٽايو.

ڪنوار جو جسم ڏسي، هن کي جسماني شوق سان گڏ، هڪ ڳالهه جي بي انتها خوشي اچي دماغ ۾ ويٺي هئي، جنهن ڪري هن کي محسوس ٿيو ته هاڻي هن جي من جي مراد به پوري ٿي سگهندي. سڄي رات هو پاڻ ۾

ڳوٺيون ۾ لڏتون وتڏيندا وريچيندا رهيا. وچ وچ ۾ صوبيدار پنهنجي من جون ڳالهيون به ڪندو رهيو. هو هن کي ٻڌائيندو رهيو ته سپاهيءَ جي حيثيت ۾ سنڌ ۾ جدا جدا پنهنجي هر قوم جي وڏن آفيسرن ۽ ڪامورن وٽ، اردلي يا باڊي گارڊ جي ڊيوٽي ڏيندو رهيو هو. هن اهو به ڏٺو هو ته انهن جون زالون ڏاڍيون سهڻيون ۽ آزاد خيال هيون ۽ هن محسوس ڪيو هو ته انهن آفيسرن ڏاڍي تڪڙي ترقي ڪئي هئي ۽ وڏن وڏن عهدن تي پهتا هئا ۽ هن اِهو به محسوس ڪيو هو ته انهن مان گهڻن آفيسرن کي سندن سهڻين زالن جو ساٿ ۽ سهڪار رهيو هو، جو ته سنڌ جا ميمبر، وزير ۽ وڏا ڪامورا، سونهن جي معاملي ۾ ڏاڍا ڪچا آهن. صوبيدار پنهنجي ڪنوار کي اهو اشارو به ڏئي ڇڏيو ته هوءَ انهن سندس هر قوم جي بيگمن کان گهڻو وڌيڪ خوبصورت هئي ۽ جي هن جو سهارو ۽ سهڪار بڻي ته هو ترقيءَ جا ڏاڪا، ڏاڍي تيزيءَ سان مٿي چڙهي ويندو. هو ڏهن سالن ۾ مس ننڍو صوبيدار بڻيو هو، پر هاڻي هو پنجن سالن اندر ٿي ايس . پي نه ته ڊي . ايس . پي ضرور بڻجي ويندو، ۽ پوءِ وٽن ايئرڪنڊيشن بنگلو، ايئرڪنڊيشنڊ ڪار، نوڪرن جا ٿها. سون سان پيرايل تجوريون ۽ ڇا ڇا نه هوندو!

ڪنوار به پنهنجي شادي سنڌ ۾ نوڪري ڪندڙ صوبيدار سان ٿيڻ جو ٻڌي، پنهنجي آئيندي جي جيون لاءِ دل ئي دل ۾ اهڙائي نقشا ۽ اهڙيون ئي چٽساليون ٺاهڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون. هن سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ وارن پنهنجي ويس وارن ۽ ديس وارين لاءِ ڇا ڇا نه ٻڌو هو ۽ ڏٺو هو!

چارج وٺڻ سان ئي صوبيدار ڳوٺ ۽ آسپاس پنهنجي حد جي مجرمن، ڇڳن ۽ ڏاڍن مڙسن جو واءُ سواءُ وٺڻ شروع ڪيو. هن کي جلد ئي معلوم ٿي ويو ته هتي ڌاڙيلن جو انگ به ڪجهه سرس ٿي آهي، جن مان ڪن تي ته لکين رپيا انعام رکيل آهي. هن ماٺري کي پنهنجي نگاهه کان ور ور ڪري سوچيو ۽ انهيءَ نتيجي ۾ پنهنجي مقصد جي حاصلات نظر آيس ته ڪنهن نموني هو ڌاڙيل پڪڙي ۽ ان سان گڏ زال جو سهڪار به حاصل ڪري ته هو تيزيءَ سان ترقي ڪري سگهي ٿو. هن وڏن ڌاڙيلن جي فهرست ڏئي ۽ هرهڪ جون پوري تفصيل سان ڪارروايون، ڪارگذاريون، سياسي ڳانڍاپا، هن جو اڳو پيڇو، هو ڪهڙن سياستدانن جي سايي هيٺ آهي، ڪهڙي

وڏيري جيَ پاتاريءَ جو هو. هن جا کھڙا عزيز مائٽ ۽ دوست ساٿي هئا ۽ ڪٿي جا رهاڪو هئا. هن جون کھڙيون يارڙيون هيون ۽ ٻيا اهڙا لاڳاپيدار سوال پڇيائين.

ٻچاڙيءَ ۾ ڪجهه سوچ ويچار ڪان پوءِ، هن جي چونڊ جي نظر ساگر تي وڃي پيئي. هن تي ڏهه لک روپيه انعام رکيل هو. هو هن ڳوٺ جو هو، هن جي مَڱَ به هن ڳوٺ ۾ رهندي هئي. هن جو ڪوبه وڏيرو، وزير يا ميمبر سرپرست نه هو، پاڻ سڀ وڏيرا هن جا دشمن هئا. هن جي مڱَ لاءِ صوبيدار ٻڌو ته ڏاڍي ڪڙڪ، تيڙي باز ۽ سگهاري آهي ۽ ڪنهن تي اک ئي نه ٿي ٻڌيس. هن مچن کي تاءُ ڏيئي چيو، "ڪنهن مڙس سان واسطو ڪونه پيو اٿس، ڏسي وٺبو."

صوبيدار، ساگر جي باري ۾ جاچ جوچ ۽ پڇا ڳاڇا ڪندو رهيو. جتان ڪٿان رڳو هن جي دليري ۽ بي ڊپائيءَ جا قصا ٻڌائين. صوبيدار کي هاڻي هڪ ئي ڳالهه سمجهه ۾ ٿي، اها هيءَ ته هن جي غيرت کي للڪارجي، هن جي غيرت ۾ هٿ وجهجن ۽ هن کي خبر هئي ته غيرت سنڌين جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري آهي. هن جي مڱَ سپيءَ کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائبو ۽ گهر مان ڪڍي ڪنهن ٻئي هنڌ لڪائبو ۽ پنهنجي وس ڪبو ته عيش به ماڻبو ته هي حرامي ڦُر ڏاڙيل به اچي پيش پوندو.

هن کي اِها به ڄاڻ هئي ته سنڌي ڏاڙئي هٿان انفرادي توڙي اجتماعي سطح تي مارجڻ جو نه آهي، هن کي وري به سنڌي يا اڻ سنڌي طرح ٻئي سنڌي (دلي، دلال يا دشمن) هٿان مارائي سگهجي ٿو. ان ڪري هن جتن ڪيو ته ساگر کي دوکي سان سندس ڪنهن دوست يا مائٽ ذريعي قتل ڪرائجي، پر ان ۾ به هو ڪامياب ڪونه ٿيو.

هن ٿاڻي تي مقرر جمعدار ۽ چارئي سپاهي بدلي ڪرائي غير سنڌي رکرايا هئا. هن جو پنهنجن آفيسرن کي چوڻ هو ته سنڌي سپاهي سنڌي ڏاڙيلن کي پڪڙڻ ۾ سچائي ڏيکاري نه ٿا سگهن.

هڪ سانجهيءَ جو صوبيدار ٻن سپاهين کي موڪليو ته سپيءَ کي وڃي سندس گهران ٿاڻي تي وٺي اچن. ڪڙڪي تي سپيءَ جي پيءُ در کوليو ته سپاهي ڌوڪي اندر اگهڻ ۾ گهڙي آيا ۽ رڙ ڪري چيائون ته سپيءَ کي

پليت ماٿهو هن کي زبردستيءَ کٽائي ايندو، ۽ هن اهڙي ڪمپاڻي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ به تصور ئي تصور ۾ پنهنجين ترڪيبن جي تياري ڪري ڇڏي هئي. هن ان تماشي يا ناٽڪ جي به الاهي دفعا تصور ئي تصور ۾ Rehearsal ڪئي هئي ۽ ورجايو هو. هاڻي هن کي ائڪٽنگ ڪرڻي هئي.

هوءَ پاڻ سنڀالي اٿي وڃي، صوبيدار سامهون ڪوچ تي ويٺي ۽ مرڪي هن ڏي نهاريائين. صوبيدار جي دل وڌي.

"ناراض ته نه ٿي آهين؟"

"هاڻي هتي پهچي، وٺي آهيان ته ناراضگيءَ مان ڪهڙو فائدو؟"

"پيئنديءَ" هن شراب ڏي اشارو ڪري چيو.

"ڪڏهن نه پيتو اٿم. پيئندس ته هرويرو طبيعت خراب ٿيندي يا ايترو نشو ٿيندو جو مزو ماڻي نه سگهندس"

مان پيئڻ کان پوءِ ڏاڍو مزو ماڻي سگهندو آهيان ۽ مزو ڏئي سگهندو آهيان."

"پوءِ ته پيئو! خوب پيئو!"

"ماني به ته کائڻي آهي."

"ماني پئي کائبي. مون کي ته خاص بک به ڪانهي."

"پر مون سان مانيءَ ۾ ته ڪجهه ساٿ ڏيڻو اٿئي."

"اِهو ته ٿيندو، پر اج ته ڪا ڪسر نه ڇڏ، ايترو پي جو ڪاڏي جي لاءِ به تنهنجي پيٽ ۾ جاءِ نه بچي."

"ان لاءِ شرط آهي ته گلاس ڀري تون ڏيندي وڃ."

"ان ۾ ته مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي."

صوبيدار، سپيءَ کي سمجهايو ته گلاس ۾ ڪيترو شراب هجي ۽ ڪيترو سوڍا يا پاڻي.

هوءَ هن کي گلاس ڀري ڏيندي وئي. پر سوڍا ۽ پاڻي گهٽ ٿي وڌائين ۽ شراب زياده. نشو ته اول ئي جام چڙهي ويو هيس، هاڻي ته ان ۾ ٻڏڻ لڳو. هڪ ٻه دفعو دانهن به ڪيائين ته هڪ ئي وقت ان انگريزي شراب جي بوتل جو مان ته ٽيون حصو پيئندو آهيان، هي ته اڌ ٿي ويو آهي. پر سپي هن کي اِهو چوندي گلاس مٿان گلاس ڏيندي ويئي ته اجوڪي رات خاص رات آهي.

ماٺهوءَ جي سنڀال هيٺ سندن گهر موڪليو. ۽ پاڻ پنهنجن ٻين ماڻهن کي ساڻ ڪري سيپيءَ جي تلاش ۾ نڪتو. ڳوٺ جي ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳولا ڪئي وئي، سڀ حيلا هلايا ويا. پر جڏهن تہ سيپيءَ ۽ صوبيدار کي زمين ڳهي وئي هئي، سو هن جو سراغ نہ ملي نہ مليو. ساگر جو رت تهڪي رهيو هو. هوڏانهن صوبيدار کي ٻيٽ ئي ڪانہ هئي تہ ساگر کي سندس ڪارروائيءَ جي ايترو جلدي معلومات حاصل ٿي ويندي. هن جو ڪاٿو هو تہ ٻئي ڏينهن تي مس هن کي خبر پهچندي، تيستائين هو سڄي رات عيش ڪندو ۽ صبح جو تعلقي جي ٻين ٿاڻن تان پوليس جا اتالا گهرائي ولندو، ۽ جيڏن ئي هي غيرتمند، پنهنجي پرواهہ نہ ڪري، ٿاڻي تي ڪاهي ايندو تہ پوليس جي گهيري ۾ ائين ڦاسندو جيئن مڇي جار ۾ ڦاسي پوندي آهي.

سپي جو هٿ نہ آئي تہ هن تهڪندڙ رت سان، ڏند ڪرٽيندي دل ۾ چيو تہ هن حراميءَ جي بہ هيءَ رات هنجي حياتيءَ جي پڇاڙڪي رات ٿي ڏسجي. هو پنهنجي ٽوليءَ سميت صوبيدار جي گهر پهتو. هن جو ارادو هو تہ هو هن جي گهر ۽ زال تي قبضو ڪري ويهندو، وڏيڪ ڪارروائي صوبيدار جي موٽڻ تي ڪبي. هو ٿاڻي تي مقرر سيني سپاهين کي تہ ماري چڪو هو.

گهر جي چوڪيداري ۽ ڪم ڪار لاءِ صوبيدار وارن پنهنجو ۽ ڳوٺ جو ماڻهو آندو هو، جو ڏيک ويک ۽ هلت چلت ۾ پورو پهلوان لڳندو هو. هن کي ڪا ڪڙڪ پئجي وئي تہ ڏاڙيل ساگر ٿاڻي ۾ پهچي ويو آهي. سو يڪدم اچي بيگم کي اطلاع ڏنائين. هوڏانهن صوبيدار پنهنجي بيگم کي ٻڌائي ويو هو تہ ڏاڙيل ساگر جي باري ۾ پڪي خبر پئي آهي تہ هو فلاڻي هنڌ موجود آهي ۽ هو پنهنجو اتالو وٺي، هن جي پٺيان وڃي ٿو ۽ هن کي يقين آهي تہ هن کي پڪڙڻ ۾ سوڀارو ٿيندو ۽ ان ڪري رات جو دير سان موٽندو. زال کي تاڪيد بہ ڪيائين تہ نوڪر دروازي وٽ هٿيار بند ٿي خبردار ٿي وهي. صوبيدار جي بيگم وري ساگر جي پهچي وڃڻ جو ٻڌي نوڪر کي تاڪيد ڪيو تہ جي ساگر هن طرف اچي تہ ريهي ريبي، ڪنهن نموني هن کي اندر سندس ڪمري ۾ پهچائي. بيگم سوچيو تہ هن کي پنهنجي مڙس جي نوڪريءَ ۾ تڪڙي ترقيءَ ۾ سهارو بڻجڻو آهي، جي هي ڏاڙيل ڪنهن نموني، ڪنهن طريقي هن جي هٿان جهلجي پيو تہ هن کي نہ رڳو مٿيرو

عهدو ملندو پر ڏهہ لک رپيا انعام بہ ملندو. هن سوچيو تہ هوءَ پنهنجي جوڀن ۽ چست حسن جي چقمق سان ساگر کي ريجهائي سگهندي ۽ هن کي هن سان گڏ، هن جي بستري تي جواني ماڻڻ لاءِ هرڪائيندي، ۽ هن کي ايستائين پنهنجن ماڻن ۾ روڪي رکندي، جيستائين هن جو صوبيدار مڙس، پنهنجي عملي سان اوچتو اچي هن کي جهڪيو نہ پڪڙي. هن اهي سڀ ڳالهيون مڙس کي سمجهائڻ لاءِ اول ئي پنهنجي نوڪر کي اشارو ڏيئي ڇڏيو هو.

(٥)

ساگر پنهنجن مڙني ماڻهن سان اچي صوبيدار جي گهر وٽ پهتو. در وٽ ويٺل نوڪر کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي کو نہ ڏنو ويو. هڪدم هن کي پڪڙي، هن جو هٿيار ڦري، هن جو بوٽ ڪٺي ٻڌائون، جيئن هو ڪو پوڪڙ ڪري نہ سگهي. پوءِ هن کي ڏنڊا هڻي، مرڻ جهڙو ڪري، هٿ پير ٻڌي، گهر جي اڱڻ جي هڪڙي اونداهي ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيائون. پوءِ ساگر پنهنجن الن ماڻهن مان ڇهن ماڻهن کي چوڪسي لاءِ ٽاڻي تي موڪليو تہ جيئن ئي صوبيدار اچي تہ هن تي قبضو ڪيو وڃي ۽ هن کي موٽر مان ئي لهڻ نہ ڏنو وڃي. ۽ چار ماڻهو هن گهر جي چوڦير پهري تي بيهاريائين.

پوءِ هو اڪيلي سر، هٿيار تاڻي گهر ۾ گهڙيو.

دروازا ايئن ڪليل هئا ڄڻ تہ هن جو انتظار ڪيو پيو وڃي. سارو گهر بجليءَ سان روشن هو. ساگر ٻنهي پاسن نهاريندو وراندي ۾ پهتو ۽ سامهون هڪڙي ڪمري جو لڪيل دروازو ڏسي، اوڏانهن خبرداريءَ سان وڪون وڌائڻ لڳو. پر چائنٽ ٽپڻ سان سامهون نظر پوندي هن جا قدم ڪبي ويا. هن جي واڇ گودو تي ويئي. هن جون اکيون ڦاٽي هڪ هنڌ ڄمي پٿر تي ويون ۽ هن جي دل ٻيهي وئي. هو ايترو تہ پڙهيل ڪونہ هو ۽ نہ چترڪار يا مورتي ساز هو، جو سونهن جي ڪنهن يوناني ديويءَ جو نالو هن جي ذهن تي هڪدم تري اچي ها. پر جهنگ ۾ بہ هو هندستاني فلمون گهرائي دوستن ۽ ٽوليءَ وارن سان وي – سي – آر تي ڏسندو هو ۽ سهڻيون هيروئنون ۽ ايڪٽريسون هن کي ڏاڍيون وڻنديون هيون ۽ انهن جا نالا بہ ياد رهجي ويا هئس. انهن ۾ سِري ديوي هن کي ڏاڍي پسند هئي ۽ وري وري پيو هن جون فلمون ڏسندو

اٿم ته اڻ ڏٺي ئي تنهنجي لاءِ تڙڦندي رهي آهيان ۽ مس مس الائي ڪيتري انتظار ڪان پوءِ موقعو مليو آهي ته تون اڃڻ سان مون تي شڪ ڪرڻ لڳو آهين."

" پيو ڪير آهي، هن وقت هن گهر ۾؟ "

" ڪير به نه."

" تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟ "

" هو ته توڪي ڳولهڻ لاءِ جهنگ پيو جهاڳيندو هوندو. ڇٽي ويو آهي ته هو سڄي رات ڪو نه ايندو. "

"مان توتي اعتبار ڪري نه ٿو سگهان."

"تون منهنجي پيار جو امتحان ٿو وٺڻ چاهين ته پوءِ هل ۽ هلي سڄي گهر جي جهڙتي وٺ."

"مان اول ائين ئي چاهيان ٿو."

بيگم اٿي سنئين ٿي بيٺي. پهرين پنهنجي بدن جي ڪن حصن جا شفاف ڪپڙا هٽائي، هن کي ڏيکاريائين. ساگر جا جذبا پڙڪي اٿيا. پوءِ هوءَ اڳيان ۽ هو پٺيان. هن کي هن جي چال به سِري ديويءَ جو نچڻ لڳو. هن گهر جا چارئي ڪمرا، رڌڻو، غسلخانو ۽ اسٽور روم چڱيءَ طرح جاچي ڏٺا ۽ هر طرح جي خاطري ڪيائين. پر هن جو بدن گرم ٿيندو ٿي ويو ۽ جذبا هاٿي قبضي کان ٻاهر ٿي ويا هئا. واپس پهرئين ڪمري ۾ اچي بيگم هڪدم در جو اندريون ڪڙو بند ڪيو ۽ ساگر کي ڇڪي پلنگ تي ڪيرائي هن سان سلهاڙجي ويئي. ساگر به مستيءَ ۾ اچي ويو، البت هٿيارن ڏي ڌيان رکيائين. هن کي ان ڳالهه ڪيڏو نه مزو ڏنو ته سندس خواهش جي موٽ ۾ هوءَ خواهش ڏيکارڻ ۾ ڪو به حجاب نه ڪري رهي هئي. مزي ۾ ڀرپور ڀاڱو وٺي رهي هئي. هي عورتون مرد کي راضي ڪرڻ جا گرَ ڄاڻن ٿيون ۽ هوڏانهن اسان جون زالون آهن، جي نڪاح ٻڌل هوندي به پنهنجي جذبن جي نمائش تي پڻ نقلي حجاب جو پردو وجهي ڇڏينديون آهن.

هن ڪنهن به عورت سان ظلم ۽ زوري نه ڪئي هئي، طبيعت ٿيندي هئس ته پئسن تي ڪا سهڻي عورت گهرائيندو هو ۽ ڪجهه وقت هن سان گذارڻ کان پوءِ، هو پاڻ کي ڏاڍو هلڪو محسوس ڪندو هو ۽ هن جي

۾ رهڻو ٿو پوي. نه مانيءَ جو سک، نه سمهڻ جو ساهه. هر دم موت ۽ مارجڻ جو انديشو. هر وقت پوليس ۽ فوج جو خطرو. اهو ته تو پڌو هوندو ته، "هڪ دفعو ڌاڙيل بڻجڻ کان پوءِ ڌاڙيل جي سراسري عمر ٽي سال ٿيندي آهي، پوءِ پوليس يا فوج جي گوليءَ جو شڪار ٿئي يا ڦاسيءَ تي چڙهي."

"مون کي خبر آهي، پر منهنجا به شرط ٻڌي ڇڏ. اڄ تائين ته رڳو مردن پٺي شاديءَ لاءِ شرط وڌا آهن. پر هاڻي مان عورتن طرفان شرط وجهڻ جي روايت شروع ٿي ڪريان، اهي هي آهن: مون کي ڌاڙيل طور پنهنجي ٽوليءَ جو ميمبر بڻائيندين ۽ مان مرداڻا ڪپڙا پائي ڌاڙا هڻنديس. سنڌين ۾ صرف وڏيري کي ماربو يا اغوا ڪبو. باقي ڪنهن غريب سنڌي کي هاڃو نه رسائبو. باقي جيڪو مڇي مانيءَ وارو ڌاريو وَر چڙهيو ته هن کي نه ڇڏبو. انهيءَ ڌاڙيل کي به نه ڇڏبو جو غريب سنڌيءَ کي پنهنجو نشانو يا شڪار ٿو بڻائي. اهڙي ڌاڙيل کي به خون ڪبو ۽ ڌاڙيلن جي ڪارروائين کي هٿياربند سياست ۾ بدلائبو. انهن ڳالهين جو پرچار بين ڌاڙيلن کي به ڪبو. اهي ڳالهيون ته اول به مان توکي تاڪيد سان چوندي رهي آهيان. پوءِ ڇا ٿا چئو؟"

"منظور!"

"منظور!"

پنهي جا ٽهڪ گونجڻ لڳا.

"پر پنهنجي شادي؟" اوچتو سپيءَ سوال ڪيو.

"صبح جو سج اڀرڻ کان اڳ ٿي ويندي. منهنجا ماٺو ملو وٺي ايندا. نڪاح پڙهجي ويندو ۽ اسان جا ساٿي اسان کي لائون ڏيندا."

وري به ٽهڪن جي آواز فضا کي پري ڇڏيو. ❑

پوليس جو ماڻهو آيو. ڊاڪٽر سهاڳ هن کي ٻڌايو ۽ سرٽيفڪيٽ لکي ڏنو ته لطيفان غلطيءَ سان غلط دوا کاڌي هئي. پوليس واري به مريض ۽ مريض جي ماءُ کي ڏٺو ۽ هن جا فقيراڻا حال احوال ڏٺا ۽ شايد کنهن اپراسي جي اميد نظر نه آيس ۽ کنهن به قسم جي پڇا ڳاڇا غير ضروري سمجهي، واپس هليو ويو.

زهر لطيفان جي جيري ۽ ٻڪين تي چڱو خاصو خراب اثر ڪيو هو. هن کي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو.

ڊاڪٽر دل من سان پرگهور لهي، لطيفان کي صحتياب ڪرڻ جا جتن ڪندو رهيو. هو ڏهاڙي هن جي چڱيءَ طرح چڪاس ڪندو هو، هن کان حال احوال وٺندو هو ۽ ڪجهه وقت هن سان ڪچهري ڪري هن کي وندرائيندو هو، هن جي دل جوئي ڪندو هو ۽ هن کي دلجاءِ ڏيندو هو. هن کي ڪلاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ پاڻ ڳالهه ڳالهه تي زور سان ٽهڪ ڏيندو هو. ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ته هو شعوري طرح لطيفان ۾ زندهه رهڻ جو چاهه پيدا ڪري رهيو هو.

هڪڙي دفعي لطيفان وٽ ويٺو هو ته هڪڙي نرس- اسٽوڊنٽ، هن جو ٽيمپريچر ڏسڻ آئي. هوءَ ڏاڍي تڙي ڪڙي، هشاش بشاش، سهڻي، صحتمند ۽ ڳاڙهي ڳٽول هئي.

ڊاڪٽر لطيفان کي چيو، "ڏس هيءَ نرس ڪيتري نه من موهڻي آهي. هن جي عمر به تو جيتري آهي. تازو مئٽرڪ پاس ڪئي اٿائين ۽ هتي نرسنگ جو ڪورس ڪرڻ آئي آهي. تون به صحت قائم رکڻ ۽ سنڀال ڪرڻ سان اهڙي خوبصورت، تازگيءَ سان ڀرپور ۽ ڳاڙهي ڳٽول ٿي ويندينءَ."

اهو ٻڌي، لطيفان مرڪي ۽ شرمائجي ويئي. اسٽوڊنٽ- نرس به مرڪيو ۽ ڊاڪٽر ڏي مهڙ ڪري چيائين، "ٿئنڪ يو، ڊاڪٽر!"

ڊاڪٽر، لطيفان جي کاڌي پيتي جي باري ۾ به اسپتال وارن کي خاص هدايتون ڏيندو هو. هو پنهنجي طرفان به اڪثر لطيفان لاءِ ڪير، ميوو ۽ ٻيون کائڻ جون وٿون آڻيندو هو.

بيماري گهٽجندي ويئي. لطيفان جي منهن تي رونق اچڻ لڳي. هن جو بدن ڪي قدر ڀرجڻ لڳو. هوءَ خوش رهڻ ۽ آسپاس ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي.

"سڄي عمر فاقن ۾ محروميءَ ۾ گذري هئي. نه مٽ نه مائٽ. نه ساٿي نه سڄڻ. ڪا واهه ئي نظر ڪانه ٿي آئي. برداشت جي حد ٿي چڪي هئي. سوچي سوچي دماغ خراب ٿي پيو هو ۽ سمجهير ته هاٿي چري ٿي پوينديس. هونءَ به ڏينهن ۾ هڪ ويلو نصيب ٿيندو هو. سو به اڌورو ۽ اڻپورو. ان ڏينهن کان ٿي ڏينهن اڳ، پناهگير شودا رستي تان پستولن سان هوائي فائر ڪندا آيا. ماڻهن دڪان بند ڪري ڇڏيا ۽ گهرن ۾ وڃي لڪا. منهنجو ياءُ به گاڏو ڇڏي اچ گهر ۾ بند ٿيو. پنيان شودا گاڏو ڪاهي الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويا. سو تن ڏينهن کان اسانجي گهر جي ڪنهن به ياتيءَ کي پيٽ ۾ هڪڙو داڻو به نه پيو هو. مان پاڻ کي وڌيڪ روڪي نه سگهيس ۽ پنهنجو انت آڻڻ لاءِ فنائيل جون گوريون ڦڪي ڇڏيم."

"اهي گوليون توهان گهر ۾ استعمال ڪندا آهيو ڇا؟"

"اسان وٽ ڪٿان آيا اوني ڪپڙا.

بابو يا ياءُ جيڪي شيون گاڏي تي وڪڻندا هئا. تن ۾ فنائيل جو گوليون به هونديون هيون. انهن شين مان ڪجهه شيون گهر جي هڪڙي ڪنڊ ۾ رکيل ڪوکي ۾ پيون هونديون هيون. انهن ۾ اهي گوليون به هيون."

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر سهاڳ، لطيفان کي هڪڙي تجويز ڏني. مون وٽ تو لاءِ هڪ تجويز آهي. خبر ناهي تون مڃيندينءَ الائي نه؟"

لطيفان هن جي مهربان ۽ مرڪندڙ مک ڏي نهارڻ لڳي.

"مان چاهيان ٿو ته توکي سلائيءَ جي مشين وٺي ڏيان. جيئن تون اوڙي پاڙي جي سلائيءَ جو ڪم ڪري، پنهنجي گهر وارن جو خرچ هلائي سگهين."

"پر سلائي نه مونکي اچي ۽ نه منهنجي ماءُ کي."

"ان لاءِ به مون سوچيو آهي ته سلائي سيکارڻ واري ڪنهن اسڪول ۾ داخلا وٺ. توکي فقط هڪ مهينو اها سکيا وٺڻي پوندي ۽ اسڪول جي في به مان پاڻ ڀريندس."

هوءَ ڪافي دير ڏاڍي سوچ ۾ پئجي ويئي.

"مان اول ئي توهانجي الاهي احسانن جي بار هيٺ آهيان. توهان تي وڌيڪ بار وجهڻ مناسب ناهي."

"پيءُ جو ٻه ڪو ڏيءَ تي احسان ٿيندو آهي ڇا؟ پيءُ جو ٻه ڪو ڏيءَ تي بار ٿيندو آهي ڇا؟ تون ٻه ته منهنجي ڏيءَ آهين."

"پر مان اهڙي خود مطلب نه ٿينديس. توهان کي وعدو ڪرڻو پوندو ته توهين اهي پئسا مون کان واپس ضرور وٺندا. پوءِ ڀلي مونکي ان ۾ دير ٿي وڃي يا قسطن ۾ ڏيان. مان واعدو ٿي ڪريان ته سلائيءَ جي ڪم ۾ ڏاڍي محنت ڪنديس، ضرورت پئي ته چويهه ئي ڪلاڪ پورهيو ڪنديس." لطيفان جي گفتگوءَ مان خود اعتمادي، زندگيءَ سان چاهه ۽ جيئڻ جو نئون اتساهه ڇلڪي رهيو هو.

"جي تو ايڏي محنت ڪئي ته تون پنهنجن ٻارن ۽ ٻيئرن کي اسڪول به موڪلي سگهندينءَ. مون اڄا ٻه ٻيو سوچيو آهي ته مان تنهنجي پيءُ جي سلسلي ۾ سرڪار جا آچيل پنجاهه هزار رپيا پڻ ڏياريندس. مان سڀ لڳاپيل ڪاغذ هٿ ڪندس، هنگامن ۾ ستايل سنڌين جو امداد لاءِ سنڌي وڪيلن جي ڪاميٽيءَ وٽ به ويندس ۽ سنڌ قومي اتحاد وارن جو به سهڪار حاصل ڪندس ۽ ٻيو به هر حيلو هلائيندس. اهو توهانجو حق آهي ۽ مون کي اعتماد آهي ته اهو توهان کي ملي ويندو. پوءِ توهان پنهنجي لاءِ ڪو بهتر گهر به وٺي سگهندا."

ڊاڪٽر ماٺ ٿي ويو. هن کي دل ۾ ويچار آيو ته هي هيتريون تجويزون ۽ سڻاءَ جيڪي لطيفان کي ٻڌايا اٿم، سي سپنو ئي رهندا يا ساڀيا جو روپ به وٺندا.

لطيفان به نظر هيٺ ڪري ماٺ ٿي ويئي. هن جون اکيون آليون ٿي ويون هيون.

"پر بابا، توهان پنهنجن پئسن وٺڻ جي ته ڳالهه ئي ڪانه ڪئي."

"مان پنهنجي ڏيءَ کي ڪيئن ٿو احسان جتائي سگهان. جڏهن ڪو احسان ئي ڪونهي ته وڏيڪ ڳالهائي منهنجي دل کي رنج نه ڪر."

لطيفان روئي ڏنو ۽ ڪو وقت رئندي رهي. ❑

# ڀھاڙن ۾ واردات

چار ڇٽيون، چار ڇوڪريون، چار مائٽياڻيون، چار ساهيڙيون، چار ڳوٺاڻيون، چار جوانڙيون، چار ڪنواريون، چار البيليون، چار چلوليون، خالي ماحول ۽ ڪليل فضا ۾ ٽهڪن جا رديف ۽ قافيا گونجائينديون، ڪائنات کي زندگي بخشينديون، ڀھاڙي ڀيڄري تي هلي رهيون هيون.

"اڙي!......" بانوريءَ اوچتو رڙ ڪري چيو ۽ بيهي رهي.

ٻيون به بيهي رهيون.

"ڇو؟ ڇا ٿيو؟"

"مون کان دِلا ڪڻڻ ته وسري ويا!" بانوريءَ چيو.

ٻين ٽنهي کي به به دِلا ساڻ هئا.

"مڙئي خير آ. تو پاڻي نه آندو ته توتي ميار ڪانهي، نيٺ به ته تون مهمان آهين."

"اڙي واهه، اڄ مان ڇا ۾ اچي مهمان ٿيس. مان به توهان "جهڙي ستر وتر ۽ سگهاري آهيان ۽ سدائين توهان سان توهان وانگر ٻه دِلا ڀري کڻي ايندي آهيان، ڪڏهن به رڪيا هيم، پر نڪرڻ وقت کڻڻ وسري ويا. توهان هتي بيهو، مان اجهو ٿي کڻي اچان" بانوريءَ چيو ۽ ڳوٺ ڏانهن ڀڄڻ لڳي.

هوءَ اهڙي البيلائيءَ، معصوميت ۽ خوشيءَ مان ٽپا ڏيندي ٿي ويئي، جو اهو خيال ٿي آيو ته شاهه لطيف کي اهڙو ڏيک ڏسي ٿي "ڇوريءَ ڏنا ڇال" جو محاورو ذهن ۾ ايريو هوندو: هو ڳوٺ کان سڏ ڪن پري پنڌ ڪري آيون هيون. بانوريءَ موٽڻ ۾ دير ڪانه ڪئي. سيئي گڏجي اڳتي وڌيون.

هيءَ هڪ ڀھاڙن جي وچ ۾ ڏهن ٻارهن گهرن جو ڳوٺ هو. سڀ رهاڪو هڪ ذات ۽ هڪ آکهه جا هئا. برسات ڪانه پئي هئي. ان ڪري هنن کي رڌ پچاءَ ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي واسطي به پنج ميل پري هڪڙي چشمي تي وڃڻو پوندو هو.

ڇوڪريون ڳالهائينديون ۽ کلنديون، پيچري تي هلنديون رهيون. پيچرو ڪڏهن ٽڪرن جي وچ مان ٿي هليو، ڪڏهن ٽڪري تي ٿي چڙهيو، ڪڏهن ڪڏن کي ٿي پار ڪيائين. مينهن نه پوڻ ڪري ڪٿي ڪٿي سڪل ۽ ڪٽل ٻوٽن ۽ ٻوٽن جا ٽڪرا هئا. ڪٿي ڪو اڪ سائو جهنگلي وڻ به نظر آيو ٿي.

هيون ته چارئي ڇوڪريون مضبوط ۽ نِهري هڏ ڪاٺ واريون ۽ هنن جي پوشاڪ به پهاڙي عورتن واري هئي، پر بانوريءَ جي چنڊ ڦوڪ، بدن جي ٺاهه ٺوهه ۽ هلت چلت مان اهو پروڙڻ ۾ دير نه ٿي لڳي ته هن کي شهر جو واءُ لڳل آهي.

بانوريءَ کي ٻيون به ٽي ڀينر ۽ ٻه ڀائر هئا. هن جي چاچي ۽ چاچيءَ کي، شاديءَ جي ويهن سالن ڪانپوءِ به ڪو ٻار ڪونه ٿيو هو. هن پنهنجي ياءُ يعني بانوريءَ جي ماءُ کان بانوريءَ کي پنهنجي ڌيءَ ڪري پالڻ لاءِ ورتي هئي. ان وقت بانوريءَ جي عمر ٻه سال هئي. بانوريءَ جو چاچو ضلعي واري شهر ۾ هاءِ اسڪول ۾ ماستر هو. ماستر توڙي سندس جوءِ، اولاد جا ڏاڍا سڪايل هئا. هنن ڏاڍي دلچسپيءَ ۽ لاڏ ڪوڏ سان، بانوريءَ جي پالنا ڪئي. هن جي تعليم تي به پورو توجهه ڏنائون، ۽ هن کي آزاديءَ جو قدر ڪرڻ سيکاريائون. هن وقت هوءَ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ نه صرف تعليمي، پر ادبي، بحث مباحثي، سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺندي هئي. هوءَ هن وقت سنڌي عورتن جي هڪ سياسي پارٽيءَ ۾ سرگرم ۽ برجستي ڪارڪن به هئي.

هوءَ پنهنجي پهاڙي ڳوٺ ۾ سال ۾ ڪيئي ڀيرا ايندي هئي ۽ هر ڀيري ڪجھ ڏينهن رهندي هئي. اتي هوءَ سارو وقت عورتن ۽ ڇوڪرين سان سنڌ جي سماجي ۽ سياسي مسئلن، خاص ڪري سنڌي عورت جي حوالي سان ڳالهائيندي رهندي هئي. انهن ڳوٺاڻين ۾ به انهن مامرن ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي وئي. انهن ۾ قومي ۽ سماجي شعور پيدا ٿيڻ لڳو. هاڻي هو ڪيترائي سماجي ۽ سياسي اصطلاح به سمجهڻ لڳيون هيون.

بانوريءَ سوچيو ته سنڌي وڏيرا، سنڌونديءَ جي پاڻي جو جيڪو ناٽڪ رچائي آيا آهن، اڄ ڀينرن سان ان باري ۾ ڳالهائجي، اسين آهيون به پاڻي جا سڪايل ۽ اڃايل ۽ ٻيون به پيون پاڻي ڀرڻ.

جا ناڪام جتن ڪندو آهي. جيئن هينئر پاڻيءَ جي ورڇ جي معاملي ۾ ٿي رهيو آهي.“ بانوري وري چيو.

”سنڌ سان پاڻيءَ جي مسئلي ۾ ٿيل ظاهر ظهور بي انصافيءَ جي باري ۾ سياسي پارٽين، سياسي اڳواڻن ۽ سياسي ڪارڪنن جي بيانن سان اخبارون ڀريون پيون آهن. سنڌي عوام انهن جي اهڙين زباني لپاڙن کان بيزار ٿي پيو آهي. هن ۾ جي ٿوري به سچائي آهي ته هن کي کپي ته عملي قدم کڻن. مثال طور عوام کي تيار ڪري هن جو گهيرو ڪجي ۽ ايستائين نه ڇڏجي جيستائين هو پنهنجي ڪرسي نه ڇڏين.“ بانوريءَ وري چيو.

ان وقت پر واري پهاڙيءَ پٺيان هڪڙو همراهه ظاهر ٿيو ۽ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو ڇوڪرين طرف اچڻ لڳو. ويجهو پهتو ته هن سڃاتو ته اهو جوان سنڌن ئي ڳوٺ جو ۽ سندن ئي برادريءَ جو هو. تيز هلڻ ڪري هو سهڪي رهيو هو.

چيائين: ”تر جا به ٿي ماٺهو واٽ تي ملير. هن ٻڌايو ته رينجرس جا اٺ ڏهه سپاهي ڌاڙيلن جي تلاش ۾ هن پاسي آيا آهن، ۽ جنهن چشمي تان توهان پاڻي ڀرڻ ٿيون وڃو، ان وٽ اچي ڪئمپ لڳائي اٿن. سو ڀينر، توهانجو اوڏانهن وڃڻ ٺيڪ نه ٿيندو....

هو لٽيرا، بدمعاش ۽ بزدل ٿيندا آهن، ڌاڙيلن سان مقابلو ڪرڻ جي همت ته ڪانه ٿيندي اٿن، باقي بي ڏوهي ۽ بي هٿيار ڳوٺاڻن کي ڦريندا ۽ ماريندا آهن ۽ عورتن جي بي حرمتي ڪندا آهن، ۽ مسڪين ۽ اڻوجهه مارئڙن کي گرفتار ڪري ٻڌي ويندا آهن ۽ ظاهر ڪندا آهن ته هو ڌاڙيل آهن. يا ته هو مرڳوئي هن کي گولين جو شڪار بڻائي هام هڻندا آهن ته هو ڌاڙيل هئا ۽ پوءِ انعام اڪرام حاصل ڪندا آهن... سو هن ويل چشمي تي وڃڻ ٺيڪ نه آهي...“

ڇوڪريون به سڀ ماٺ ٿي ويون ۽ سوچڻ لڳيون. سج اڀرڻ کان به اڳ هو پاڻي ڀرڻ لاءِ گهران نڪتيون هيون، پاڻي ڀري مس اهڙي مهل واپس گهر پهچنديون، جو منجهند جي ماني پچائڻ جي تياري ٿي سگهي. ان تياريءَ لاءِ هن جو پاڻي پهچائڻ ضروري هو. پاڻيءَ جا ٻيا به ڪي تلاءَ هئا، پر انهن جو پاڻي ٻيهل ڪنو هو، ۽ اهي تلاءَ اڃان به وڏيڪ پري ۽ ابتي طرف هئا.

نکري ويا هوندا، پيو تہ نالائق هئن وٽ هٿيار ڏسي ڇتا ٿي پوندا ۽ هن سان الائي ڪهڙيون جٺيون ڪندا." بانوريءَ چيو.

سڀ منجهيل نظر آيون.

اٿين ٿي هن جي نظر پريان هڪ ٽولي تي پئجي ويئي. هو ايترو پري بہ ڪونہ هئا، پر ايترو ويجهو هئا جو هو اندازو ڪري ٿي سگهيون تہ هو نوجوان ڇوڪرا هئا ۽ سنڌي هئا، ۽ هن مان گهڻن جي پٺين تي ڏکيا ٿيلها ڪنيل هئا. شايد هو پڪنڪ ڪرڻ آيا هئا.

حقيقت ۾ جتان هي ڇوڪريون پاڻي ڀرڻ ويندريون هيون، اها پڪنڪ ڪرڻ جهڙي جڳهہ هئي. ڪڏهن ڪڏهن خاص ڪري شاگرد اتي سير ۽ وندر لاءِ پيا ايندا هئا. جبل مان چشمي جو صاف شفاف پاڻي نڪرڻ جو نظارو ڏاڍو دل کي وڻندڙ ۽ نظرن کي اڙائيندڙ هو. چشمي جو پاڻي جنهن هيٺاهينءَ ۾ ڪرندو هو، اتي هڪ ننڍي ڍنڍ ٺهي وئي هئي ۽ ان ڍنڍ جو پاڻي واٽر ڪورس جيڏي واهہ ۾ پوندو هو ۽ اهو واٽر ڪورس چڱو ڏکهو هو ۽ ڪافي پريرو ٿي وهندو هو. ان جي آسپاس چڱا ساوا ساوا کيت ۽ فصل هئا. پاڻيءَ جي دائمي موجودگيءَ ۽ وهڪري ڪري آسپاس پهاڙين تي ساوڪ هئي، وٽڪار هئي، ڪيترائي ڇانو ڪندڙ وڻ هئا. جدا جدا رنگن جون وليون هيون ۽ ٻوٽا هئا، مختلف رنگن جا دل لڀائيندڙ گل هئا. پکين جا ولر پيا اڏامندا هئا يا ڍنڍ مان پاڻي پيئندا هئا. ڍنڍ جي شفاف پاڻيءَ منجهان مڇيون ترنديون نظر اينديون هيون. هاري ناري پنهنجن ڍڳن ڍورن کي اچي اتان پاڻي پياريندا هئا. جابلو مايون ۽ مرد پاڻي ڀرڻ پيا ايندا هئا. انهن ۾ ڪي ڪي تہ ڏاڍيون سهڻيون ڇوڪريون هونديون هيون. اهڙو تہ مست ڪندڙ ڏيک هوندو هو، جو ڀانئبو هو تہ ڄڻ سوات واديءَ جو سوات نديءَ سميت ڪو ٽڪرو ڪوري ڪڍي اچي هتي رکيو ويو هو.....

پر پڪنڪ لاءِ اچڻ وارا شاگرد تہ بس ۾ ايندا آهن ۽ هنن سان اڪثر شاگرديائيون بہ هونديون آهن. پر هي ڇوڪرا تہ پنڌ ٿي پنڌ پيا وڃن ۽ رخ بہ چشمي واري هنڌ ڏانهن نہ اٿن.

ٻين کي ٻڌائڻ يا ٻين کان پڇڻ ڪانسواءِ بانوري اوچتو اٿي کڙي ٿي، ۽ وڏيون وکون کنندي، ڇوڪرن جي ان ٽولي طرف ڀڄڻ لڳي. اڳيرو وڃي هن

وڌندڙ شعور جون لهرون محسوس ٿينديون هيون.

ڇوڪرن چيو ته اسين هن علائقي ۾ ايندا رهندا آهيون ۽ هتي جي چپي چپي مان واقف آهيون. هر پهاڙ، هر ٽڪر، هر غار، هر چر، هر ڀيچرو، هر چشمو، هر تلاءُ، هر گهر، هر ڳوٺ، هر رستو اسان کي سڃهي ٿو. اسان رينجرس جي چشمي تي موجودگيءَ جو مامرو به سمجهي وياسين، هن اهو به ٻڌايو ته اسان سنڌين جي تحفظ واسطي نهايت ڪارگر هٿيار به هر وقت پاڻ وٽ رکندا آهيون، جي هن وقت به اسان جي هن ڏکڻ ٽيلهن ۾ ڪاريهر نانگ وانگر ڦڻ ڪڍيو بيٺا آهن. بانوريءَ کي ٻڌايون ته چشمي جي چوڌاري اسان کي اهي لڪل جايون سڃهڻ ٿيون، جتان دشمن جو نشانو وٺي سگهجي ٿو. اسين اڳواٽ اتي وڃي ٿا پوزيشنون سنڀاليون. توهان اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ پنهنجي دلن سميت اٿين اچجو جيئن رواجي طرح پاڻي ڀرڻ ايندا هيو. اهو همراهه به ساڻ آڻجو. جي اسان هن کي توهان سان ڪا بدتميزي ڪندي ڏٺو، يا هو ڪا اهڙي حرامپائيءَ جي ڳالهه چوي ۽ اسان جي ڪن تائين نه پهچي ته توهان هڪڙو دلو ٺڪاءُ ڪري هن مان هڪ جي ڀوٽ تي هڻجو. دلي جي ڀڄڻ جي آواز سان اسين پاڻهي هن کي نشانو بنائڻ شروع ڪنداسين، پوءِ ڏسجو هن جا ڀڄڻ.

"اسين سنڌ جي پاڻيءَ تان هٿ نه کڻنداسين !" بانوريءَ خوش ٿي نعري واري نموني چيو.

"اسين وڏيرن وانگر سنڌ جي پاڻيءَ تان هٿ نه کڻنداسين !" سيني ڇوڪرين هڪ آواز ٿي چيو.

جيڪا ڳالهه ڇوڪرن بانوريءَ کان ڳجهي رکي هئي ۽ هن کي نه ٻڌائي هئي، اها هيءَ هئي ته هو پنهنجي سياسي پارٽي طرفان هن پهاڙن ۾ دور دراز علائقن ۾ گوريلا جنگ ۽ هٿيار هلائڻ جي سکيا وٺڻ ايندا هئا.

هي گوريلا چشمي جي چوڌاري مورچا سنڀاليو ويٺا هئا ته ڇوڪريون دلا کنيو پنهنجي همراهه سميت اچي پهتيون. سپاهين کان سواءِ اتي ٻي ڪا ٻهر ڪانه هئي.

رينجرس جي ڊپ ڪري نه مالدار مال کي پاڻي پيارڻ آيا هئا ۽ نه پاڻي ڀرڻ وارا هئا.

گوريلن ڏنو ته سپاهين همراهه کي هڪ ٽڪريءَ پٺيان وهڻ جو حڪم ڏنو. ٻه ٽي سپاهي ڏند تيزي ڇوڪرين سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ رائيفلن جي نمائش ڪندي هنن کي ويجهو پوڻ لڳا. ٻه ٽي سپاهي ننڍين ننڍين ٽڪرين تي پهري ڏيڻ جي رسم پوري ڪري رهيا هئا. اوچتو گهڙي پڇڻ جو نڪاءُ ٿيو ۽ ان سان گڏ رائيفلن ۽ ڪلاشنڪوف جي ٺڪ ٺڪ شروع ٿي ويئي. ڪي سپاهي ڪري پيا ۽ ڪي لڪڻ جون جايون ڳولهڻ لڳا. پوءِ چوڌاري فائرنگ شروع ٿي ويئي ۽ رڻ ۾ راڙو مچي ويو.

ايتري ۾ ڇوڪرين ٽڪرين ۾ وڃي پنهنجي بچاءُ جون جايون سنڀاليون. سپاهي هڪ ٻئي کي چوندا رهيا ته پڇو پڇو ڌاڙيل اچي ويا. هو اوٺن ۾ لڪندا پنهنجي ٽرڪ ۾ وڃي چڙهيا. لاش ٻه ان ۾ وڌائون. گوريلن ٻه هنن کي پڇڻ جو موقعو ڏنو. هنن جو ڪاٿو هئو ته ٻه سپاهي مئا هئا ۽ ڪجهه زخمي ٿيا هئا.❑

# آفريڪا جو مهمان

هن جا ماءُ پيءُ توڙي هو پاڻ هن رشتي طي ٿيڻ ڪري ڏاڍو خوش هئا. ڪنوار کي بي انداز دولت ڏاج ۾ ٿي ملي، جنهن ۾ موٽر، بنگلو، زيور، ڪپڙا، نقد به شامل هئا. تنهن کان سواءِ ڪنوار جو پيءُ هڪ وڏو ۽ نامر ڪنيو واپاري هو، جنهن ڪري هن کي پنهنجي واپار ۾ اجا به وڌيڪ ترقي ۽ فائدي جي اميد هئي.

انهيءَ خوشيءَ ۾ هن شاديءَ جي ٻئي ڪنهن پهلوءَ تي توجه ڏيڻ وساري ڇڏيو. هونءَ به ڪنوار پردي نشين هئي، تنهن ڪري اسماعيل شخصي طرح نه هن کي ڏسي ٿي سگهيو ۽ نه ڄاڻي ٿي سگهيو.

شاديءَ واري رات پنهنجي زال سان پهرين ملاقات وقت ئي اسماعيل جي دل پرزا پرزا ٿي پئي. هن جي دل چاهيو ته هو اُتي جو اُتي وڃي ڏاج وارين شين کي تيلي ڏئي ڇڏي. هن سڀ ڪجهه هارايو هو.

سارو ڏينهن دڪان تي مغز ماري ڪري جڏهن شام جو گهر موٽندو هو، جتي هو اڪيلو هوندو هو، تڏهن هن جي دل چاهيندي هئي ته "هڪ حسين جوانڙي هجي جا هروقت منهنجي انتظار ۾ ويٺي هجي، ۽ جنهنجو خوبصورت منهن ڏسڻ ۽ پاسي ۾ وهڻ سان، ساري ڏينهن جي ٿڪاوٽ دور ٿي وڃي." پنهنجي هيءَ ڪنوار ڏسي هن کي محسوس ٿيو ته هيءَ اها عورت نه آهي جنهن جي تلاش ۾ هو ڀٽڪندو رهيو هو. سر سبز ۽ شاداب دنيا جي درميان رهندي به هن "رج" جو دوڪو ڪاڏو هو.

ٻاهرين طرح هو پروين سان نڀائڻ لڳو. پروين جي سانوري ڇهري تي ماتا جي ڪِنَ هن کي بدشڪل بنائي ڇڏيو هو. تعليم به خير ڪا پرايل هئس. لڄاري ۽ ڪمتريءَ جي احساس جو شڪار. ٻين سان رلڻ ملڻ تمام ٿورو، پر هوءَ ڏاڍي وفادار ۽ فرمانبردار عورت هئي. پنهنجي خاوند جي خدمت ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندي هئي. هن جي سک ۽ آرام جو هر ممڪن خيال رکندي هئي.

اسماعيل بانوءَ کي سٺيون سٺيون سوکڙيون، ڪپڙا ۽ زيور وٺي ڏيندو هو. ان سان گڏ پروين واسطي بہ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور آڻيندو هو.

هڪ رات پروين کي سڄاڳي ٿي، ۽ ڏنائين تہ پرڀرو اسماعيل سمهيل ڪونهي. پنجن ڏهن منٽن بعد ڏنائين تہ هو آهستي آهستي هلندو اچي پلنگ تي پهتو. هن جي پڇڻ تي جواب ڏنائين تہ "پيٽ ۾ اچي وڪڙ پيو سو پائخاني ۾ ويو هوس." پروين همدردي ۽ تشويشن جو اظهار ڪيو، ۽ جڏهن هن خاطري ڏنس تہ مان هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان، تڏهن هن وري ننڊ جي تياري ڪئي.

وري بہ ٻن چئن راتين جو ننڊ ڦٽڻ تي هن مڙس کي ٻاهر ويل ڏٺو. موٽڻ تي هن ٻڌايو تہ پيٽ ۾ تڪليف آهي. پروين کي ڏاڍو خيال ٿي پيو ۽ هن کان پڪو وعدو ورتائين تہ هو ضرور ڪنهن ڊاڪٽر کان وڃي مشورو وٺندو.

ٻہ ٽي ڏينهن ٻيا بہ گذريا. هڪ رات جنهن وقت اسماعيل بستري تان اٿي رهيو هو، ان وقت پروين جي اک کلي پئي. هوءَ اجا پوري طرح هوش حواس ۾ ڪانہ آئي جو اسماعيل آهستي هلندو ڪمري جو در ٻيڪڙي ٻاهر نڪري ويو. هوءَ هن جي واپسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

اڌ منو ڪلاڪ گذريو، پر هو ڪونہ موٽيو. پروين کي ڏاڍي اڻ تڻ ٿي پئي تہ متان تڪليف وڌي نہ وئي هجيس. هن ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ وڃي ڏسان تہ ڇا حال اٿس. ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجيس تہ ڊرائيور کي جاڳائي موڪليان تہ وڃي ڊاڪٽر کي وٺي اچي.

بانوءَ واري ڪمري وٽان لنگهي ٿي تہ اندر ڪجھ سس ڦس ٻڌائين. هن کي ڏاڍو اچرج لڳو. ڪمري ۾ بجليءَ جي هلڪي روشني رهندي هئي. هن دريءَ جي شيشي مان اندر نهاريو. . . . هن خيال ڪيو تہ منهنجي اکين دوکو کاڌو آهي. هن وري نهاريو. . . . ويچاريائين تہ خواب تہ نہ آهي. . . . اکيون مهٽي هڪبار وري چتائي ڏنائين . . . . اهوئي ساڳيو منظر هو! هوءَ وڌيڪ ڏسي نہ سگهي ۽ نہ ڪجھ سوچي سگهي. ❑

# جاڳيا جڏهن ڳوٺ

دادلو، چئن سالن کانپوءِ دبئيءِ مان ڳوٺ آيو ته ڳوٺاڻن جو ڦرڪو ڦريل ڏٺائين. هو اداس، لٿل منهن، اڻ چاتل خوف ۾ ورتل، ڪهت ڳالهائو، منجهل ۽ هيسيل ٿي ڏٺا. خيال آيس ته مان گهڻي وقت کان پوءِ آيو آهيان، انڪري اهو منهنجو محض وهم آهي، ورنه هن ڳوٺ جا رهاڪو سدائين خوشمزاج، محنت ڪش همت پريا ۽ رلئا ملئا پئي رهيا آهن.

ڳوٺ جي آدمشماري ٻه هزار کن هئي. انهن ۾ هر قسم جي ڌنڌي وارا ماڻهو هئا؛ ڪڙمي، ڪاسبي، مزور، پورهيت، دڪاندار، ڏکڻ، لوهار، کٽي، ملاح، سونارا، حجم، ننڍين ننڍين نوڪرين وارا ۽ هڪ وڏيرو به هو. ماڻهو دل لائي محنت ڪندا هئا ۽ ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جا ڀائيوار ٿيندا هئا. اتفاق سان ئي ڪو منهن پيلو ڏسبو هو. سانجهيءَ جو مرد ٻار، ڇوڪرا، ڇوڪريون ۽ نوجوان ڳوٺ ٻاهران واري ميدان تي راندين ۾ رڌل ڏسبا هئا؛ ونجهوٽي، پلهاڙو، ملهه، والي بال. ڇوڪريون لڪ ڇپ ۽ ٻيون پنهنجيون ڇوڪرين واريون رانديون ڪنديون هيون.

عورتون به ڏاڍيون همت ۽ حوصلي واريون توڙي خود اعتماد واريون هيون. ڪنهن مرد کي همت نه ٿيندي هئي جو گهٽي مان لنگهندڙ ڪنهن اڪيلي نوجوان ڇوڪري يا ضاعفان ڏانهن کهوري ميري اک سان ڏسي يا هن سان ڪا مستي ۽ ڇيڙڇاڙ ڪري. جي ڪو اهڙي بدمعاشي ڪندو هو، ته اها عورت هن جي اتي ئي اهڙي لاک لاهيندي هئي جو ان بدمعاش کي پڄڻ ۽ لڪڻ جي جاءِ نه ليندي هئي ۽ نه وري گهر جي مردن تائين ڳالهه پهچڻ جي نوبت پهچندي هئي. زالون ڏندين ڏاند هيون. پردي جو به ايترو رواج ڪونه هو. ٻنين ۽ ٻارين تي ته عورتون جتي ڪٿي ڪم ڪنديون آهن، پر هن ڳوٺ ۾ دڪانن ۽ ٻين ڌنڌن ۾ به هو مردن جون ٻانهن ٻيلي هونديون هيون.

ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول هو، جنهن ۾ ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون پڙهنديون هيون. هاءِ اسڪول ۾ هئڻ کي پڙهڻ لاءِ پر واري شهر ۾ ويڃڻو

پوندو هو.

سومهڻيءِ جو ڳوٺاڻن جون ڪچهريون شروع ٿينديون هيون. ڳن ماسترن ۽ هڪ ٽپيدار جون اوطاقون هونديون هيون. اتي ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا هئا ۽ رات جو ڳچ دير تائين پيا زماني جون اوپاريون لهوارون خبرون ڪندا هئا. راڳ روپ به ٿيندو هو.

هتي منٺار جي پچار نه ڪرڻ سان قصو اڌورو رهجي ويندو. هو هڪ ويڙهي ۾ هڪ گهر ۾ رهندو هو. ڏاڏو دلبر ۽ دلبر جوان هو ان ويڙهي ۾ چار پنج خاندان رهندا هئا. ماسات ماساتيون، سوٽ سوٽيون، سڀ پاڻ ۾ رت جا رشتيدار هئا. گڏ ڪائڻ پيئڻ، اٿڻ وهڻ، کيڏڻ ڪڏڻ، جوانيءَ جو بهار به هر ڪنهن تي اچڻو آهي. منٺار کي پنهنجي سوٽ ساران وڻڻ لڳي. مکڙي ڦٽي گل ٿيڻ سان، پهرين جو چنڊ چوڏهين جو چنڊ ٿيڻ سان، اهو وڻڻ هالار جبل جيڏو وڏو، پڪو ۽ پختو ٿي ويو. پر منٺار کي آهستي آهستي محسوس ٿيڻ لڳو ته ساران جي دل هن سان نه آهي، پر هڪ ٻئي ماسات محمود سان آهي. هو هن کي جاچيندو رهيو ۽ پرکيندو رهيو ۽ پڪ ٿيس ته ساران محمود هڪٻئي کي بيحد چاهين ٿا. تڏهن به هن هڪ ڀيرو آزمائڻ چاهيو. هڪ لڱا، پنهنجي منهن ساران کان پڇڻ جو وجهه ملي ويس. ساران به صاف جواب ڏنس ته مان محمود سان پيار ڪريان ٿي ۽ هن سان ئي شادي ڪنديس، ان تي منٺار منهن ۾ گهنج به ڪونه وڌو ۽ پنهنجي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيائين ته مان توهان ٻنهي کي سدائين خوش ڏسڻ ٿو چاهيان ۽ ساري ڄمار توهانجي سکي زندگيءَ لاءِ دعاگو رهندس.

منٺار پرڻجڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو ۽ ان خيال تي قائم رهيو. ساران جي شادي محمود سان ٿي وئي. منٺار، ساران کي ڏسي دل جي گهراين سان خوش ٿيندو هو ۽ هن جي ڪنهن ڪم اچي سگهندو هو ته خوشين جي پرن سان اڏامڻ لڳندو هو. منٺار کي ڪڏهن به غمگين نه ڏٺو ويو. ساران هن جي قريب هئي، هو هن کي هرروز ڪيترائي ڀيرا ڏسي سگهندو هو ۽ هن جي ڪم اچي ٿي سگهيو. هن وٽ ته خوشين جا ايڏا انبار هئا، جو آسانيءَ سان ورهائي ٿي سگهيو.

هن خوشيون ورهائڻ شروع ڪيون. ڳوٺاڻن ڏٺو ته ساران جي وهانءِ

"مان پاڻ کي توهان کان ڪڏهن الڳ سمجهيو آهي، پر ڪجهه واقعن جو تفصيل ته ٻڌايو."

"ها، پهرين ته توهان جي پنهنجي گهر کان ٿا شروع ڪريون. ڇا توکي تنهنجي مائٽن ڪجهه نه ٻڌايو آهي؟"

"نه، مونکي اڃا ته ڪجهه نه ٻڌايو اٿن." دادلي ورائيو.

"ته ٻڌ! ٿاڻو ڇالو ٿيڻ سان، پوليس وارن پهرين توهان جي گهر کي شڪار بڻايو. وڏيري وسيلي هنن کي خبر پئي ته توهان جي گهر جو هڪ ڀاتي يعني تون دبئي ۾ ڪمائين ٿو ۽ اتان نوٽن جون ٿهيون موڪليندو رهين ٿو. اها ڳالهه ٻڌي پوليس وارن جو دماغ ڪتي جي ڪرفتيءَ سان ڀرجي ويو ۽ وات گٽر جو پاڻي ٿي ويو. ان رات ئي ٻه پوليس وارا زوريءَ توهان جي گهر ۾ گهڙي پيا ۽ توهان جي پيءُ تي الزام هنيائون ته تون هيروئن جو واپار ڪرين ٿو ۽ اسين گهر جي تلاشي وٺنداسون. توهانجي گهروارا گهبرائجي ويا ۽ اڃا نندا ڪڙين اکين کي پٽي مهٽيائون ۽ ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آين. ان گهبراهٽ دوران هڪ پوليس واري پاڻ سان آندل هيروئن جي پڙين جو بنڊل، گهر جي هڪڙي ڪٻٽ ۾ رکي ڇڏيو.

پوءِ تلاشيءَ جو ناٽڪ رچائي، اها هيروئن ڪڍيائون ۽ توهان جي گهر جي ڀاتين جي بي عزتي ڪندا، تنهنجي پيءُ، ماءُ، ڀاءُ ۽ وڏي ڀيڻ کي وچي ٿاڻي جي لاڪپ ۾ واڙيائون. تنهنجي ڀاءُ کي ڇت ۾ اونڌو ڪري لڙڪايائون ۽ ڀين تي مار موچڙي جو وسڪارو لائي ڏنائون ۽ سيني سپاهين جي وات مان گارين جو گٽر ڦاٽي نڪتو. تنهنجي مائٽن جو ڪڏهن اهڙي انڌير سان واسطو نه پيو هو ۽ سڀ ڪجهه اهڙي تيزيءَ سان ٿيو جو هو پاڙي وارن يا ڳوٺ وارن کي به خبر ٻڌائي نه سگهيا. سيڪو سمهيو پيو هو. فقط منار جي بنسريءَ جو رس فضا ۾ رچيل هو. پوءِ ڀنيرڪي جو وڏيرو آيو ۽ تنهنجي مائٽن جي سفارش جو ناٽڪ رچايائين. پوليس چيو ته هنن جي گهر مان هيروئن نڪتي آهي، هي وڏا ڏوهاري آهن ۽ هڪ هڪ کي ڏهه ڏهه سال ٽيپ ايندي. پوليس هنن کي ڇڏڻ لاءِ پنجاهه هزار گهريا. پر وڏيري جي ائڪٽنگ واري منٿ ميڙ تي ويهن هزارن جو فيصلو ٿيو. تنهنجو پيءُ گهران ڏوڪڙ ڪٺي آيو ۽ تنهنجي مائٽن کي ڇڏيو ويو...."

کي در کان ٻاهر ڦٽو ڪري، دربند ڪري ڇڏيو ۽ بندوق پنهنجي گهر ۾ لڪائي ڇڏي. اچان انڌيرو هو ته گهر جا مالڪ موٽيا. گهر ٻاهران هڪ بيهوش ماڻهو پيل ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا. جڏهن ضائفن حقيقت ٻڌاين ته انب ۽ پٽس ٻاهر نڪري آيا ۽ سپاهيءَ جي وردي اڻين ڦاڙي چير چير ڪري ڇڏيائون جو هو اگهاڙي کان وڌيڪ اگهاڙو نظر اچڻ لڳو. ان حالت ۾ هن کي ٽنگو ٽالي ڪري، ڪٺي وڃي ٿاڻي پرسان ڦٽو ڪري آيا. اهو سپاهي وري هن ڳوٺ ۾ نظر ڪونه آيو. اچان به ٻڌ! هڪ رات هڪ سپاهي منٺار جي ڪوٺي هيٺان، رستي تي بيهي، هن کي حڪم ڪيو ته رات جو بنسري نه وڄائيندو ڪر، اسان جي ننڊ ٿي خراب ٿئي. منٺار گار ڏيندي، هڪ سروٽو ڪڍي، هن کي چنبو. سروٽي جي رستي تي ڪرڻ جو آواز آيو. پر شايد سپاهيءَ کي لڳو ڪو نه، پر سپاهي اٿين وٺي ڀڳو جو پوٺتي مُنهن ورائي به ڪونه ڏٺائين. پوءِ ساران، منٺار کي منع ڪئي ته حالي رات جو بنسري وڄائڻ ڇڏي ڏي."

"هڻ اسان جي رات جي ڪچهرين تي پڻ بندش وجهي ڇڏي آهي. اسين ته مڙڻ وارا نه آهيون. پر وڏڙا نه ٿا مڃين. هن مهل جو هتي اسان کي تاس کيڏڻ به نه ٿا ڏين. چي: اوهان جوا ٿا کيڏو. هڪ ڏينهن هڪ سپاهي آيو ۽ اسان کي پتن کيڏندي ڏسي چيائين ته توهان جوا ٿا کيڏو، هلو ٿاڻي تي. اسان کي اهڙي ڪاوڙ آئي جو هن جي جُوتن سان مرمت ڪري، هن جي ورديءَ کي چيري ڦاڙي، هن کي واٽر ڪورس ۾ ٻه ٽي گهوٽا ڏئي، صرف ڪڇي ۾ هن کي ڇڏي، ڇيوسيون ته وڃي پيءُ کي دانهن ڏي. البت ان ڏينهن کان پتن راند ڪرڻ ڇڏي ڏني اٿئون." اهو بيان به هڪ سنگتيءَ جو هو.

"لوهر وارو واقعو به ٻڌ، وڏيري، پوليس وٽ چغلي هڻي ته سوڍي لوهر جي دڪان تي روز ڪامريڊ اچي ٿا ڪنا ٿين ۽ سوشلزم تي ڪچهريون ٿا ڪن ۽ وڏيرن ۽ سرڪار خلاف ٿا ڳالهائين. هڪ ڏينهن ڏاڍي سيٽ مان هڪڙو سپاهي اچي سوڍي لوهر جي دڪان تي پهتو. ڪچهري لڳي پئي هئي، سوڍو پنهنجو ڪم به ڪري رهيو هو ۽ گفتگوءَ ۾ به حصو وٺي رهيو هو. هو بي ڊپو، قدآور ۽ لوهه جهڙي هڏ ماس جو هو. پر ڳالهائڻ مان هن جي سياڄهڙائي ۽ دانشوري بکندي هئي.

وارن جو پٽ آهي ۽ هو ڳوٺ وارن جي تحفظ ۾ آهن. ۽ هنن تي ڪنهن به قسم جو حملو ڳوٺ وارن تي حملو تصور ڪيو ويندو. ان ڏينهن کان پوءِ وڏيري گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.....

"اڃا به ڪي ظلم جا داستان ٻڌڻ چاهين ٿو؟" هڪڙي ساٿيءَ، دادلي کان پڇيو.

"نه نه، بس بس، مان پوليس ۽ وڏيرپ جي غلامائي نظام جو چڱيءَ ريت اندازو ڪري ويو آهيان." دادلي وراڻيو ۽ ماٺ ٿي ويو.

"سماج ۾ هر ڏوهه جو جج، عوام ئي ٿي سگهي ٿو. چو ته ڪن پاڙي وارن کي، يا ڪن ڳوٺ وارن کي يا ڪن شهر وارن کي، ڪنهن نه ڪنهن نموني، سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح، هر ڏوهه ۽ هر ڏوهاريءَ جي ڇاڻ ۽ اصل حقيقت جي خبر پئجي ويندي آهي. ان ڪري سزا پڻ عوامي سزا ۽ سماجي سزا ملڻ گهرجي." هڪ ساٿيءَ پنهنجو خيال ڏيکاريو.

"ائين به ٿيندو، ائين به ٿيندو. پر هن وقت ته اسان کي وڏيرپ ۽ ڏاڍ جي گند کان پنهنجي ڌوتل ڌرتيءَ کي صاف ڪرڻو آهي." ٻئي دوست ڏيان ڇڪايو.

"ڀلا اهڙي حملي لاءِ سائنسي نموني سوچيو اٿوَ يا ماڻهن کي رڳو جذباتي بنائي هنن کي مارائيندؤ؟" دادلي دريافت ڪيو.

"جي ائين ڪيوسين ته پوءِ اسان ۾ ۽ سنڌي وڏيرن جي سياسي پارٽين ۾ ڪهڙو فرق رهندو. سنڌي پارٽين مان منهنجو مطلب آهي، جن پارٽين جا ڀڳدار ۽ اڳواڻ وڏيرا هوندا آهن. جن جي سياست، ڪرسي حاصل ڪرڻ هوندي آهي ۽ جن جو عمل بيان بازي، لباڙ ۽ تقريرون هوندو آهي. هو عوام کي فقط پنهنجي مفاد واسطي استعمال ڪندا آهن. هو عوام کي پڙڪائي ۽ سنڌ جي نالي ۾ جذباتي بنائي عوام کي چوندا آهن ته جلوس ڪڍي وڃي پوليس، فوج ۽ پناهگير دهشتگردن جو مقابلو ڪريو ۽ پاڻ پنهنجي خاندان، جنهن ۾ هنن جا جوان پٽ شاگرد به شامل هوندا آهن، تن سميت پنهنجن لوهه ۽ پٿر جي قلعن جهڙن نهيل بنگلن ۾ محفوظ ٿي ويهندا آهن ۽ پنهنجن بنگلن جي چوڌاري، ڪلاشنڪوف ڏيئي ويهن پناڻن کي پهري تي بيهاري ڇڏيندا آهن. اهڙا ليڊر نه پاڻ جلوس ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ نه ئي پنهنجي

اولاد کي شريڪ ٿيڻ لاءِ ڇڏيندا آهن. توهان ڪڏهن نه ٻڌو هوندو ته جلوس ۾ ڪو سياسي اڳواڻ يا هن جو ڪو پٽ ماريو ويو. پوليس، فوج ۽ دهشتگردن جي گولين جو شڪار فقط عام ماڻهو ۽ ڪارڪن ٿيندا آهن. هنن جي موت کان پوءِ هڪدم انهن ليڊرن جي احتجاج طور هٿن جي بيانن سان اخبارون ڀريل نظر اينديون آهن. اهي بيان به هر ڪنهن موت تي ساڳئي سُرَ ۾ هوندا آهن. ڇو ته هو اڳواٽ ئي پاڻ وٽ ٽائيپ ڪرائي رکندا آهن ۽ رڳو فوتيءَ جو نالو لکي ۽ صحيح ڪري، ملڪ جي مڙني اخبارن کي ڏياري موڪليندا آهن، ۽ ها، هو ٻي ڳالهه به ڪندا آهن. فوتيءَ جي پونئيرن وٽ وڃي، پرچاڻو به ڪندا آهن ۽ پاڻ سان فوٽو گرافر وٺي وڃڻ نه وساريندا آهن. اتي فوٽو نڪرندو آهي، جو وڏي سرخيءَ سان اخبارن ۾ ڇپبو آهي، يا اهڙي جلوس مان جيڪڏهن ڪو سخت ڦٽجي، نازڪ حالت ۾، اسپتال ۾ داخل ٿيندو آهي، تڏهن به اهو سياسي ليڊر محض اخبارن لاءِ تصوير ڪيرائڻ خاطر هن کي اسپتال ۾ ڏسڻ ويندو آهي، ۽ رسمي خير خيريت پڇڻ جي نمائش ڪندو آهي. باقي ڪيس يا سندس خاندان جي ڀاتيءَ کي رڳو رواجي متي جو سُور پوندو آهي ته ان جي علاج واسطي به لنڊن يا آمريڪا ويندو آهي. يعني جتي عام ماڻهوءَ کي پنج روپيا به علاج واسطي ميسر نه هوندا آهن، اتي ليڊر پنج لک روپيا خرچ ڪري ايندو آهي. توکي ياد هوندو ته تنهنجي دٻئي وڃڻ کان اڳ، جڏهن اهڙي وڏيرڪي سياسي پارٽيءَ جو وڏيرو مهندار، اسان جي ڳوٺ ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ اچڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته اسين ڳوٺ وارن جو وڏو هجوم، جنهن ۾ تو سميت مرد ۽ عورتون شامل هونديون هيون، هلي هن سان ڳوٺ ٻاهرائن ئي مُنهان مُنهن ٿيندا هئاسين ۽ هن کان پهرين سوال اهو پڇندا هئاسين ته توهان جي پارٽي "جمهوريت" کي مڃي ٿي ته هو اوچي ڳاٽ سان چوندو هو ته "ها" پوءِ پڇندا هئاسين ته توهان جي پارٽيءَ جا ميمبر گهڻا آهن ته ورائيندو هو ته ڏهه يا ويهه يا چاليهه هزار. پوءِ اسان چوندا هئاسين ته جمهوريت معنيٰ گهڻائي ۽ جڏهن توهان جي پارٽيءَ ۾ گهڻائي عوام جي آهي ته پوءِ پارٽيءَ جا اڳواڻ توهان به چار وڏيرا ڇو آهيو. جي پارٽيءَ ۾ ايتري معمولي ٿورائي ۾ آهيو. توهان غريبن

جي پرماريت ڪري ڪروڙ پتي بنيا ويٺا آهيو ۽ سياسي پارٽيون ناهي، عوام کي پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪيو. اهو ٻڌي اهو ليڊر، پنهنجي پارٽيءَ سميت ڪاوڙجي اٿان ئي موٽي ويندو هو.... توکي اهو به ياد هوندو ته تو ۽ اسان ڳوٺ جي ماڻهن هتي آباد ٿيل ٻهارين جو ڳوٺ مان تڏو پٽائي، هنن جي گهرن کي باهيون ڏئي هتان ڀڄائي ڪڍيو هو....."

"ترس، هاڻي مان تو ڳالهايان. مان دادلي کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته اسان پوري سوچ سان سٽاءُ سٽيو آهي، جيئن ڪنهن به صورت ۾ ناڪامياب نه ٿيون. اسان چاهيون ٿا ته هن هلچل ذريعي ڪامياب ٿي، سنڌ جي ٻين ڳوٺن لاءِ مثال ۽ نمونو بنجون. جيئن هو اسان جي سوڀ ڏسي، پاڻ به ساڳي واٽ وٺن ۽ ظلم جو مقابلو ڪن. هن جنگ لاءِ اسان سڀني ڳوٺ وارن، زالن توڙي مردن، گڏجي صلاح مصلحت ڪري، اهو گڏيل فيصلو ڪيو آهي. اسان سڀني کي ذهني ۽ عملي ۽ سياسي طرح تيار ڪيو آهي. اسان سڀني جي دماغن کي تحريڪ جي لاهين چاڙهين ۽ حقيقتن سان روشن ڪيو آهي. اسان جون عورتون به ڀرپور حصو وٺنديون. اسان هنن کي هٿيار هلائڻ ۽ ٻي ضروري سکيا ڏني آهي. اسان تنظيم، رٿابندي، اتحاد ۽ تياريءَ تي پورو پورو ۽ ڊگهي عرصي کان توجهه ڏنو آهي. هر ڳوٺاڻو ۽ هر ڳوٺاڻي ذهني ۽ عملي طرح انقلابي بنجي چڪو آهي....." ٻئي پٽ ڳالهايو.

"بس، بس. مون جيڪو ڄاڻڻ ٿي چاهيو سو ڄاڻي ويس. فقط ايترو ٻڌايو ته رات ڪٿي ۽ ڪهڙي وقت پهچڻو آهي؟" دادلي پڇيو.

هن کي ٻڌايو ويو.

هو نئين اعتماد ۽ نئين جذبي سان گهر روانو ٿيو.

واٽ تي، سندس ماڻهن تي پوليس جي ظلمن کي ياد ڪري، وري جوش ۽ ڪاوڙ کان ڳاڙهو ٿي ويو. پر هلندي هلندي هو مُرڪڻ لڳو. هن کي هڪ پراڻي ڳالهه ياد اچي وئي هئي. هو جڏهن ڪراچيءَ ۾ ڪاليج منجهه پڙهندو هو، ۽ ملڪ جو ورهاڱو اڃان تازو ٿيو هو. تڏهن هڪ ٻيڙي هاسٽل ۾ هن جي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر هن وٽ آيو هو ۽ چيو هئائين ته، "مون سان گڏ هل ته هلي گانڌي گارڊن مان ڪن گلن جا ٻج خريد ڪري اچون."

جڏهن هو گانڌي گارڊن پهتا ته اتي اندر هڪ مسجد ٺهي رهي هئي. اها ڏسي هيڊ ماستر چيو هو: "More the Mosques more the sin" (مسيتون وڌڻ سان گناهه به وڌن ٿا.)

انهيءَ ئي طرز تي هن وقت کيس خيال آيو: "ٿاڻا وڌڻ سان، عوام سان آزار وڌن ٿا." ❑

# وات ۾ ڪِرڙي

سنڌ جا ڪجهه سچڻ ۽ سڄاڻ اچي گڏ ٿيا. هر ڪنهن سنڌ جي حوالي سان ڏاهپ ۽ سچائيءَ واريون سونيون ۽ رڪارڊ ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ٿي ڪيون. سنڌي ٻوليءَ جي مخالفت ۾ اڙدو ٻوليءَ جو ڪردار به دليلن جي درياهه جي وهڪري ۾ آيو. سڀ انهيءَ نتيجي تي سهمت ٿيا ته اڙدو ٻولي، سنڌي ٻوليءَ واسطي سامراجي حيثيت رکي ٿي. جهڙي طرح سامراج ڌاري ڌرتيءَ جي قوم کي غلام بنائي، ان جي سياسي ۽ اقتصادي پرماريت ڪندو آهي، اهڙي ريت ڏسبو ته آخري چند ڇاڻ ۾ سامراجي اڙدو ٻولي به سنڌي ٻوليءَ جي پرماريت ۽ معاشي فائدا حاصل ڪري ٿي.

سڀ سنڌي ڏاها ان تي پڻ يڪراءِ هئا ته اڙدو هڪ سُڃي ۽ ڪتل ٻولي آهي ۽ اسانجي ٻوليءَ جي مقابلي ۾ ڪوتو پئسو به ڪونه لهي. ان تي سڀ سهمت هئا ته اخبارن، رسالن، ڪتابن، بي.بي.سي، ٽي.وي ۽ ريڊيو تي جيڪا اڙدو ڳالهائي ٿي وڃي يا لکي ٿي وڃي، سا گهڻو ڪري رکو ڪوڙ، ڪپوڙن، مڪاري ۽ ٻچاپڙائيءَ سان پريل هوندي آهي. ان جو سبب اهو آهي جو ان ٻوليءَ ۾ سچائيءَ جو اظهار ڪرڻ ۽ سچ ڳالهائڻ جي نه گنجائش آهي نه لفظ آهن ۽ نه ايمانداري.

ان محفل ۾ مونکي پڻ ڳالهائڻ جو وجهه مليو ۽ دل کولي اڙدوءَ خلاف ورهين جي سانڍيل باهه ڪڍيم.

ڪچهريءَ ۾ اهڙن سنڌي ساهتڪارن تي حيرانيءَ جو اظهار ڪيو ويو جي اڙدوءَ کي اهميت ڏين ٿا. يا ان ٻوليءَ ۾ لکن ٿا.

موٽندي ڏٺم ته هڪ هنڌ، اڙدو بازن جو جلسو هو. هو پنهنجي گندي زبان ۽ خبيث ذهنيت جو مظاهرو ڪندي، سنڌ ۽ سنڌين خلاف ڏاڍا دل آزار ۽ ڪميڻائيءَ سان پريل نعرا هڻي رهيا هئا. هنن جا نعرا ٻڌي، منهنجو اندر سڙڻ لڳو ۽ مغز تپي ويو. مونکي وڏيڪ يقين ٿيڻ لڳو ته اسين هن ڌرتيءَ جا ڌڻي، پنهنجيون وڪون هاڻي تيز ڪنداسين ۽ جلدئي پنهنجيون طاقتون، پنهنجيون

صلاحيتون، پنهنجا وسيلا ۽ پيون گهربل وٿون، پيدا ڪري ۽ گڏ ڪري ۽ گڏجي، هتي جو هتان لڏو پٽائيندا سين.

اهڙن خيالن سان جهنجهيل ۽ تتل دماغ سان جڏهن گهر پهتس ته ان وقت ٽي - وي ۽ ٽي هڪ سنڌي شاعر جي شاعري ۽ شخصيت جي باري ۾ اردو پروگرام پئي هلايو ويو. هو ٻارن ٻچن سميت موجود هو. هن کي سنڌي ۽ جو وڏو شاعر سمجهيو ويندو هو. پر هن گهڙي ۽ مونکي هن لاء ڪريل ۽ ڪريل سنڌي هجڻ لاء ٻي ڪا تشبيهه خيال ۾ نه ٿي آئي. ان مهل منهنجي اندر جيڪي جذبا جاڳيا، سي هيٺئين واقعي ۾ ظاهر ڪريان ٿو؛

هي منهنجي شاگردي ۽ جي زماني جو واقعو آهي.

مان ڊوميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۾ ايم. بي . بي . ايس جي پڇاڙڪي سال ۾ پڙهندو هوس. ان وقت، ذهني ۽ دماغي مريض ڊيڪارڻ ۽ انهن جي چڪاس ڪرڻ لاء اسانکي گدو ۽ جي چرين جي اسپتال ۾ آندو ويندو هو.

1953ع واري بيچ ۾ مان به آيو هوس. اسان سان گڏ، اسانجو ذهني بيمارين جو پروفيسر ڊاڪٽر ڏنجي به هو، هو پارسي هو.

اسپتال جي اڱڻ ۾، هو سامهون بيٺل هڪ چريئي جي روڳ جي باري ۾ ڪجهه سمجهائي رهيو هو. چريو هڪ پٽ جي پرسان بيٺو هو. ڪڏهن اکيون ٿي مڇڪايائين ۽ ڪڏهن ڏند ٿي ٽيڙيائين يا پڻ پڻ ٿي ڪيائين. ان مهل، پٽ تي هڪڙي ڪِرڙي پئي هلي. اوچتو ان مريض جهٽ هڻي، اها ڪرڙي پنهنجي هڪ هٿ ۾ پڪڙي، يڪدم پنهنجي وات ۾ ڪري وڌي ۽ وات پڪوڙي ڇڏيائين. هي عمل اهڙي تيزي ۽ سان ۽ وچ جي چمڪي وانگر ٿيو، جو ڪنهن جي به ڪجهه سمجهه ۾ ڪونه آيو ۽ هرڪو حيران ۽ پريشان ٿي ويو.

چريو وات زور سان بند ڪري، بيهي، پئي ٻانهون ۽ هٿ پاسن کان لوڏي ڇنڊڻ لڳو ۽ نچڻ نموني ٻنهي پيرن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لڳو، ڄڻ تتل ڌرتي ۽ تي پير پوندا هجنس، پر هن جا چپ پڪوڙيل هجن. هن جون ٻئي مٺون ڦنڊي ۽ سسي رهيون هيون. شايد ڪرڙي هن جي وات اندر ڦٽڪي رهي هئي. هو ڏاڍي بي آرامي ۽ مان عجيب غريب آواز ڪڍي رهيو هو. اهي آواز هن جي نڙي ۽ مان اچي رهيا هئا: "گان گان گان..... گون گون گون ........"

# ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻي

"رليف ڪئمپ" ڪهاڻيءَ ۾، امرجليل هڪ واقعو غلط لکيو آهي، اهو واقعو هن، هن ريت لکيو آهي.

"........ ڳالهيائين، ته آواز ڳورو ڳراڏي جهڙو ۽ غفائن مان ايندي محسوس ٿيو. چيائين "منهنجي ڌيءَ مئترڪ پاس ڪئي هئي. هوءَ ڏاڍي خوش هئي. پنهنجي لاءِ نوان ڪتاب وٺڻ ويئي هئي. تڏهن، جڏهن هوءَ ڪتاب وٺي دڪان مان نڪتي هئي، گولين جو وسڪارو ٿيو هو. اک ڇنڀ ۾ مئل ۽ زخمي ٿيل ماڻهن جا انبار لڳي ويا..... جيڪي بچي ويا، سي جيڏانهن منهن آين، تيڏانهن ڀڄي ويا." هڪ لمحي لاءِ هن ساهه ۾ سڏڪو روڪي ڇڏيو ۽ پوءِ چيو "منهنجي ڌيءَ علائقي جي معزز شخص وٽ پناهه ورتي هئي...... معزز شخص ڪيس انيتاليهه ڪلاڪ، پنهنجي ۽ پنهنجي دوستن جي پناهه ۾ رکيو هو، پورا انيتاليهه ڪلاڪ!" هو ڀيهر خاموش ٿي ويو، ڄڻ درد جي وير سندس وجود کي ڀوڙي ڇڏيو. هن خشڪ اکين کي ائين اگهيو ڄڻ ازل کان اکين ۾ سمنڊ ڪٺي پئي گهميو. پوءِ ڀڏل ڀوڙن وانگر ايري آيو.

وڏيل وڏيل لهجي ۾ چيائين، "ڪالهه اسر ويل منهنجي ڌيءَ موٽي آئي هئي. اڄ صبح جو هن خودڪشي ڪري ڇڏي!"

ائين چئي، افسوس، پيڙا ۽ ڳوڙهن ڀريل اکين سان "رليف ڪئمپ" جي آفيس مان نڪري ٻاهر هليو ويو ۽ چوندو ويو ته "تنهنجي سرڪار وٽ منهنجي لاءِ ڪو معاوضو ناهي."

ڪهاڻيڪار اول ئي ٻڌائي چڪو هو ته "رليف ڪئمپ" فقط انهن ماڻهن کي معاوضو ڏيڻ لاءِ ٺاهي ويئي هئي، جي گولين لڳڻ ڪري يا مئا يا زخمي ٿيا هئا.

(٢)

اصل ۾ نه اهو همراهه" رليف ڪئمپ" ۾ آيو هو ۽ نه هن جي ڌيءَ آتم هتيا ڪئي هئي! ڇا وچولي ڪلاس جي ڪنهن اهڙي سنڌيءَ جو تصورڪري

ملندا رهيا. هنن کي معلوم ٿيو ته هارين تي وڏيرن جا ڏاڍا ظلم آهن ۽ هو انهن مان بيحد بيزار آهن. هنن کي وڏيرن جي ڪرتوتن جي به خبر هئي ۽ ڇوڪرن کي ٻڌايو ويو ته اتي سندن زالن ۽ نياڻين جي عزت محفوظ نه آهي. بهرحال هارين ۽ ڳوٺاڻن، هنن ڇوڪرن سان پورو پورو سهڪار ۽ سهائتا ڪئي، ۽ ٻنهي وڏيرن کي ماري هو واپس وريا.

ڪهاڻيڪار "رليف ڪئمپ" ڪهاڻيءَ ۾ جنهن ڪردار "عشق جو پيغمبر" جي پچار ڪئي آهي، جو ڪنهن به سوال جو جواب نه ٿو ڏئي ۽ جو آسمان ڏانهن نهاريندو رهي ٿو، سو به حقيقت ۾ "عشق جو پيغمبر" نه، پر "هاڻوڪي دور جو عملي دانشور آهي، جنهن جي هڪڙي هٿ ۾ قلم ۽ ٻئي هٿ ۾ تلوار هوندي آهي. ڪهاڻي جو ٻيو ڪردار، جيڪو پنجن سالن جو ٻار هو، سو حقيقت ۾ ويهن ٻاويهن ورهين جو نوجوان، صحتمند ۽ سگهارو، تڙوڪڙو، جانباز ۽ باشعور آهي. ڪهاڻيڪار ته خبر ناهي ڪهڙي خيال کان اڻ ڪردار کي "عشق جو پيغمبر" ڪوٺيو آهي، پر هن ۾ آيل ٻن لفظن "عشق" ۽ "پيغمبر" جي باري ۾ ڪجهه چوڻ ٿو چاهيان. عشق هڪ اڻ چٽو، غير واضح منجهائيندڙ، جهنم، ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل، گهڻ معنائون (گهڻن معنائن وارو) هڪ ٿي وقت خراب توڙي سٺي مطلب ۾ استعمال ٿيندڙ، هڪ ئي وقت ابتڙ ۽ متضاد معنائن ۾ ڪتب ايندڙ لفظ آهي. ڪنهن جي ذهن ۾ ان لفظ "عشق" جو ڪو صاف ۽ چٽو مفهوم نه هوندو آهي. گهڻا ماڻهو اهو لفظ لاشعوري طور ۽ ان جو مطلب سمجهڻ بنا استعمال ڪندا آهن. هر ٻوليءَ ۾ ڪيئي لفظ اهڙا ٿيندا آهن، جن جي معنيٰ ۽ ان سان ڳنڍيل تصور زماني ۽ ماحول سان ڦرندا رهندا آهن، ۽ هڪ وقت به هڪ لفظ جي معنيٰ مختلف ماڻهن وٽ مختلف ٿي سگهي ٿي. مونکي پڪ آهي ته هن وقت به "عشق" جي معنيٰ صوفيءَ وٽ، مُلي وٽ، شاعر وٽ، ساهتڪار وٽ، دانشور وٽ، پروفيسر وٽ، اسڪالر وٽ، شاگرد وٽ، نوجوان وٽ، عورت وٽ، مرد وٽ، پڙهيل وٽ، اڻپڙهيل وٽ، وڏيري وٽ، هاريءَ وٽ، سيٺ وٽ، پورهيت وٽ هڪ طبقي وٽ، مطلب ته هر انسان وٽ عشق جي معنيٰ مختلف آهي ۽ جا ٻئي کان متضاد به ٿي سگهي ٿي.

تنهن ڪري اهو لفظ استعمال ڪرڻ معنيٰ پڙهندڙن ۽ عوام کي منجهائڻ

۽ اوندهہ ۾ رکڻ آهي.

هيءُ لفظ ڪتب آندو ويو آهي "پيغمبر" هي لفظ ڳنڍيل آهي مذهب سان. ان ڪري پڙهيل جو ڌيان هڪدم هليو ٿو وڃي مذهب ڏانهن. ۽ هتي جي ذهن ۾ ويٺل آهي تہ مذهب عبادتن ۽ عقيدن جو نظام آهي ۽ ان ۾ عقل ۽ دليل کان ڪم وٺي نہ ٿو سگهجي. ان تي بحث مباحثو ڪري نہ ٿو سگهجي ۽ نہ سوال پڇي ٿو سگهجي ۽ نہ تنقيد ڪري سگهجي ٿي. اڳئين زماني ۾ سماجي، سياسي ۽ جنگي اڳواڻن کي پيغمبر چوندا هئا. هاڻ ان لفظ جي استعمال جي ضرور نظر ڪونہ ٿو اچي. ماڻهن جي نفسيات کي بہ ڏسڻو آهي. اها ڏاڙهي پوش مُلن جي عادت ٿيندي آهي تہ هو هرو ڀرو بہ مذهبي اصطلاح استعمال ڪندا آهن.

مطلب آهي تہ "عشق جو پيغمبر" وارو اصطلاح ڪهڙو عام پڙهندڙ سمجهي سگهندو؟

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پنجن سالن جي ننڍڙي ٻار جي پچار ڪئي وئي آهي. جو ڪهاڻيڪار موجب روشن مستقبل جي علامت آهي. مان پنجاهہ سال ملڪ جي ورهاڱي کان بہ اڳ اهڙي قسم جون ڪهاڻيون يا ناول پڙهيا هئا. انهن ۾ پڄاڻيءَ تي اهو ڏيکاريو ويو هو تہ نئين چاول ٻار يا ڇهن پنجن سالن جي ٻار کي ملڪ جي روشن مستقبل جو اهڃاڻ سمجهي پاڻ کي آٿت ڏنو ويچي ٿو. ان ڪانپوءِ بہ اهڙي قسم جون ڪهاڻيون پڙهڻ ۾ اينديون رهنديون آهن. اهو ڪو نئون ۽ صحيح ويچار ڪونهي. ان ڪري مون مٿي چيو آهي تہ اهو ڪو پنجن سالن جو ٻار ڪونہ هو ۽ ڪهاڻيڪار کان غلطي ٿي ويئي آهي. حقيقت ۾ هو ويهن ٻاويهن سالن جو صحتمند، سگهارو، جنباز، ذهين ۽ باشعور نوجوان هو ۽ سنڌ جي حال ٿوڙي مستقبل جي علامت هو. "رليف ڪئمپ" جي ڪهاڻيڪار، پنجن سالن جي ٻار کي مستقبل جي علامت بنائي جڻ اسانکي نصيحت ڪئي آهي تہ، "بابا، اچا پندرهن ويهہ سال مرندا ۽ عضوا ڪپرائيندا رهو. هي علامتي پنجن سالن جو ٻار، تيستائين جوان ٿي ويندو ۽ وطن کي بچائيندو!" اسانجي حال ۽ مستقبل جي علامتي نوجوان کي هينئر ڇا ڪرڻو آهي؟ ان جو جواب مان ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي لفظن ۾ ڏيندس، جي هن سنڌوءَ جي ساڳئي پرچي ۾ هڪ انٽرويو ۾ صفحي ۹ تي ڏنا آهن.

هن چيو آهي، "جيسين سوال آهي دشمن سان جنگ ڪيئن ڪجي؟ تہ ان کان اڳ هڪ سوال جيڪو بنيادي ۽ غور طلب آهي تہ سنڌ ۽ سنڌين جا دشمن ڪهڙا آهن؟ جڏهن دشمن جو تعين ٿي ويندو تہ انهن جي طاقت ۽ دشمن جي اثر رسوخ ۽ دشمن جي اختيار ڪيل حربن جي واقفيت حاصل ڪندي، اسان جنگ جا طريقا ڳولي سگهون ٿا. سنڌ ۾ دائمي طور قبضي ۾ رڪندڙ قوتون ۽ سنڌ جي قومي ۽ سياسي ثقافتي سڃاڻپ کي ختم ڪندڙ ڏاريون قوتون، قومون ۽ انهن جا ديسي دلال، چاهي دانشور هجن يا واپاري ۽ جاگيردار هجن، جيڪو بہ قومي غلاميءَ کي مضبوط ڪرڻ ۽ سنڌين کي اقتصادي طرح بدحال ڪرڻ، قومي طرح وجود جي خاتمي ۽ ڌرتي تان پير اکيڙڻ ۾ شريڪ آهي، اهو سنڌين جو قومي دشمن آهي. دشمن جي مقابلي ۾ محبِ وطن جماعتون ۽ قيادت توڙي عوام گهٽ ۾ گهٽ اڌ صدي پوئتي آهي. انڪري اسانکي هيءَ اڌ صديءَ جو خال پرٽو پوندو. تعليمي ۽ صنعتي ميدان ۾ اسانکي پاڻ - پرو ٽيٽو پوندو. ڪٽمنڙن ٿاهڻ کان وٺي اسٽيل ۽ لوهہ ٺاهڻ تائين، اسان کي صنعت ۽ واپار پنهنجو ڪرڻو پوندو. فني ماهر ۽ ڪيٽرج مزور تائين اسانکي پنهنجو پيدا ڪرڻو پوندو. تعليمي ميدان ۾ چنايتيءَ ذريعي ۽ تعليم عام ڪرڻ خاطر عملي اُپاءَ وٺڻا پوندا. شهر ۽ ٻهراڙين ۾ توازن پيدا ڪرڻو پوندو. ائين سمجهو تہ سياسي ۽ اقتصادي طرح قوم کي سگهارو بنائڻ ۾ محتاجي ختم ڪرڻ. پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جو نتيجو هي ٿيندو تہ سڄي قوم سندس بقاءَ جي جنگ ۾ دشمن خلاف صف آرا ٿي ويندي. ان ڪانپوءِ ديسي دلالن ۽ غدارن کان قوم کي واقف ڪرائي، انهن کان نجات ڏيارڻي پوندي. ٿئين عوام، وچئين ڪلاس يا هاري مزورن جي قيادت پيدا ڪري، عوامي سگهہ کي منظم ڪرڻو پوندو. مُدي خارج ڪوڙهيل جاگيرداري ۽ ان کي قائم رکندڙ سياسي قيادت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو. هن وقت تائين جيڪي بہ مزاحمتي طريقا اختيار ڪيا ويا، اهي نامناسب رهيا آهن. پر هن وقت سڄي قوم ۽ خاص طرح نوجوانن ۾ سياسي شعور ۽ سگهہ ڏسي اندازو ٿئي ٿو تہ مزاحمتي سگهہ ۽ طريقا وڌيڪ مظبوط ٿيندا تہ قوم جي نئين سر تعمير ڪري سگهبي.

ڪهاڻيءَ جو ڪردار عشق جو پيغمبر حقيقت ۾ دانشور هو ۽ پنهنجي

پورهيت، هاري ۽ سنڌ جي مٽيءَ جا گيت پڙهي، هزارن لکن جو هجوم جوش مان ڪيئن نه اٿي ڪڙو ٿيندو آهي ۽ جهومندي جهٽ هتي مان پيو ويندو آهي. حالانڪ هن جي گيتن سان ڳڻ ساز ۽ دهل شرنايون به ڪونه هونديون اهن. پيا به ڪيترائي اهڙا شاعر آهن جي سنڌ جي مٽيءَ ۽ سنڌ جي موجوده حالت جي پيدائش آهن."

هو هن ڪي اهو به پڌائي تو ته هو اهو نوجوان آهي، جنهن پنهنجي مظلوم پيءُ سان ڏاڍائي ڪندڙ چٽني ڪميٽن کان بدلو ورتو هو ۽ هو سنڌ جي حال ۽ مستقبل جو سپاهي ۽ ڪارڪن آهي ۽ هينئر ڪان ٿي ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي مٽي انٽرويو ۾ پڌايل واٽ مطابق ان تي عمل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهي. ❑

۽ اتي باشعور سياستدانن ۽ انقلابي پارٽين سان دل جي خلوص ۽ سنڌ جي سچائيءَ سان ساٿ. البت ملازم هجڻ ڪري احتياط سان. ٻارن کي ڪلاس ۾ سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ٻولي ۽ ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ ڪتابن ۾ جيڪو ڪوڙ ۽ غلط بيانيءَ کان ڪم ورتل آهي، تن بابت کولي حقيقتون ٻڌائيندو ۽ جن کي سورمو بنائي پيش ڪيو ويو آهي، تن جي ۽ ڪتابن لکندڙ جي منافقت کان پنهنجن سنڌي شاگردن کي ثابتين ۽ دليلن سان پوري طرح واقف ڪندو، ۽ سنڌي سورمن ۽ سنڌ جي عظمت جون سچايون ٻڌائيندو هو.
هن ڳوٺ ۾ هن جي بدلي ٿي هئي. حالي هڪ دوست جي اوطاق ۾ اچي رهيو هو. اڄوڪي رات ڳوٺ ۾ هن جي پهرين رات هئي.

هو مامري کي سمجهي ويو. ڪن ڳوٺاڻن سان ڪچهري ڪيائين سڀ آزاريل هئا. پر مذهبي ليبل هجڻ ڪري ڪُڇي ڪونه ٿي سگهيا ۽ وري هيءَ مسيت به وڏيري جي هئي. ۽ ان جو ملو وڏيري جو دادلو هو. وڏيري جو پنهنجو گهر به ڳوٺ جي ڀِٽي ڇيڙي تي هو، ان ڪري آواز اوستائين پهچي ڪو نه ٿي سگهيو ۽ هنجي آرام ۾ رخنو ڪو نه ٿي پيو.

بهادر اهو به ٻڌو ته هڪ ٻيو زميندار، جو ان مسجد واري وڏيري سان کهرو هو، تنهن هڪ ڀيري ڪلي چيس ته تو واري ملي جو آواز کهڪهو آهي. مان توکي اهڙو ٻانگو ٿو ونئي ڏيان جنهن جو آواز حضرت بلال جهڙو مٺو آهي ۽ ان کي پگهار به مان ڏيندس، رڳو تون قبول ڪر"

وڏيري وراڻيو، " نه يار، هي اسانجو پراڻو ملو آهي، منهنجي ابن ڏاڏن وٽ به اهو هو ۽ وڏي ڳالهه ته اسانجو منشي به اهو آهي، اسانجي ساري زميني ۽ ڪاروبار کان به واقف آهي ۽ سدائين اسان سان وفادار ٿي رهيو آهي.

بهادر کي ڳوٺ مان اها به خبر پئي ته ملو، وڏيري جي هر حرامپائي، بدڪاري، ظلم ۽ بي ايمانيءَ جي پنيرائيءَ ۾ ڪتاب کولي ان کي فتوا پڙهي ٻڌائيندو هو ته هن ڪا ڏاڍائي ڪا نه ڪئي آهي، پر هن کي ان جو پورو حق هو ۽ هن جو اهو ڪم ناجائز نه هو. ڀوءِ ڪٿي ڪنهن مسڪين هاريءَ کي قتل ڪرائي، ڪنهن جي نياڻين ۽ زالن جي عزت لٽي، ڪنهن هاريءَ کي بيدخل ڪري، ڪنهن جا پئسا کائي وڃي.

ڪوڙو هاري هو. هو پنهنجي ڪُتب وارن کي ڏکيو رکي به پنهنجي پٽ ڪيهر کي پڙهائي رهيو هو. هو پر واري شهر جي هاءِ اسڪول ۾ ڏهاڙي اوڻ موٽ گرمي سرديءَ ۾ ڏهه ميل پنڌ ڪري پڙهڻ ويندو هو. نيٺ هن مئٽرڪ پاس ڪئي. مُلي وڏيري جا ڪن ڀريا ته هي جٽ جو پٽ ٿورو پڙهيو آهي ته توهانجو ادب ڪو نه ٿو ڪري ۽ توهان جي سامهون ڪرسيءَ تي چڙهي ٿو ويهي. ۽ ڪوڙو ته اڃا پنهنجي پٽ ڪيهر کي ڪاليج پڙهائڻ ٿو چاهي. پوءِ اهو ٽڪي جو ڇورو ته توهان کي نه سلام ڪندو ۽ نه سڏ تي ايندو. وڏيري کي اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ اندر ڪامي ويس. هن ڪوڙي کي گهرائي دٻ ڪڍي، چيائينس ته پٽ جي پڙهائي بند ڪري هن کي ڪيتيءَ تي اباڻي ڏنڌي سان لڳائي. ڪوڙي کي خبر هئي ته وڏيري سان بحث ڪرڻ يا سامهون انڪار ڪرڻ اجايو هو. هن ماٺ ڪري ٻڌو ۽ ماٺ ڪري موٽي ويو. پر ڪيهر دستور موجب ڪاليج ويندو رهيو. مهيني کان پوءِ، دستور موجب ڪاليج ڏانهن ويندڙ رستي تي ڪيهر جو لاش مليو. ملو ڪتاب کولي وڏيري کي ٻڌائڻ لڳو "اهو ڪو توهان غلط ڪم ڪو نه ڪيو آهي. ٻڌو ڪو نه اٿوَ ته "جٽ پڙهيو، الله اڙيو" سو توهان ڳوٺ وارن کي گهڻن خرابين ۽ بدعتن کان بچايو آهي. اهي ڇورا به ڪتاب پڙهي خدا جا ٿي منڪر ٿيو وڃن" وڏيرو سڄي ڳهه ۾ لنبيل ميڄن کي وٽڻ لڳو.

ڪرڙ جي ڌيءَ جوان ٿي ته وڏيري جو سک ڦٽي پيو. ڏوتين، ڪٽنين، پڙوين، ملي، ڪمدار، اوسي پاسي جي شودن ذريعي وڏا وس هلايائين، پر هڙ حاصل ڪجهه نه ٿيس. نيٺ ڪوڙو ڪيس ڪري وڏيري، ڪرڙ کي ڏهه سال ٽيپ ڏياري ۽ هنجي ڌيءَ کي سريت بنائي پنهنجي حويلي ۾ اچي ويهاريائين. مُلي ڪتاب کولي هن جي ان ڪرتوت جي پٺڀرائي ڪئي. چي "خليفن ۽ امامن وٽ به سوين سوين سريتون ۽ ٻانهيون هونديون هيون. هينئر به عرب اميرن، عرب شيخن، عرب شهزادن ۽ عرب بادشاهن جي حرمن ۽ محلن ۾ سوين سوين ڙالن ۽ سرتين جا ميڙ لڳا پيا آهن. سو توهان اهو ڪو گناهه جو ڪم ڪو نه ڪيو آهي. وڏيرو خضاب لڳل مڇن جي وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندو رهيو.

جمن هاري بيماريءَ ڪري، وڏيرو جي لاباري جي بيگر ۾ وڃي نه

سگهيو ته وڏيرو نه هن کي بنٽي ڏني ۽ هن کان زمين کسي بيدخل ڪري ڳوٺ مان اگهاڙين پيرين ڪڍي ڇڏيو. هن جا ٻار ٻچا ۽ سندس ٺاهيل گهر تباهه ۽ برباد ٿي ويا. هن جا ٻه ننڍڙا پٽ دربدريءَ ۽ بيمارين ڪري موت جو شڪار ٿي ويا. مُلي ڪتاب کولي، وڏيري کي تسلي ڏني ته هن غلط ڪم نه ڪيو آهي. آقا هڪ نافرمان غلام سان اهڙيون جنيون ڪري سگهي ٿو.

ڪيترن ڳوٺاڻن ٻڌو ۽ ڏٺو هو ته وڏيرو پنهنجي خضاب ۽ سچو ڳهه لڳل مڇن کي مروٽي، وچونءَ جي پيچ وانگر ٺاهي، ڏاڙهي هٿندي، مُلي کي چوندو هو ته "هن ڳوٺ جي گهٽين ۾ جيڪي ٻار ڏسين ٿو، سي منهنجي تخم مان اٿئي!"

ملو جواب ڏيندو هو "بسم الله! بسم الله! بيشڪ بيشڪ! توهان آقا آهيو ۽ توهانکي هتي جي هر جيوَ مرد توڙي عورت جي استعمال جو پورو ۽ خدائي حق آهي."

ماڻهو مُلي کان انڪري به ڊڄندا هئا، جو ملي جي سفارش تي وڏيرو ماڻهن جا ڪم ڪندو هو ۽ جي ملي مخالف ڪٽي ته پوءِ انهيءَ شخص جو کهڙو به معمولي ۽ جائز ڪم هجي ته وڏيرو صفا نابري واريندو هو. هونءَ وڏيرو صفا ڪورو چٽ هو.

اجا تائين به اسان جي ڳوٺن جو سماجي جوڙجڪ اهڙو آهي، جو هاري، پورهيت ۽ ڳوٺاڻي کي وڏيري جو محتاج ٿيڻو پوي ٿو. ٻار، زال يا ڀُئي ڪنهن ياتيءَ جي بيماريءَ جي حالت ۾ هن کي ڏهن رپين لاءِ به وڏيري وٽ وڃڻو پوي ٿو ۽ وڏيرو هن کي ڏاڍو ذليل ڪري اهي ڏهه رپيا ڏي ٿو يا گهٽين حالتن ۾ انڪار ڪري موٽائي ٿو ۽ جي ڏئي ٿو ته حراماپائي ڪري رجسٽر ۾ ڏهن بدران ويهه يا ٽيهه لکيو ڇڏي. اهڙي طرح عيد مراد، پرڻو،مرڻو، مهمان مڙو، پٽ خيرات يا ٻين اهڙين اوچتاين لاءِ هاري ۽ ڳوٺاڻي کي وڏيري وٽ وڃڻو پوي ٿو. يا ڪوڙو سوڙو الزام هڻي پوليس هاريءَ جي در تي ٿي اچي بيهي يا ٺاڻي تي وٺي وڃي، يا هاريءَ کي ڪا لکپڙهه ڪرڻي آهي يا مختيارڪار يا ٻي آفيس ۾ وڃڻو آهي ته هن اڻپڙهيل ڳوٺاڻي کي وري به وڏيري جي منشيءَ وٽ وڃڻو پوي ٿو.

انهيءَ ڪري بهادر پنهنجو اهو دستور ٺاهي ڇڏيو هو، ته جنهن به ڳوٺ

۾ هنجي مقرري ٿيندي هئي ته هو ان ڳوٺ جي هاري ڪاميٽي، يا شاگرد پارٽي، يا جيڪا به سياسي تنظيم هوندي هئي، جي ڪا پارٽي نه هوندي هئي ته اهڙا ماڻهو ۽ نوجوان ۽ شاگرد جاچيندو هو، جي سڌريل ۽ سلجهيل هوندا هئا ۽ انهن کي چوندو هو ته اهڙو بندوبست ڪن ۽ چندا ڪري هر وقت چڱا پئسا پاڻ وٽ موجود رکن جو ضرورت وقت هاري ۽ ڳوٺاڻي جي بي مدد سان گڏ، هن جي ڏوڪڙ پيسي سان به مدد ڪري سگهن. حالي اهو ئي طريقو آهي هاري ۽ ڳوٺاڻي کي وڏيري جي چنبي مان ڇڏائڻ جو.

حالي ته هن کي ڇڏائڻو هو هن ڳوٺ جي رهاڪن کي توتارن جي آواز جي چنبي کان هن ڪتابن ۾ پڙهيو هو ۽ ڪيترن ڊاڪٽرن کان ٻڌو هئائين ته وڏو، گوڙيلو، اڻ ڦاڙ آواز، انسانن ۾ ڪيترائي روڳ پيدا ڪري سگهي ٿو، جهڙوڪ بلڊ پريشر، اڌ رنگ، ٻوڙاڻ، چريائپ، ماليخوليا، ننڊ نه اچڻ، بي آرامي، چيڙاڪ طبيعت ۽ خاص طرح ٻارن لاءِ ته اهو وڏو ويل آهي. ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن بهادر برداشت ڪيو چوٿين رات .... رات جو ٽيئين بجي کان پوءِ، بهادر مسيت ۾ وڃي لڪي ويٺو. ان وقت ڪا به پهر ڪا نه هئي، نه رستي تي ۽ نه مسيت اندر هن پٺڪي جي ٻُٽ ٻڌي ۽ هڪڙي هٿ ۾ پستول جهليائين، جو ولس اول ئي هو.

مُلو کنگهندو کڙڪندو، وضو ڪري اچي مائيڪ سامهون ويٺو. جيئن ٽيڻ ڪن تي هٿ رکيائين ته بهادر پٺيان اچي هڪ هٿ سان وات بند ڪيس ۽ ٻئي هٿ سان ڪنڌ تي پستول رکي چيائينس "هل، جيڏانهن مان وٺي هلانءِ. آواز ڪڍڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ!"

پوکن ۽ فصلن جي وچان هن کي وٺي اچي هڪ وهندڙ واهه تي نڪتو. واهه جي ڪنڌيءَ تي ويهي، بهادر هن جي رات وارو هٿ هٽائي ڇڏيو. اجڪلهه ڌاڙيلن جون وارداتون عام جام ٿي پيون آهن. ملي سمجهيو ته ڪو ڌاڙيل آهي ۽ مونکي اغوا ڪري رهيو آهي.

چيائين "مان غريب ٻانگو آهيان، مون مان ڇا حاصل ٿيندي، خدا جي واسطي مونکي ڇڏ ته مان وڃان......."

بهادر ڪو جواب ڪونه ڏنو ۽ پستول پنهنجي ور ۾ وجهي ملي کي

پنهنجيون راتيون ۽ ڏينهن گذارڻ لڳا، ۽ سک ۽ صحت جو ساهه کنيائون. عارضي ٻانگو مناري تي چڙهي ٻانگ ڏيندو هو. اصلي مُلو صحتمند ٿي وري ڊيوٽي تي چڙهيو تہ لائوڊ اسپيڪر ٿي مسيت تان لهرائي ڇڏيائين ۽ آهستي آهستي ٻين مسيتين جي ملن بہ ائين ڪيو. ❑

# پيار نہ پلبو پڃرن ۾

”مون هزار دفعا توکي سمجهايو آهي، پڙتون کونہ سمجهندين، اڄ مون کي زبردستي ڪرڻي پوندي !“ ائين چئي، مون آئي، هن جي عاليشان ڊرائنگ هال ۾ رکيل وڏي شاهي چاريدار پڃري جو در کولي ڇڏيو. ان ۾ بند ٽيل ويهہ پنجويهہ جدا جدا رنگن جا، ڪي ساوا، ڪي پيلا، ڪي چٽڪمرا، ڪن جون ڇهنبون ڳاڙهيون، ڪن جون پوريون، ڪي جهرڪيءَ جيڏا ڪي ان ٻکان وڏا، ڏسڻ ۾ ڏاڍا خوبصورت ۽ دل کي وڻندڙ آسٽريليا جا طوطا. ڪليل در مان آهٽ ٿيندا، اهڙي تيزيءَ سان نڪري اڏرڻ لڳا ڄڻ تہ هڪٻئي کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ڪندا هجن يا ڊپ هجين تہ اهو ڪليل در وري بند نہ ڪيو وڃي.

منهنجي دوست ان ڪارروائيءَ ۾ نہ منهنجي مخالفت ڪئي ۽ نہ منهنجو هٿ روڪڻ لاءِ اڳتي وڌيو. هو مون ڏي نهاريندو مرڪندو رهيو.

طوطا، آزاديءَ جي هوا جو پهريون مزو وٺندا، پَرَ ڦڙڪائيندا، فضا جي جدا جدا طرفن ۾، ڀڄي رفتار سان اُڏامندا، جلد ئي نظرن کان غائب ٿي ويا.

”يار دل ۾ نہ ڪجانءِ. پکين کي پڃري ۾ بند ڏسي ڏاڍي ڪوفت ۽ الجهن ٿيندي اٿم. دل دانهون ڪندي آهي ۽ ذهن زخمي ٿي پوندو آهي، ۽ انهن کي بند ڪندڙ تي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي اٿم.“

هو مرڪندو رهيو. چيائين ”مون کي خوشي آهي تہ مون پنهنجي دلبر دوست ۽ دانشور جي هڪڙي ڪتابي خواهش پوري ڪئي آهي تہ پکي آزاديءَ جي علامت ٿيندو آهي ۽ انسان جو ان کي پڃري ۾ بند ڪرڻ، آزاديءَ جي نفي ڪرڻ برابر آهي. پر هيترن ٻين هزارن لکن ماڻهن جو پکين کي پڃرن ۾ بند ڪري رکيو آهي، انهن لاءِ ڇا ٿو چوين. منهنجا پکي تہ تو آزاد ڪري ڇڏيا. هاڻي؟“

”مون کي ان جو الڪو ناهي. اسان جي ڌرتيءَ تي هزارين مون جهڙا ماڻهو پيدا ٿي رهيا آهن. مون تہ حجت ڪري توسان زبردستي ڪئي آهي، پر

ماڻهن جي ذهنيت ڦيرائي پئي وڃي ۽ جڏهن ذهنيت ڦري ويندي تہ ماڻهو پاڻ جو پاڻ پيرن جا دروازا کولي ڇڏيندا."

"ڪنهن جي ڪنهن جي ذهنيت ڦيرائيندين؟"

"مون اڳ بہ توکي ٻڌايو آهي تہ اڄ بہ دنيا ۾ غلاميءَ جون نشانيون موجود آهن."

"هاڻي تون ورجائيندين تہ دنيا ۾ ملڪيت جي رواج سان، غلاميءَ جو دور شروع ٿيو. ملڪيت جو مالڪ پنجي ويو آقا ۽ ملڪيت تي پورهيو ڪندڙ بنجي ويو غلام. يونانين ۽ روم جي حڪومت ۾ ماڻهن جو باقاعدي واپار شروع ٿيو، يعني پورهيتن کي غلام بڻائي، باقاعدي بازار ۾ پئسن تي وڪرو ڪيو ويندو هو ۽ هنن کي زنجيرن ۾ ٻڌي رکيو ويندو هو ۽ جانورن وانگر هنن کان ڪم ورتو ويندو هو. ان کان پوءِ آمريڪا ۽ يورپ جا ملڪ، آفريڪا جي شيدين کي ايئن شڪار ڪري ڦاسائيندا هئا، جيئن جهنگلي جانورن کي لوهي پڃرن ۽ لوهي اوزارن ۽ لوهي ڪوڙڪين سان ڦاسائبو آهي. پوءِ هنن تي وحشي ظلم ڪري، آمريڪا ۽ يورپ جي مارڪيٽن ۾ آڻي وڪيو ويندو هو."

"انهيءَ قسم جي غلاميءَ جي واپار جي تہ هر ڪنهن کي ڄاڻ پئجي وئي آهي، پر هن زماني ۾ بہ غلام موجود آهن. زميندار، دولتمند ۽ سرمائيدار آقا آهن ۽ هاري، پورهيت ۽ مزدور غلام آهن."

"تون عورتن جو ڏاڍو ٻدر ڪندو آهين تہ عربن، عورتن جي غلاميءَ جو نئين سر رواج وڌو ۽ اڄ تائين اها غلامي زورن تي آهي. نہ رڳو عربن جي ملڪن ۾ پر اسان جي ملڪ ۾ بہ حرم، حويليون، سٿن ڪوٽن ۾ بند عورتون، عورتن جو حق بخشائڻ، هنن کي پردي ۽ جهالت ۾ رکڻ، چار چار شاديون ڪرڻ، سريتون رکڻ ۽ ٻيا طرحين طرحين قيد ۽ بند جا هنن تي ظلم ۽ عقوبتون تي رهيون آهن. عورتن جي غلاميءَ جو مسئلو تہ اسان جي ڌرتيءَ تي بہ آهي، توکي ان باري ۾ ڪجهہ ڪرڻ ۽ ڪرائڻ گهرجي؟"

"ها، اها صحيح ڳالهہ آهي. مان ان تي لکندو بہ رهيو آهيان ۽ سوچيندو بہ رهيو آهيان. پر بنيادي حقيقت هي آهي. تہ ماڻهوءَ کي ڦهندو اهو جو هو پنهنجي گڏيل طاقت ۽ تنظيم سان وڙهي حاصل ڪندو. عورتن کي پنهنجي

آزاديءَ لاءِ پاڻ ئي وڙهڻو پوندو. بغاوت ڪري مرد جي چنبي ڪان پاڻ کي
ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو. باقي اها اميد رکڻ ته گهر ويٺي ئي مرد هنن
کي آزادي، برابريءَ جا انساني حق ڏيندا. اها هنن جي پڙري حماقت ٿيندي.
عورتن طرفان تحريڪون ۽ بغاوتون ئي ان جو علاج آهن. سچاڻ ۽ انسان
دوست هنن جي فقط اخلاقي سهائتا ئي ڪري سگهن ٿا."

"اهو سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته عورتن جي آزادي، مردن برابر حق حاصل
ڪرڻ ۽ انساني درجو ماڻڻ لاءِ تحريڪ ۽ جدوجهد جو روپ ڪهڙو هجڻ
گهرجي؟" مون وراڻيو.

اتي بنگلي واري دوست جو نوڪر آيو ۽ مون ڏي مهڙ ڪري چيائين،
"سائين، ٻاهر ڪو همراهه توهان کي سڏي رهيو آهي."

(٢)

صبح جو پهر هو. موٽر پنهنجي رفتار سان هلي رهي هئي. رستي تي
روزمره وانگر گاڏين جي ٻي انت اچ وڃ هئي. مان روهڙيءَ کان اڳيرو
پهريون پيرو وڃي رهيو هوس. اتر سنڌ به وچولي سنڌ وانگر سرسبز سائي ۽
آباد شاداب آهي. ڇوڏاري ساوا فصل ۽ پوکون، سورج مکيءَ جا پيلا ۽ وشال
فصل ڏاڍا وڻندڙ ۽ خوشي بخشيندڙ لڳي رهيا هئا. جيئن سرنهن جا پيلن گلن
وارا فصل ميلن جو ميلن ۾ پکڙيل ۽ دل کي ڇڪيندڙ لڳندا آهن، جو انهن
مان نظر ئي نه ڪڍجي. ڪٿي ڪٿي ڪڻڪ جا لاباارا پڄي رهيا هئا ۽ سچار ۽
محنت ڪش هاري پنهنجي ڪم ۾ جنبيل هئا. ڪٽيل فصل جون ڳڏيون
ٺاهي، پنهنجي مٿي، ڪلهن ۽ پٺيءَ تي کڻي، ڪري وٺ ڪندا ٿي ويا. رستي
جي پاسن کان ڪٿي ريل جا پٽا هئا ته ڪٿي وهندڙ واهه. واهه ۾ ڪٿي وڏا
توڙي ننڍا وهنجي رهيا هئا، ڪٿي عورتون لٽا ڌوئي رهيون هيون. ڪٿي مال
پاڻي پي رهيو هو. زمين ۾ کجين جا باغ به ڏاڍا هئا ۽ نظرن کي ڀلا لڳي رهيا
هئا. ٻيا به ڪيترائي باغ هئا. ڏاڍي وڻڪار هئي. رستي جي ٻنهي پاسي ماحول
کي سرهو بڻائيندڙ بيد مشڪ جا ڊگها ۽ سهڻا وڻ هئا. جدا جدا پکي فضا ۾
اڏامي رهيا هئا ۽ وڻن ۾ سريلا آواز ڪڍي رهيا هئا. پکين جون لاتيون، پکين
جي موجودگي ۽ انهن جون رانديون، ڏسندڙن کي راحت ڏيڻ لاءِ ڪافي

هيون. آزادي، پکين ۾ به ڪيڏي نه سونهن، خوشي، جيون ماڻڻ، پنهنجي جيون جون ضرورتون، پاڻ پورهيو ڪري هٿ ڪرڻ ۽ ميڙي رکڻ جي خواهش، محنت ۽ شوق پيدا ڪري ٿي.

مون سوچيو سنڌ جي زمين فصلن سان آباد آهي، سنڌ جي فضا پکين سان آباد آهي ۽ سنڌ جو آسمان روشنيءَ سان آباد آهي. الا، جي سنڌ جا ماڻهو رڳو آزاد ٿي وڃن......

مان پنهنجي بنگلي واري ڪاموري دوست کي چوندو آهيان ته توکي پکين جي سونهن ڏسڻ خاطر هنن کي پڃري ۾ بند ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ توکي جي پکين جي خوبصورتي ڏسڻ جو شوق آهي ته تون صبح جو سوير وڃي پنهنجي گهر جي ڇپر تي ويهندو ڪر. اتان توکي نه رڳو گهر جا ٻوٽا ۽ وڻ نظر ايندا، پر آسپاس وارن بنگلن جي باغيچن جا به گل، ٻوٽا ۽ درخت نظر ايندا ۽ انهن تي رنگ برنگي ۽ قسمين قسمين، ننڍا وڏا پکي اڏامندا اڏرندا، وڙهندا، پيار ڪندا، هڪٻئي سان چهنبون هلائيندا، هڪٻئي کي لونگا هڻندا، سريلا آواز ڪيئندا، لاتيون ڪندا، ڪڏهن وڻن ۾، ڪڏهن ٻوٽن تي، ڪڏهن گلن تي، ڪڏهن گهرن ۾، ڪڏهن آکيرن ۾ ڪڏندا ۽ کيڏاندا ڏسبا.

پوءِ مان هن کي چوندو هوس ته "تنهنجي پکين سان دلچسپي ڪانهي. تنهنجي آهي ڪاموڪي ذهنيت. جهڙي طرح تون پنهنجي ماتحتن، تو وٽ ايندڙ عرضدار، ۽ خود پنهنجي زال، جنهن کي تون برقعو پارائيندو آهين، اهڙي طرح ٻين بنگلن وارن کي پکين کي واڙي رکڻ جو فيشن ڏسين ٿو ته ان ۾ به تنهنجي حاڪماڻي ذهنيت کي تسڪين ملي ٿي! درحقيقت اهي ۽ ان جهڙا ٻيا رويا غلاماڻي دور ۽ جاگيرداري نظامن جو تسلسل، يادگار ۽ نشانيون آهن."

منهنجو ڌيان خاص ڪري ڪيٽن ۾ ڪم ڪندڙ مردن ۽ عورتن ڏانهن ڪجي ٿي ويو. هو ننڍڻ اُس ۾ پورهيو ڪري رهيا هئا. مردن قميصون لاهي ڇڏيون هيون. هن کي گوڏ ۽ مٿي تي پٽڪو يا پوتڙو ويڙهيل هو. هن جي جسمن تان پگهر ائين لارون ڪري وهي رهيو هو ڄڻ مٿان آسمان تان وڏ ڦڙو وسي رهيو هو. عورتن جي بدن جا ڪپڙا پگهر ڪري پُسي پٽ ٿي ويا هئا، ڄڻ ته هينئر هينئر واٽر ڪورس ۾ ڪپڙن سميت ٽٻي هڻي ٻاهر نڪتيون

هيون. مار ويچارڻ لڳس تہ اسان جي ملڪ مٿان غلاميءَ جا تهن مٿان تهہ آهن. هاري، سامراج آمريڪا ۽ پنجابيءَ جو غلام آهي، وڏيري جو غلام آهي، پوليس جو غلام آهي. ڪاموري جو غلام آهي ۽ عورت هارياڻيءَ مٿان اجا بہ هڪ وڌيڪ غلامي آهي ۽ اها آهي مرد جي غلامي. هوءَ ڪيت تي ڪم ڪري وچي گهر جو ڪم ڪار ڪندي ۽ مڙس جا موچڙا کائيندي........

مان پنهنجي موج ۾ چيتي جي چاڻ سڃاڻ ڪرائڻ وساري ڇڏي. جيڪو همراهہ مون کي منهنجي دوست جي بنگلي مان سڏڻ آيو هو، سو چيتو ئي هو. چيتو منهنجي ڪهاڻين، ڪتابن ۽ لکڻين جو وڏو مداح آهي. ورهين کان وٺي جڏهن بہ، جتي بہ ۽ جيڪا بہ منهنجي لکڻي پڙهندو تہ هڪدم ان تي پنهنجو رايو لکي موڪليندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ خاص مون سان ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ هو حيدرآباد ايندو هو ۽ خير خيريت ۽ ڪنهن ڪتاب شايع ٿيڻ بابت ٻين شهرن مان، جتي هن جي نوڪري هوندي هئي، تہ هو فون بہ ڪندو رهندو هو. مون کي ڏاڍي عزت ۽ پنهنجائپ ڏيکاريندو آهي.

خير پيس تہ مان اڄڪلهہ سکر ۾ آهيان تہ هڪدم مون سان ملڻ آيو ۽ مون کي سندس شهر هلڻ جي دعوت ڏنائين. اهڙي ساٿيءَ سان انڪار ڪرڻ جو سوال ئي ڪونہ هو. هو چئي ويو تہ مان ڪنهن ڏينهن پنهنجي گاڏي کاهي ايندس ۽ توهان کي وٺي هلندس.

هو آزادي پسند ۽ روشن خيال ماڻهو هو. علم، ادب، سياست ۽ سنڌيت تي هن جا ويچار ترقي پسند ۽ وسيع چاڻ وارا هئا. ان ڪري هن سان ڪچهري ڪرڻ ۾ چڱو لطف ايندو هو. هن جو پيءُ وڏو زميندار ۽ هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو. پر چيتو پنهنجي سڄي خاندان سميت، ضلعي شهر ۾ هڪ وڏي جاءِ وٺي اچي ويٺو هو. هو پاڻ ڪسٽم آفيسر هو.

موٽر هلندي چيتو ڳالهائيندو رهيو. پر مان چپ تہ پورو ٻڌي ئي ڪونہ رهيو هوس. منهنجو ڌيان آسپاس جي نظارن ۾ هو. مون هن جون ڳالهيون ڌيان سان ان ڪري بہ نہ ٿي ٻڌيون جو هو هن وقت گهڻو ڪري پنهنجي جاگيردار پيءُ، سندن حويلي، سندن زمينن ۽ اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري رهيو هو يا مون سمجهيو ٿي تہ هو اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. منهنجي ذهن ۾ هو تہ اڄ مان هڪڙو وڌيڪ "غلام گهر" ڏسڻ

ويجي رهيو آهيان، جتي هڪڙو وڏو ڪوٽ هوندو، جتي هڪ اڻ پڙهيل وڏيري جو راڄ هوندو، جنهن جون ڪيتريون ئي زالون هونديون، ڪيتريون ئي سريتون ۽ ٻانهيون هونديون، ڪيتريون ئي ساماٽل ۽ اڌڙوٽ حق بخشايل ڏيڙ ۽ ڀينر هونديون.....

(۳)

"هي، آهي، سائين اسان جو گهر." موٽر شهر ۾ هڪ هنڌ بيٺي ته چيتي چيو.

منهنجيون اکيون ڦاٽي ويون. هي ته منهنجي تخيل وارو گهر نه هو. منهنجا اندازا، انديشا، خدشا، تصور ۽ وهم گمان سڀ ٻاڻي، جي ڦوٽي وانگر ڦاٽي پيا. هتي نه سينٽرل جيل وانگر چوڏاري ويهه فوٽ اوچو ڪوٽ ۽ نه سينٽرل جيل وانگر شاهي، لوهي ۽ ڏهه قلف لڳل خوفناڪ دروازو هو. هتي نه سنڌ جي يونيورسٽين جي هاسٽلن جهڙي لوهه جي ڇهنبدار گرل واري چوڌيواري هئي ۽ نه چوڪيدار بيٺل اوچو دروازو هو. هن گهر جي اڏاوت ته پڪين ڪي بند ڪرڻ واري پيچري جهڙي به نه هئي. هي ته وچولي درجي جو صاف سٿرو ۽ ڪشادو شهري گهر هو. هي منهنجي خيالي تصويرن ۽ تخيل جي اڏام واري حويلي نه هئي. مون کي هڪ ايئرڪنڊيشنڊ صفي ۾ ويهاريو ويو. ان وقت اهو خالي هو ۽ مان اڪيلو هوس. سڄي فرش تي گلم وڇايل هو ۽ هڪ پاسي کان هڪ جنڊي، جي ڪٽ رکيل هئي، جنهن تي نهايت سهڻي رلي وڇايل هئي ۽ سيراندي، کان به وهاڻا پيا هئا. هڪڙي پٽ تي سنڌ جو هڪ نهايت سندر نقشو فريم ٿيل لڳل هو. ٻين پاسي پٽين تي ڪجهه فوٽا ٽنگيل هئا، شايد گهر جي ڪن ڀاتين جا هئا. ٿوري دير کان پوء، گهر جي ڀاتين صفي ۾ اچڻ شروع ڪيو. عورتون، جوان ڇوڪريون، ڇوڪرا ۽ ننڍا وڏا ٻار. جيئن هو ايندا ويا، تيئن مون کي حيرانگي وٺندي ۽ وڌندي وئي. اها حيرانگي نه رڳو هن جي منهن مهاندي ڪري هئي، پر هن جي مون سان ملڻ جي طريقي ڪري به هئي. مون سان ڳراٽڙي پائي، اهڙي پنهنجائي ۽ ٻاجهه ۽ ٽڙيل منهن سان ٿي مليا، ڄڻ ته مان سندن گهڻي وقت کان گم ٿيل ۽ وڇڙيل ڀي، يا ڀاء هوس ۽ اوچتو اچي ويو هوس. انهن ۾ وچولي عمر

"ادا، جڏهن چيتي اسان کي توهان جو هڪڙو ڪتاب پڙهايو، تڏهن اسان کي اهو ايترو وڻيو، ۽ ان اسان جي دل ۽ دماغ تي ايترو اثر ڪيو، جو مون پنهنجي هڪ هڪ ٻار، ڇوڪري توڙي ڇوڪريءَ کي پڙهايو ۽ هڙني کي ايترو پسند پيو جو ان وقت کان وٺي توهان جي هر هڪ لکڻي ۽ ڪتاب وٺندا آهيون. جڏهن چيتو توهان جو ڪتاب گهر ۾ آڻيندو آهي، تڏهن اهو پڙهڻ لاءِ ننڍا توڙي وڏا ڇتا تي پوندا آهيون ۽ هڪڙو پڙهندو آهي ته ٻيو ان جي انتظار ۾ هوندو آهي ته ڪڏهن ٿو اهو پورو ڪري. اسين هينئر جو ڪجهه به آهيون، توهان جي لکڻين جي اثر ڪري آهيون." ماءُ چيو.

ڪلاڪ کن کان پوءِ هن جي چاچي به اچي پهتي ۽ ساڳئي ادب ۽ عزت سان ملي. هوءَ هڪ ٻوٽ ۾ رهندي هئي ۽ منهنجي لاءِ چٺي ڇڏيو هئائين ته جنهن وقت به پهچي ته مون کي گاڏي موڪلجو. هن کي ٻه ٻار هئا.

هن خاندان جو پاڻ ۾ مون ايڏو قرب ڏٺو، جو مون دل ۾ چيو ته شل سنڌي پاڻ ۾ ائين کير کنڊ ٿي وڃن.

هاڻي هن خاندان جي پوري ڪٿا ٿي ٻڌائڻي پوندي، ڇو ته مٿي ڪجهه متضاد ڳالهيون پڻ ڪيون اٿم. چيتي جو پيءُ هتان کان ڏهه ميل ڏور، پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندو هو. هو تَرَ جو وڏو زميندار هو. ڪورو جٽ، وڏو ظالم، عياش، پراڻن ۽ پست خيالن وارو، وڏن ڪامورن ۽ وزيرن کي شڪار ڪرائڻ وارو ۽ نشئي ۽ راڳ ناچ جون محفلون مچائڻ وارو. چيتي جي ماءُ هن جي اباڻي ڏاڏاڻي ۽ پهرين زال هئي. هوءَ ننڍي هوندي ئي ڳوٺ جي سنڌي اسڪول ۾ پنج درجا سنڌي پڙهي هئي. ٽن چئن سالن اندر ئي هن کي وڏيري جي ڪڏن ڪرتوتن، بدڪارين، بدمعاشين ۽ وحشي ظلمن جي خبر پئجي وئي. هن پنهنجي چوڌاري حويليءَ جا وڏا وڏا ڪوٽ ۽ اجگر جهڙا لوهي دروازا ڏٺا. هوءَ ڪجهه پڙهيل، سمجهدار ۽ حساس هئي. پهرين ته هوءَ صبر ۽ پاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ کان ڪم وٺڻ جو جتن ڪرڻ لڳي. پر وڏيري جي بدڪرداريءَ جو نه ڪو ڏنگ هو ۽ نه ڪا حد هئي. هوءَ پڃري ۾ تازي قاتل پکيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳي. وڏيري کي هيڻاهينءَ سان سمجهايائين، هن کي آزي نيزاري ۽ منٿ ميڙ ڪيائين ۽ خدا جا واسطا وڌائين. پر وڏيرو هن سان مرڳو

ٿي لڙڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ ۽ زال جي ان رَوشَ جي پچر نہ ڇڏڻ تي هن کي مارون ڪيڻ لڳو.

پوءِ وڏيرو زال مٿي زال پرٽبو رهيو، سُريتن مٿي سُريتون ۽ ٻانهين مٿي ٻانهيون آڻيندو رهيو ۽ ڪنهن بہ هاري يا ڳوٺاڻي جي نياڻيءَ جي عزت محفوظ نہ هئي.

"مان اندر ئي اندر ۾ پچرندي ۽ پڇندي رهيس. منهنجو من باغي بڻجي چڪو هو. مون وڏيري جي سڌرڻ جي ساري اميد لاهي ڇڏي هئي. هو پيڙهائتو پاپي هو. هو تہ ايتري قدر بي غيرت هو جو پنهنجن سڳن مائٽن سامهون سُريتن، ٻانهين ۽ ٻين سان عشقبازيون ڪندو رهندو هو. مان سوچي سوچي ٿڪجي پيس تہ ڇا ڪريان، پر ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. مون هڪ ڀيري اهو بہ سوچيو تہ هن ڳوٺ ۾ ٽي هزار ماڻهو رهن ٿا، انهن تي هڪڙو وڏيرو هڪ هٽيءَ سان هٿ جي روح، ذهن ۽ جسم تي ايڏي آسانيءَ سان راڄ ڪري ٿو، هن تي ظلم، ڏاڍائي، ڏمر ۽ بي انصافيون ڪري ٿو، هن جي حياتي توڙي موت هن جي هٿ ۾ آهي! ڇا هو پنجوءَ جو ڍير آهن؟ ڇا هو پَريل پڳل اوڏڪي پت آهن! جڏهن وڏيرو اوطاق ۾ ڪنهن بي ڏوهي، مسڪين ۽ مظلوم هاريءَ کي لٺين ٻانڻ سان مارائي مارائي اڌ مئو ڪرائي ٿو يا ڪنهن بي پهچ ڳوٺاڻي کي ڪهاڙي سان يا بندوق سان قتل ڪرائي ٿو ۽ ان وقت ڪن حالتن ۾ چاليهہ پنجاهہ يا سئو کن هاري پنهنجي مظلوم ڀاءُ جي بدران ۽ بچاءَ ۾ وڏيري جي ان پاليل ۽ هٿيار هلائيندڙن تي حملو ڪري هن کي چيري ڦاڙي ڇو نہ ٿا ڇڏين يا وڏيري تي هلان ڪري ٿڏي تي هن کي قتل ڇو نہ ٿا ڪري ڇڏين؟ مان اهو پڻ سوچيندي هئس تہ وڏيرو جنهن مهل ڪنهن ضائفان يا مرد تي ڪنهن بہ قسم جو ظلم ڪري ٿو تہ پوري ڳوٺ جا مرد توڙي عورتون، ٻار توڙي ٻڍا، ٻاهر نڪري ڇو نہ ٿا اچن ۽ گڏجي وڏيري کي ٻَج ٻَج ڪري ڇو نہ ٿا ڇڏين؟ وڌ ۾ وڌ ڪٿي هن جا ٻہ ٽي هٿياربند پهريدار هوندا، اهي بہ ڪٿي ٻہ چار ماڻهو ماريندا يا تہ عوام کان پنهنجي جان بچائيندا. هونءَ بہ وڏيري جي راڄ ۾ هر ڪو ڳوٺاڻو هر وقت موت جي مُنهن ۾ آهي، هو ڪنهن بہ مهل عوام جي حياتي ختم ڪرائي سگهي ٿو. ان ڪري هتي موت جو ڊپ بي معنيٰ آهي. ان ڪري ڇو نہ مڙس ماڻهو تي

لڙجي. اهڙي نموني قتل ٿيڻ کان پوءِ، وڏيري جا پويان يا تہ ڳوٺ مان ٺي لڏي ويندا يا تہ کنهن هاري يا ڳوٺاڻي تي کو ظلم کان توبهہ کري ڇڏيندا. عوام جو موٽ ۾ اهڙو عمل ڏسي، سنڌ جا ٻيا وڏيرا بہ سبق سکندا. مان اهو بہ سوچيندي هئس تہ جڏهن وڏيري جا پڙوا ۽ غنڊا، زوريءَ کنهن جي نياڻي کڻي وڃي ٿا حويليءَ ۾ واڙين، تہ ڳوٺ جون عورتون ۽ مرد ڇو نہ ٿا وڃي حويليءَ جا کوٽ ڊاهين ۽ حويليءَ جو نالو نشان مٽائين؟ برلن جي ديوار ڊهي سگهي ٿي تہ عوام آڏو هي کوٽ کهڙي حيثيت رکن ٿا! مان سوچيندي هئس تہ هڪڙو ڪمدار، جنهن جي ڪلهي تي بندوق هوندي آهي ۽ هٿ ۾ ڇهبڪ، ۽ جو هارين کان ونگار يا ڇيڙ تي، اهاڻي ڀهاني، ٽڪل، ٻڪايل ۽ بيمار هارين مٿان ڇهبڪ وسائيندو آهي، تنهن کي ان زيادتيءَ تي، اهي ويهارو ڪن هاري، اُن ڪمدار کي پڪڙي، هن جي ڳچي جو نہ ٿا مروڙي ڇڏين! مان اهو بہ سوچيندي هئس تہ وڏيري جي حڪم تي هارين ۽ ڳوٺاڻن کي سزائون ڏيڻ وارا، ظلم ڪرڻ وارا، قتل ڪرڻ وارا، اهي شودا، غنڊا، چور ۽ ڪمدار بہ تہ انهن هارين ۽ ڳوٺاڻن مان آهن، وڏيرو اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي سر تہ ڪو نہ ٿو ڪري؟ پوءِ انهن وڏيري جي خاص ماڻهن کي اهو احساس ڇو نہ ٿو ٿئي تہ وڏيرو اسان کي استعمال ڪري، اسان کان ئي اسان جي ڀائرن ۽ ڳوٺاڻين تي ظلم ۽ زيادتي ٿو ڪرائي!......"

عزيزان، جا ڇيتي جي ماءُ ۽ وڏيري جي پهرين زال هئي، تنهن تفصيل ٻڌايو.

نيٺ عزيزان کي خيال آيو تہ حويليءَ اندر بہ وڏي مظلوم خلق رهي ٿي. وڏيري جون زالون آهن، سُريتون آهن، ٻانهيون آهن، زوريءَ وهاريل عورتون آهن، انهن جا ٻار آهن. هن ويچاريو تہ انهن سان ڪچهريون ڪجن ۽ هنن ۾ شعور پئدا ڪجي ۽ احساس پيدا ڪجي تہ هو ظلم ۾ پيڙجي رهيون آهن ۽ اهو ظلم خدا جي طرف کان سمجهي رضا تي راضي نہ رهن، پر اهو ظلم سنئون سڌو وڏيري جي ڪرتي آهي ۽ ان جو علاج اهو آهي تہ مظلومن کي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ڳڏپ ڪري، سيئي ڳوٺ وارا گڏجي، وڏيرو جو تڏو ۽ پٽين.

پوءِ عزيزان اهو پرچار، حويليءَ جي مظلوم رهاڪن ۾ جاري رکيو. وڏيري سان مقابلي ڪرڻ جو پرچار.

" پر سوال آهي تہ ڏوهاري ظالم آهي يا مظلوم؟ سزا ظالم کي ملڻ کپي

يا مظلوم ڪي؟ مان تہ سمجهان ٿي تہ ڏوهاري مظلوم آهي ۽ سزا بہ مظلوم کي ملڻ کپي. شايد چيو وڃي تہ مظلوم جاهل آهي، بي شعور آهي، بي احساس آهي ۽ ڇڙويڇڙ آهي. پر اهي ئي ڪوتاهيون آهن ۽ انهن ڪوتاهين ڪري ئي هو ڏوهاري آهي ۽ سزا کائي پيو. جهالت ڪري هو سمجهي ٿو تہ اهو هن جي قسمت ۾ آهي ۽ هو خلقيو ئي ان ڪاڻ ويو آهي، ان ڪري هو بغاوت نہ ٿو ڪري. بي شعوريءَ ڪري، هن کي ساڃهہ ئي ڪانهي تہ ڪم هو ڪري ٿو، سرجڻهار هو پاڻ آهي ۽ وڏيرو تہ نڪمو، نڪمٽو ۽ بيڪار آهي ۽ جيڪو ڪم نہ ٿو ڪري تنهن کي کائڻ جو حق بہ ڪونهي. پنهنجن حقن جو احساس نہ هجڻ ڪري، هو ناحق جو شڪار ٿيو وڃي آهي. هن کي اهو احساس ئي ڪونهي تہ هو ڪيڏو نہ عظيم انسان آهي، ايڏو عظيم جو هن جي ڪم نہ ڪرڻ ڪري، دنيا جو چرخو ئي بيهي وڃي. هو ڇڙويڇڙ هجڻ ڪري، جتي ڪٿي ظلم جي گهاڻي ۾ پيو پيڙجي. هو ڇڙويڇڙ هجڻ ڪري، دنيا جي ڪمزور ۾ ڪمزور مخلوق بڻجي ويو آهي. هو پنهنجي آسپاس ۽ دنيا ڏانهن پنهنجون اکيون، پنهنجا ڪن، پنهنجو ذهن، پنهنجي دل ۽ پنهنجو دماغ کولي چو نہ ٿو سمجهي ۽ پرکي تہ ڀڏي ۽ گڏپ ۾ وڏي طاقت آهي، ۽ دنيا جا مظلوم ۽ پورهيت گڏجي نہ رڳو ظلم جي پاڙ پٽي سگهن ٿا. پر دنيا کي سهڻو ۽ زندگيءَ کي سکيو ستابو بڻائي سگهن ٿا." ماءُ جي گفتگوءَ جي وچ ۾ ئي سندس هڪ وڏي ڏيءُ چيو.

"مون هڪ هنڌ پڙهيو آهي تہ ظلم سهڻ پاپ آهي." ٻيءَ ڏيءُ چيو.

عزيزان کي ڀيرين ۾ پٽ ڄاوا هئا. پوءِ لاڳيتون ٽي ڌيئرون ۽ ان کان پوءِ وري ٻہ پٽ.

وڏيرو اولاد کي تعليم ڏيارڻ جي سخت خلاف هو. پر جڏهن هن جا پٽ اسڪول عمر جا ٿيندا ويا تہ عزيزان جي ضد ۽ سخت رويي ڪري، ٻارن کي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ وهاريو ويو. اتان پوءِ هن کي پرواري شهر ۾ هاسٽل ۾ رهائي، هاءِ اسڪول ۾ پڙهايو ويو. پوءِ هنن حيدرآباد وڃي، ڪاليج ۽ يونيورسٽين مان ڊگريون پاس ڪيون ۽ هو سٺيون نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا. هن وقت ڇيتو ڪسٽم آفيسر هو ۽ هن جو ننڍو ڀاءُ سوڀارو آبپاشي کاتي ۾ ايس - ڊي - او هو. ٻئي ڀائر ترقي پسند، روشن

اسين اها ڳالهه ذهن ۾ رکي پڙهنديون آهيون تہ اسين سنڌ لاءِ ٿيون پڙهون." هڪڙي وڏي ڇوڪريءَ چيو.

"ڪاليجي ڪم ۽ هوم ورڪ پورو ڪرڻ کان پوءِ، جيڪو وقت بچندو آهي، اهو سنڌي قوم لاءِ ڪتب آڻينديون آهيون. اسين سنڌ عمل تنظيم (Sindh Action Organisation) جون سرگرم ڪارڪن آهيون. حقيقت ۾ ان تنظيم جو هر ڪارڪن سرگرم هوندو آهي. اها سنڌي نوجوان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي تنظيم آهي. اها تنظيم بيان بازي ۽ زبان لپاڙ جا ڦڏا ڪونہ ڇوڙيندي آهي ۽ نہ تقريرن جا طوفان مچائيندي آهي. اسين ٽولن جي صورت ۾ شهرن ۾ ۽ ڳوٺن ۾ ڪم ڪندا آهيون. اتي پاڙن ۽ ڳوٺن جي عورتن ۽ مردن کي ميڙي، هنن ۾ سنڌيت ۽ سنڌ جي مسئلن جو شعور پيدا ڪرڻ خاطر پاڻ پتوڙيندا آهيون، هنن ۾ مظلوميت ۽ بي انصافي جو احساس اڀاريندا آهيون، هنن ۾ قومي آزادي ۽ طبقاتي ڇوٽڪاري جو روح ڦوڪيندا آهيون. ۽ هنن جي ذهن ۾ وهاريندا آهيون تہ اهو سڀ ڪجهہ عمل سان ئي حاصل ڪري سگهبو. اسان جي هٿياربند سکيا ورتل آهي ۽ تنظيم جي هر ڪارڪن کي لازمي طرح اها سکيا وٺڻي آهي. اسين شهر توڙي ٻهراڙي جي مردن توڙي عورتن کي هٿياربند سکيا ڏيندا آهيون ۽ ممڪن حد تائين هنن کي هٿيار بہ مهيا ڪندا آهيون." ٻي نوجوان ڇوڪريءَ ٻڌايو.

"اسان ۾ ڪتابن پڙهڻ جي هير، توهان جي ڪتابن پڙهڻ سان پئي. اسان جي امان ۽ چاچي بہ باقائدي توهان جو هر ڪتاب پڙهنديون آهن. اسان هاڻي ٻيا بہ جام ڪتاب پڙهنديون آهيون. پڙهندي پڙهندي، هاڻي اسان مان ڪي لکڻ بہ لڳيون آهن. اسين ٻہ وڏيون ڀينر ۽ اسان جي چاچي، جا رڳو پنج درجا سنڌي پڙهيل آهي، ڪهاڻيون، خط، شعر ۽ مضمون لکنديون آهيون. جي جدا جدا رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپبا رهندا آهن."

پوءِ هنن پنهنجا پنهنجا ادبي نالا ٻڌاياءِ مون کي ڪجهہ ياد اچڻ لڳو تہ اهي نالا ڪڏهن ڪڏهن رسالن ۽ اخبارن ۾ پئي ڏٺا اٿم.

ڪچهري ٿيندي رهي، ادب تي، سياست تي، گهر جا سڀ وڏا ڀاتي پڙ تي لڳا. هنن جي چاڻ ڏاڍي وشال هئي. ان تي مان ڏاڍو حيران ٿيس ۽ ٻهراڙيءَ جي هڪ سنڌي خاندان ۽ خاص ڪري ڇوڪرين ۽ عورتن کي ايترو

باشعور ۽ باهمت ڏسي، سنڌ جو روشن مستقبل نظر اچڻ لڳو.

"اسان جو ڪجهه آهيون، توهان جي لکڻين ڪري آهيون." هن جي ماءُ عزيزان چيو.

"مون کي خبر ئي ڪانه هئي ته مان پڙهندڙن ۽ عوام ۾ ايڏو مقبول ۽ مڃيل آهيان." مون چيو.

"توهان ٻاهر نڪري، ڳوٺن ۽ جهوپڙين ۾ ته وڃي ڏسو، توهان کي بي انت توهان جا پرستار ۽ مداح نظر ايندا." عزيزان چيو.

"اسان جي گهڻي وقت کان تمنا هئي ته توهان کي ۽ استاد بخاريءَ کي هڪ ڏينهن ئي سهي، پنهنجي گهر رهايون. توهان ته اچي ويا، پڪ آهي ته استاد بخاريءَ کي به رهائڻ جو موقعو ملندو." چيتي چيو.

"هڪڙي ڳالهه ته پڌري آهي، توهان جي ماءُ، وڏيري سان شادي جي پهرين ڏينهن ۾ جيڪي سوچيندي هئي ته هاري ۽ ڳوٺاڻا، جي هزارن جي تعداد ۾ آهن، سي وڏيري، جو تعداد ۾ هڪڙو آهي، تنهن جي ظلم، ڏاڍ، ڏمر ۽ ڪميڻائپ کي صبر سان ڇو ٿا سهن ۽ ان جو مقابلو ڇو نه ٿا ڪن. توهان جي ماءُ جي ان سوچ کي هن جون ڌيئر عملي روپ ڏئي انهن ئي هارين، ڳوٺاڻن ۾ شعور پيدا ڪري رهيون آهن، همت وڌائي رهيون آهن ۽ لڙڻ سيکاري رهيون آهن ۽ هو گڏجي انهن ظلمن ۽ بي انصافين جو مقابلو ڪري رهيا آهن."

"سائين، هاڻي منهنجي ڀيڻ توهان کي راڳ ٻڌائيندي." چيتي پنهنجي هڪ نوجوان ڀيڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

مون ان ڇوڪريءَ ڏي نهاريو، هن مرڪيو. سنڌ جهڙي سهڻي مرڪ، پريل ۽ سگهارو بدن، منهن تي خود اعتمادي، اکين ۾ ڍنڍ جهڙي صاف شفاف مٺاڄري تي لڏندڙ لهرن وارا ڪنول، ڇپن تي سنڌوءَ جي وهڪري واري چرپر ٿيڻ واري.

"بابا، مان توهان کي اهڙو راڳ ٻڌايان ٿي جو هڪ آزاد نظم آهي، اهو آزاد نظم منهنجي دل آهي، منهنجو ذهن آهي، منهنجو جسم آهي، منهنجي سوچ آهي، منهنجي پيار جو آواز آهي، سنڌ ڌرتيءَ جو آواز آهي، هڪ هڪ سنڌ جي سجڻ جو آواز آهي، سوريهه سنڌين جو آواز آهي، دلير سنڌين جو

آواز آهي......"

ڳالهائيندي هن جي آواز ۾ ايڏو ميٺاج اچي ويو جو بي اختيار مون چئي ڏنو "تون تمهيد طور ڳالهائي رهي آهين يا ڳائي رهي آهين. تنهنجو آواز تنهنجي چپن مان نه پر تنهنجي دل جي ڇيڙيل تارن مان نڪري رهيو آهي!"

هن وٺندڙ ھلڪڙو ٽهڪڙو ڏنو.

"نه مان وڏيڪ ڊيگهه نه ڪنديس. اصل ۾ مان هي آزاد نظم ڳائيندي جذباتي ٿي ويندي آهيان. هي نظم هڪ شاعر منظور قادر جو آهي ..... سرو ٿي "ويڙهاڪ" اٿس......

● تون

هن وقت منهنجي

يادن کي چُمي ڏئي

سُمهي پئي هوندين ۽

گهڙيال رات جي ٻارنهن جا ٽڪاءِ هنيا آهن

۽ مون بندوق سنڀالي آهي

ڇو ته منهنجي پهري جو وقت ٿي چڪو آهي

مونکي منهنجي سنڌ چوري ٿيڻ جو خطرو آهي

هونءَ به هن وقت

قوم، وطن ۽ ڌرتيءَ کي

ڏهڻ ۾ قاتل شاعر نه

پر!

محافظِ وطن ۽ ويڙهاڪ شاعر

جي ضرورت وڏيڪ آهي

توکي به ته

تنهنجا پيار ڀريا گيت لکڻ سان گڏ

منهنجو محافظِ وطن ۽ ويڙهاڪ شاعر

وارو روپ وڏيڪ پسند آهي

تون .......... هن وقت!

شايد راڳ گهڻو وقت اڳ ۾ ختم ٿي ويو هو. شايد ٻيا به مون وانگر ماٺ ٿي ويا هئا. مان منجهي ويو هوس، ڄاڻ سراپجي ويو هوس، مان خوابجي ويو هوس. مان ان خواب ۾، مان ان خمار ۾ ڏسي رهيو هوس ۽ چٽي طرح ڏسي رهيو هوس ته سنڌ جا سڀ سنڌي، مرد توڙي عورتون، مون سميت، هٿن ۾ بندوقون سنڀاليو، سنڌ جي دشمن متان ٽٽي پيا هئا.

اهو ڇوڪريءَ جي سُريلي آواز جو اثر هو يا شاعر جي لفظن ۽ موضوع جو ڪمال!

نيٺ سڀني پاڻ سنڀاليو. پر خاموشي ڇانئي رهي. شايد هرڪو سوچي رهيو هو ته مان اڃان هتي ڇو ويٺو آهيان، بندوق کڻي سنڌ جي ويرين جي پٺيان ڇو نه ڪاهي پيو آهيان!

اوچتو ڳائيندڙ ڇوڪريءَ جو آواز اُڀريو. هوءَ مون ڏي مُنهن ڪري مون کان پڇي رهي هئي "پيار کي اوليت آهي يا آزاديءَ کي؟"

مان حالي ته منجهي پيس.

ڳالهين ۽ بحث مباحثن ۾ رات جا ٻه وڄي ويا هئا. پر وڏا سڀ تازا توانا ٿي لڳا. هڪ ٻئي جي حياتين جي باري ۾ وڏي تفصيل سان سوال جواب ڪيا هئاسين. ٽيپن مٿي ٽيپ پريا رهيا. جي اهي پني تي اتاريا وڃن ته ٽئين قسم جو چڱو خاصو ناول ٺهي سگهي ٿو.

مون ڇوڪريءَ جي سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي: "تنهنجي ان سوال جو جواب ڪنهن حد تائين تنهنجي ان ڳايل منظور قادر جي نظم ۾ اچي وڃي ٿو. باقي غلام قوم تي هزارين پابنديون هونديون آهن. هن جي پيار تي به سماجي پابندين کان سواءِ ٻيون به ڪيترين ئي پابنديون هونديون آهن ۽ پيار، آزادي چاهي ٿو. آزاديءَ کان سواءِ ٻن دلين جي ڳنڍجڻ ۽ پيارڪرڻ جو تصور به ڪري نه ٿو سگهجي. هڪڙو شعر پڙهيو هوم، جنهن جو مطلب آهي: پيار ۽ آزادي،جيون جي بهار جون نعمتون آهن. پيار منهنجي جان آهي ۽ آزادي منهنجو ذهن آهي. پيار تي مان پنهنجو جيون قربان ڪري ڇڏيان. پر آزاديءَ تي منهنجو پيار به قربان آهي!"

نيٺ چيائين "مان ۽ ڊودو به ان خيال جا آهيون. اسان ٻنهي جو پاڻ ۾ بيحد پيار آهي. هو پڻ باشعور ۽ اِرادي جو پختو آهي ۽ مان پڻ باشعور ۽

اِرادي جي پختي آهيان. اسان ٻنهي ۾ خود اعتماديءَ جي به ڪمي ڪانهي. اسان ٻئي هم ڪلاسي آهيون. اسان ٻنهي فيصلو ڪيو آهي ته سنڌ جي قومي آزاديءَ تائين پوري ڌيان ۽ محنت سان پڙهائي ڪندا رهنداسين ۽ بچيل وقت قومي آزاديءَ لاءِ عملي سياست ۾ سرگرم رهنداسين. جيئن اسان کي پيار محبت جون ڳالهيون ڪرڻ جي فرصت ئي نه ملي!"

هاڻي مان مرڪندو رهيس، مرڪندو رهيس، مرڪندو رهيس. ❑

# اوندهه ۾ اوندهه

مون تہ سمجھيو هو تہ هن ملڪ ۾، قوميت جي جذبي، سنڌ تي اڃي ڇيهہ ڪيو آهي. پر جڏهن لاهور ويس ۽ پنجاب وڃڻ جو منهنجو اهو پهريون اتفاق هو، تڏهن منهنجي ڪن مان نڪاءُ نڪري ويا. ۽ ڪو بہ گولو بہ ڪونہ ڦاٽو هو، اتي ئي مون دل ئي دل ۾ چيو هو ۽ هينئر، هي پڙهندڙن کي ٿو چوان تہ جي پنجاب کي ڏسڻو ۽ پرکڻو هجي تہ پنهنجي خرچ تي بہ اتي وڃي ڏسجي ۽ پرکجي تہ اها قوميت آهي يا سامراجيت؟

مون کي تہ سرڪاري خرچ تي، اوڏانهن وڃڻ جو ٻلّ ملي ويو. مان جنهن کاتي ۾ نوڪري ڪريان ٿو، نمڪ حلالي ڏيکارڻ خاطر، ان جو نالو نہ ٻڌائيندس. البت ايترو اشارو ڏيندس تہ کاتي جي نالي مان جيتوڻيڪ "روشن" جو مطلب نڪري ٿو، پر هن ملڪ ۾ جتي اول ئي اوندهہ آهي، اتي اهو کاتو اوندهہ ۾ اوندهہ ڪرڻ جو پورو پورو بندوبست ڪري ٿو.

پنهنجي دوست، برڪت جي پچار نہ ڪرڻ سان ڏپ آهي تہ بي برڪتي نہ ٿي پوي. هن سان منهنجي تڪڙي دوستي ٿيڻ جو هڪڙو ڪارڻ اهو بہ هو، جو سڄي آفيس ۾ اهو ئي شخص هو، جو پنجابي هوندي بہ صاف سنڌي ڳالهائيندو هو. هن تڪڙي دوستيءَ جو ٻيو ڪارڻ اهو هو، جو هو رڳو نالي ۾ برڪت نہ هو، پر واقعي ئي هن ۾ برڪت هئي. اها برڪت ڪا خدائي يا آسماني برڪت نہ هئي، پر اها برڪت هئي قومي برڪت. منهنجا وڏا آفيسر هئا. هن جا هم زبان. منهنجي لاءِ آفيس ۾ ڪو مسئلو ڪڙو ٿيندو هئو يا نوڪريءَ ۾ رعايتن ۽ ترقيءَ جو سوال اٿندو هو تہ برڪت پَلَ جو ڪم ڏيندو هو. برڪت سان تڪڙي سنگت جو ٽيون ڪارڻ اهو هو تہ مان ننڍي هوندي کان ئي ڪٻڏي کيڏڻ جو شوقين هوس ۽ برڪت بہ ان راند جو سٺو کيڏاڙي هو ۽ اسين ٻئي ڌاڙي پيشن جو، ڪڇي قلعي پرسان مڪراني پاڙي ۾، مڪرانين سان وڃي ڪٻڏي راند کيڏندا هئاسين. ۽ اهو ٻڌائڻ ۾ مون کي شرم جو محسوس ٿئي تہ گهڻو ڪري مڪراني اسان ٻنهي کي ليٽڙائي

ليٽڙائي، ڇنيءَ جو ڪير ياد ڏياري ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجن داوَن پيچن سان، اسان کي وَٽَ ئي نہ ڏيندا هئا. ان ڪري اسان کي همت ئي نہ ٿيندي هئي جو هنن جي پهرين جوڙ وارن رانديگرن سان ڪيڏون، پوءِ هنن جي ٻئين يا ٽئين جوڙ وارن سان مهاڏو اٽڪائيندا هئاسين. اُتي مڙئي اسان جي دال ڳرندي هئي.

هڪ ڏينهن آفيس ۾ ٻڌم تہ اسان جي ڪاتي وارن جي، لاهور ۾ ڪٻڏي ٽورناميٽ ٿي ٿئي. سڄي ملڪ مان اسان جي ڪاتي جون ڪٻڏيءَ جون ٽيمون ان ۾ حصو وٺنديون. مون کي افسوس ٿيو تہ جي اسان جي شهر ۾ بہ، اسان جي ڪاتي جي ڪٻڏي ٽيم هجي ها تہ شايد مون کي بہ موقعو ملي ها. پر جيئن ئي برڪت سان منهنجي ملاقات ٿي تہ معلوم ٿيو تہ استادن جا استاد جتي ڪٿي موجود آهن. هو آفيسرن جو، خبر نہ آهي تہ ڪيتري حد تائين، پر رازدار ضرور آهي. هن ٻڌايو تہ آفيسر چون ٿا تہ اسان وٽ ڪٻڏيءَ جي ٽيم ناهي تہ ڇا ٿيو، اسان ان ٽورناميٽ ۾ حصو وٺنداسين ۽ ٽيم ٺاهڻ ۾ ڪهڙي دير لڳندي. منهنجي من ۾ آيو تہ چوانس تہ ڪٻڏيءَ جي ٽيم ٺاهڻ ڪو اڪ جي ماکي تہ لاهڻي ڪونهي. پر ٿڌي ٿي ٿي سوچيم تہ هن شهري ڇوڪري کي ڪهڙي خبر تہ سنڌي اک ڇا ٿيندو آهي ۽ ماکيءَ جو مانارو ڪهڙي بلا آهي. مون کي خبر هئي تہ اسان جي ڪاتي جي سڄي زون ۾ مون ۽ برڪت کان سواءِ، ڪو ٻيو ڪٻڏيءَ جو ڪيڏاڙي ئي ڪونہ هو. ان حالت ۾ هڪدم ٽيم ڪيئن تيار ٿي سگهندي. سا بہ اهڙي معيار واري جو مئچون ڪيڏي سگهي! شايد هنن جي قوم جي عوام ۾ اهو مشاهدو ئي ڪونهي تہ ٽڪڙي ڪٿي انڌا گلر ڇٽيندي آهي. يا تہ الادين جي چراغ جو زمانو، حقيقي روپ ۾ اچي ويو آهي!

ٻن ڏينهن کان پوءِ ڏٺم تہ برڪت ايئن پيو ٽڙي، ڄڻ دهليءَ واري لعل قلعي تي جهنڊو چاڙهي آيو هجي.

"ڪٻڏيءَ جي ٽيم ٺهي پئي." برڪت مرڪندي چيو.

"ڪيئن يلا؟" مون پڇيو.

"آفيسرن ڪٻڏيءَ جي ماهر رانديگرن کي پنهنجي ڪاتي ۾ نوڪري ڏيڻ جو ارادو ڪيو آهي، اهي هن شهر جي ٽيم بڻجي هلي لاهور ۾ ٽورناميٽ ڪيڏاندا." هن ٻڌايو.

ٽيڻ وارو سور نئين سر محسوس ٿيڻ لڳو. اهو به ٻڌم ته مڪراڻي رانديگرن چيو آهي ته اڙي اسين ڪو لال واهه جا ڇيڙا آهيون يا پرائو فصل پيلڻ وارا ڇيلا آهيون، جو هي آفيسر اسان کي ايئن ٻاهر هڪلي ڪڍي ڇڏي. هن اسان کي ايئن موٽائي اسان جي بيعزتي ڪئي آهي. هاڻي جي اهي لاهور مان هارائي آيا ته نه رڳو ان بي غيرت آفيسر پر انهن رانديگرن کي به اهڙي ڦيهه ڪيدناسين، جو لاهور جي لسي ياد اچي ويندن.

آفيسرن جي کهرايل رانديگرن جي راند ڏسي، مون محسوس ڪيو هو ته هو مڪرانين کان ته سٺي راند ڪنهن به نموني ڪو نه ٿا ڪيڏن، پر مون کان به چٽ آهن. مون چوڻ چاهيو ته اُن کي پڇ ٻڌي مهري ٿا ڪيو، پر ڪو نه چيم ته متان طعنو نه هڻن ته توهان جي تهذيب ئي اُن واري آهي. اها بي ڳالهه آهي ته حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي عربن جي تهذيب پڻ اُن واري هئي. بهرحال برڪت کي به چونڊيو ويو ۽ تَوَ ڇٽا نون کهرايلن مان ڪنيا ويا. مون کي وري به برڪت جي سفارش ڪم آئي، مون کي ٻارهون ماڻهو ڪري ڪنيو ويو، جيئن ڪرڪيٽ ۾ ٻارهون ماڻهو ڪٺندا آهن، جنهن جي حيثيت ڪتي جي پڇ واري هوندي آهي.

تَون پرتي ڪيل رانديگرن کي سمجهايو ويو ته هو لاهور ۾ اهو ئي ٻڌائن ته هو ڳچ وقت کان هن کاتي ۾ ملازم آهن ۽ پڪا ملازم آهن. مون دل ئي دل ۾ چيو: "انهيءَ کي چئبو آهي چمندي چام ٿيڻ، ورنه مان ٽن سالن کان هن کاتي جي نوڪريءَ ۾ آهيان ۽ برڪت جي ياريءَ جي باوجود، اڄان تائين پڪو نه ڪيو ويو آهيان. اها ڳالهه چرچي ئي چرچي ۾ برڪت کي پڻ چئي ڏنم ۽ اهو به چيم: "هھڙي سماج ۾ ئي قسمت، نصيب ۽ ڀاڳ جا نظريا جنم وٺندا آهن."

مان لاهور ۾ ٿيل ڪٻڊي ٽورناميٽ جي ڳالهه نه ڪندس، سواءِ ان جي ته مون کي کيڏڻ جو موقعو نه ڏنو ويو ۽ اسان جي ٽيم بري طرح شڪستون کاڌيون. مان لاهور جي تاريخي جڳهن جي به ڳالهه نه ڪندس، ڇو ته مون کي خبر نه آهي ته ڪو انهن جي اڏاوت ۾ سنڌ جي دولت به ڪم آئي هئي، يا سنڌي پورهيتن کي به رت ۽ پگهر ڏيڻو پيو هو! مان هاڻوڪي لاهور جي ڳالهه ڪندس. ان جي هاڻوڪين ترقين، اڏاوتن، عمارتن ۽ عظمتن جي ڳالهه

# اسين ڪمزور نہ آهيون

جڏهن مان اها ٽي وي ۽ اهو وي سي آر ڏسڻ ويس تہ مون کي ٻڌايو ويو تہ اهي سوکڙيون کي ٻيا شخص بہ پٺي ڏسڻ ايندا رهيا آهن، ۽ انهن جي ڪمپنين جا نالا ۽ ٻيا نشان بہ جاچڻ جي ڪوشش ڪئي اٿاؤن. اهي تحفا هن اداري کي ڏاڍي فراخدلي ۽ وڏي پرچار سان، پناهگير پارٽيءَ جي ڀڳدار عطا ڪيا هئا.

هڪ وڏو هال آهي، جنهن ۾ هزار کن ماڻهو ويٺا آهن، ۽ ڪجهہ پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺا آهن. هڪ پاسي کان وڏو ۽ لٽ ٺانگر سان سينگاريل اسٽيج آهي، ان تي پناهگير ڀڳدار مکيہ ۽ عاليشان ڪرسيءَ تي ڳاٽ اوچو ڪيو، نقلي مرڪ ۾ مهرباني پيدا ڪري ويٺو آهي، ہ تي پناهگير وزير ۽ ميمبر ويٺا آهن. سنڌي وزيرن جو سارو ڌيان پناهگير ڀڳدارن ڏانهن آهي تہ متان هو ڪنهن ڪم لاءِ اشارو ڪري يا ڪا خوشي ظاهر ڪري تہ ان جي هڪدم پوئواري ڪئي وڃي، ۽ جي هو ڪنهن ڳالهہ لاءِ چوي ٿو تہ اهي سنڌي وزير ۽ ميمبر ان کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪٿا نہ ٿا پڇن ۽ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، ان جو سبب اهو آهي تہ هو پناهگير ڀڳدار جي مدد ۽ مهربانيءَ ڪري ئي سنڌ جا وزير ۽ حاڪم بنيا آهن ۽ رهي سگهن ٿا.

اصل ۾ اها خواهش بہ پناهگير ڀڳدار ظاهر ڪئي هئي تہ سنڌ جي ماڻهن ۽ ادارن ۾ هن لاءِ اهي وزير کي اهڙا موقعا پيدا ڪن جو هو سنڌين سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهي ۽ هنن ۾ مقبول ٿي سگهي. ان مقصد لاءِ ئي سنڌي وزيرن هي تعليمي ادارو چونڊيو هيو، جو هڪ ديني مدرسو هو. ان ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم بہ ڏني ويندي هئي. ۽ شاگرد ڏهين ڪلاس کان مئٽرڪ جو امتحان ڏئي سگهندا هئا. شاگردن لاءِ هاسٽل بہ هئي، مسڪين ۽ ڀهراڙيءَ جا شاگرد هئا ۽ سڀ سنڌي هئا. هنن جو منهن مهاندو بہ هڪ مخصوص قسم جو هو. ڀهراڻ، پيڙين کان مٿي پاچن واري ڪائنچ ۽ اچو

پٽڪو. مٿين ڪلاسن جي ڪتابن کي ڇهرن تي ڏاڙهي ۽ مڇن جا تازا قتل سلا.

اهڙي قسم جون خبرون پڙهي سنڌي وزيرن سوچيو ته هي ملڙا، پناهگير پيڪدار جي سنڌن مدرسي ۾ اچڻ ۽ تقرير ڪرڻ ڪري کهڙي مخالف ڪندا! پرهي وزير جيئن سنڌيءَ جي عام ذهن کان اڻ واقف آهن يا ڄاڻي واڻي اڻ ڄاڻ بڻجن ٿا، تيئن هن کي اها خبر ئي ڪانه هئي ته هي ڪتابي، سنڌ ساگر شاگرد پارٽيءَ جا ميمبر هئا. توهان هنن کي شڪل شباهت مان ته آسانيءَ سان نظر انداز ڪري سگهو ٿا، پر جڏهن هنن سان ڳالهائيندا يا بحث مباحثو ڪندا ته توهان جا لپ ٿري ويندا، هو سياست، سنڌ جي تاريخ، جديد ادب ۽ سنڌ جي دانشورن جا ايترائي ڄاڻو ۽ باخبر آهن، جيترو هڪ يونيورسٽيءَ جو باشعور شاگرد، يا هن کان به وڌيڪ سنڌين جي جديد قومي نظريي تي هو ايترا پڪا پختا آهن، جو توهان کي اهو نظريو قرآن ۽ حديثن مان پوري پروسي سان ثابت ڪري ڏيکاريندا.

مدرسي جي منتظمن ته چاهيندي به مخالف نه ڪئي، جو سرڪار وٽان چڱو چوکو ساليانو چندو يا گرانٽ مدرسي کي ملندو هو. هن اهڙي جلسي ڪرڻ جي حامي ڀري، پر شاگردن جو گڏيل فيصلو هو ته هو ان جلسي ۾ شريڪ ڪونه ٿيندا ۽ خاموش مظاهرو ڪندا.

جلسي جي مقرر کان ڏهه منٽ اڳ مدرسي جي وڏي منتظم، هٿڪندي فون تي هڪ سنڌي وزير کي ٻڌايو.

"سائين، اسان ته جلسي جو مڪمل انتظام ڪري ڇڏيو آهي، پر هال ۾ اڃان ڪوبه ماڻهو ڪونه آيو آهي."

"هان، هي ڇا ٿو چوين، عين وقت تي ٿو ٻڌائين!"

"سائين، اسان جو ڪو قصور ڪونهي. شايد شاگردن بائيڪاٽ ڪيو آهي."

"ڪارو آهي توهان جو منهن. مان توکي ڏسي رهندس........ چڱو، مان ماڻهن جو پاڻهي ٿو انتظام ڪريان. تو اتي بندوبست ٺيڪ رکجانءِ!"

وزير پناهگيرن جي هڪ نندي اڳواڻ کي فون تي پنهنجو مسئلو ٻڌايو. هن وراڻيس ته اهو ڪو مسئلو ڪونهي، پندرهن منٽن ۾ سڄو هال ڀريل

هوندو.

اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ پناهگير پڳدار پهتو ته تاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو.

هن سان گڏ وزير ۽ ميمبر به گهڙيا. هن جا ويهارو ڪن باڊي گارڊ هئا، جن جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوفون هيون، ۽ هو اسٽيج ۽ هال جي چوڌاري خبردار ٿي بيٺا.

جلسو شروع ٿيو ته هڪ سنڌي وزير پناهگير پڳدار جي ڄاڻ سڃاڻ ڪرائيندي، هن جي ساراهه ۾ اهڙي ٻولي ڳالهائڻ لڳو، جو هن کي اهو پتو ئي نه رهيو ته هو انسان بابت ڳالهائي رهيو آهي يا خدا جي باري ۾.

پڳدار جي تقرير دوران گهڙيءَ گهڙيءَ ۽ ايتريون لاڳيتيون تاڙيون وڄنديون رهيون، جو پتوئي نه ٿي پيو ته ماڻهو ڪهڙي ڳالهه تي ٿا تاڙيون وڄائن. تقرير ڪان پوءِ هن کي سنڌي ٽوپي ۽ سنڌي اجرڪ پارايو ويو. ان تي به تاڙين جو طوفان مچي ويو. نيٺ سڄي هال تاڙيون وڄائڻ بند ڪيون. پر هڪڙو سنڌي وزير اڃان وڄائيندو رهيو. ڪيترو وقت وڄائيندو رهيو. ايتري قدر جو سڀني جون نظرون هن ڏانهن کڄي ويون ۽ پناهگير پڳدار، طنز ڀري مرڪ سان هن ڏي نهاريندو رهيو.

پڇاڙيءَ ۾ پڳدار اعلان ڪيو ته هو پنهنجي طرفان مدرسي جي هاسٽل کي شاگردن لاءِ هڪ رنگين ٽي وي ۽ هڪ وي سي آر تحفي طور ڏئي ٿو ۽ تاڙين جو طوفان وري شروع ٿي ويو.

اخباري نمائندن جو به چڱو خاصو تعداد آيو هو. اعلان ڪيو ويو ته جنهن کي ڪو سوال پڇڻو هجي ته پڇي سگهي ٿو.

"توهان کي خبر آهي ته هال ۾ جيتوڻيڪ کي ڇوڪرا اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پايو ويٺا آهن. پر انهن جي منهن مهانڊي ۽ هٿن سان ڳالهائڻ مان توهان کي پتو پوندو ته هن هال ۾ ڪو به هن مدرسي جو سنڌي شاگرد ويٺل ڪونهي. ۽ سڀ غير سنڌي آهن؟" هڪ نمائندي پڇيو.

"اُن سوال جو مون سان واسطو نه آهي" پڳدار ڪڪو وکو ٿيندي وراڻيو ۽ هرويرو مرڪڻ لڳو.

"توهان کي پٺئين دروازي مان اندر آندو ويو آهي، پر توهان کي خبر

آهي تہ مکيہ دروازي ۽ مکيہ رستي ڏانهن، هن مدرسي جا ڪتابي، هن جلسي خلاف، ميڙ ڪيو، احتجاجي بينر، پلي ڪارڊ ۽ پوسٽر جهليو/ ايا ڪيو بيٺا آهن؟" ٻئي اخبار نمائيندي پڇيو. پناهگير ٻڳدار جي منهن جو پنو لهي ويو. پر منهن جي ٻڪائي ڪري چيائين.

"اهو غير واسطيدار سوال آهي.!"

"توهان کي جيڪا اها سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پارايا ويا آهن، سي پائي توهان حيدرآباد شهر جي رستن، گهٽين ۽ بازارين ۾ اڪيلا گهمي سگهو ٿا؟" ٽئين نمائندي سوال ڪيو.

اهو سوال ٻڌي ٻڳدار جو منهن ٽامٽي هئي ويو، پر هن جي ڪجھ ڪان اڳ هڪ سنڌي وزير اخبار وارن ڏي منهن ڪري ڌمڪي واري نموني چيو "توهان بدتميز اخبار وارن کي سبق سيکارڻو پوندو، هينئر جلسو ختم ڪجي ٿو!"

(٢)

سنڌ جي هڪ برک شاعر، پنهنجي جيل جي ڊائري ۾ لکيو آهي "مون سوچيو تہ نظربنديءَ جو پيرانڌو احوال لکان جيئن نسل کي پتو پوي تہ هن دور ۾ شاعر جي ڪهڙي گت بنائي وئي هئي؟"

مون سان بہ جيڪا ويڌن ٿي آهي ۽ جنهن جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن پوري خبر بہ نہ ڏني ۽ نہ سنڌي ادبي تنظيمن ڪو واڪو ڪيو. جيتوڻيڪ مون کي سنڌي ساهت لکندي اڌ صدي اچي ٿي آهي ۽ منهنجي ڪهاڻين ۽ ناول پڙهندڙن ۽ مداحن جي خطن، زباني راين ۽ لکتين ۽ تبصرن مان پڌرو آهي تہ سنڌي ادب ۾ مان بہ چڱي ڄاڻاٽي ۾ آهيان، ان ڪري ڪهاڻيءَ جي اوٽ ۾ پنهنجي آپ بيتيءَ جي هن ٽڪري کي هن ڪهاڻيءَ جو حصو بنائي ٿو ڇڏيان.

ان ڏينهن مجهند کان ئي آڪاش ۾ ڪڪرن ڦيريون پئي پاتيون، ڇڻ انهيءَ تاڙ ۾ تلاش ۾ هجن تہ ڪٿي گڏجي وسڪارو ڪجي. پوءِ هنن ڌرتي ۽ سج جي وچ ۾ اهڙو ڪارو پردو ٿاهي ورتو، جو روشن ڏينهن جو خاتمو ٿي ويو. نہ ايتري ڪجڪوڙ ٿي ۽ نہ ڪنوڻ جا گهڻا چمڪاٽ ٿيا. پر بارش

هٿيارن جي زور تي لوڙي ٻاهر ڪڍي. جاين تي قبضو ڪيو هو ۽ سامان ۽ فرنيچر لٽيو ڦريو ۽ چوري ڪيو هو ۽ گهرن کي باهه ڏيئي ساڙيو يا ٻئي نموني تباهه ڪيو هو.

ٽن چئن سنڌي پاڙيسرين کي صلاح مشوري لاءِ گهرايم. هنن وٽان به همت افزائيءَ وارو جواب ڪونه مليو. هرڪو لڏڻ جي ڪوشش ۾ هو. ڪنهن پنهنجا ٻار ٻچا ٻئي پاسي موڪلي ڇڏيا هئا. ڪو پنهنجو بنگلو وڪڻڻ جي تيارين ۾ هو. ڪو پنهنجو گهر متاستا ۾ ڏيڻ لاءِ ڪوشان هو. ڪي ته مهينو ڏيڍ اڳ بنگلن کي تالا هڻي، پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا.

مان اڳ ۾ به ان تي سوچيو هو ۽ تصور به ڪري نه ٿي سگهيس ته جيڪي گهر پاڻ ٺهرايو اٿم ۽ جنهن جي هڪ هڪ سر ٻيهي پنهنجي نظرداريءَ هيٺ لڳرائي اٿم ۽ جو پنهنجي پوري زندگيءَ جي ڪمائي آهي، اهو ائين ڇڏي وڃجي.

مون فيصلو ڪري ڇڏيو ته مان هيءُ گهر نه ڇڏيندس، باقي ٻين کي موڪل ٿو ڏيان. پنهنجي نياڻي کي چيم ته هو پنهنجي ٻارن سميت سکر هليو وڃي. ۽ سوٽ کي چيم ته هو پنهنجي خاندان سميت صبح جو ئي ڳوٺ هليو وڃي. وسڪارو ٿيندو رهيو ۽ شهر ۾ پناهگيرن جي ٽڪا ٽوڪي به جاري رهي.

صبح جو هڪ واقعو ڏٺوسين، اسان جي گهر جي ويجهو هڪ سنڌي مسواڙي، جو هنگامن ڪري ان گهر کي تالو ڏيئي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي ويٺو هو، تنهن گهر جا ساڳين پناهگير چورن، جي رات اسان کي ڌمڪي ڏيئي ويا هئا، اچي تالا ٽوڙيا ۽ در ڀڳا ۽ سامان ڪڍي سوزڪيءَ ۾ ڪٽائي ويا. ان وقت صبح جا ڏهه وڳا هئا.

بارش به بند هئي، رستي تي ماڻهن ۽ گاڏين جي آمد رفت چالو هئي. پر ڪنهن به هنن کي نه روڪيو. پروارن بنگلن ۾ رهندڙن اسان جي گهرجي چوڪرن سميت ڇتين تي چڙهي سڀ ڪجهه پئي ڏٺو. پر ڪنهن کي به خالي هڪل ڪرڻ جي همت به ڪانه ٿي.

اها ڳالهه ٻڌي مون کي پڪ ٿي ته اهي پناهگير شودا جيڪا ڌمڪي ڏيئي ويا آهن، ائين ڪري ڏيکاريندا. مجهند جو ٻارهين وڳي وري ساڳيا

ڇوڪرا اسان جي گهر تي آيا ۽ چتاءُ ڏئي ويا تہ اسان پنهنجي ڪاروائي ڪرڻ ايندا سين.

ٻار ضد ڪڍي ويٺا تہ توهان بہ ڳوٺ هلو نہ تہ اسين بہ نہ ويندا سين. توهان بيمار ۽ اپاهج، ڪيئن رهي سگهندا نوڪر بہ ڊنو وينو آهي. سو توهان هيئنر هلو.

مان رات ڪان ئي انڪار ڪيو وينو هوس تہ مان هي گهر نہ ڇڏيندس، ٻار بہ پنهنجي ضد تي نيٺ مون هار ميجي تہ نہ هتي رهڻ ئي ممڪن آهي ۽ نہ ان ۾ سياڻپ آهي. منهنجي ننڍي ڪڪي جيڪا حيدرآباد ۾ ئي پرڻيل آهي، سا بہ اچي پهتي هئي. مون خيال ڪيو تہ مان ڪراچيءَ پٽ وٺ هليو ٿو وڃان ۽ ٻيا ڳوٺ وڃن. بيماريءَ جي ڪري ڳوٺ جو ڏکيو سفر تڪليف وارو ٿيندو ۽ ڪراچي جو سفر سولو آهي. ننڍي ڪڪيءَ چيو تہ مان توهان کي موٽر ۾ ڪراچيءَ ڇڏي اچان.

اهڙي طرح سڀئي پنهنجي پنهنجي سفر تي روانا ٿيا سين. سڄو گهر ٻي ريل ڇڏي. مينهن وري شروع ٿي ويو هو ۽ مجبوريءَ ڪري مينهن ۾ ئي سفر ڪرڻو پيو، جنهن سفر کي وڌيڪ اٿانگو بنائي ڇڏيو.

ڪراچيءَ ڏانهن ويندي مان صدمي ۾ هوس. مون ڪجهہ ڪونہ ڳالهايو جو ڪجهہ مون تي ٿي گذريو هو، ان تي مون کي هڪ گهڙيءَ خيال آيو تہ اسين سنڌي ڪيترو نہ ڪمزور آهيون، پر يڪدم پاڻ کي درست ڪيم تہ اسين ڪمزور نہ آهيون، اسين تمام طاقتور آهيون. اسين جسماني، ذهني ۽ نظرياتي طرح بيحد طاقتور آهيون. اسان کي فقط پوري يقين ۽ احساس سان پنهنجي طاقت کي تنظيم، اتحاد، تياري، رٿا بندي، هٿيار بند سگهيا، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ذريعي ڳڻجڻو آهي، ڪٺو ٿيڻو آهي. مون کي ياد آيو تہ خود لطيف آباد ۾ بہ ڪيترن سنڌين جي بنگلن تي حملو ڪري ٻاتين کي زخمي ڪيو ويو يا ماريو ويو ۽ هنن کي اتان ڀڄايو ويو ۽ پوءِ گهر جو سامان چوري ڪري کڻي ويا. ايئرڪنڊيشنر، ٽي وي، وي سي آر ڪان ويندي چمچا ديڳڙا بہ نہ ڇڏيائون. پوءِ اها خبر پئي تہ اهو سامان سنڌي ڀاڙن قاسم آباد ۾ نيلام ڪيو ٿي ويو يا ڪوڏين جي اگهہ وڪيو ٿي ويو. مثال طور چوڏهين هزارين جو وي سي آر ٻن هزارن، ويهين هزارين وارو ايئرڪنڊيشنر ڇئن

ڇوڪريءَ جي نفسيات تي، سوچڻ لڳندو هو.

وقت گذرڻ سان ڊاڪٽر ڏٺو ته وقت بوقت منڊڙيءَ کي ڪنهن نه ڪنهن گاڏيءَ جو ٽڪر لڳندو رهندو هو. ان حالت ۾ واٽهڙو، پاڙي وارا يا ڏک هٿندڙ گاڏيءَ وارا هن کي ڪچ تي کڻي، هن جي اسپتال ۾آڻيندا هئا. هن کي هلڪي سلڪي رهڙ يا معمولي سوڄ هوندي هئي، جنهن کي فقط ڳاڙهي دوا لڳائڻ ئي ڪافي هوندو هو.

هڪڙي ڏينهن منڊڙيءَ کي زبرو ڏک لڳي ويو.هوءَ هڪ اسڪوٽر جي آڏو اچي ويئي. جنهن ڪري هوءَ ٻَل کائي وڃي پري ڪري. مٿو رستي جي پٽ سان لڳڻ ڪري، ان ۾ ڦاڙ تي پيس ۽ رت ٽيڏيون ڪري وهڻ لڳس. اسڪوٽر واري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر رش هجڻ ڪري ۽ ماڻهن جي متوجهه ٿيڻ ڪري، هو ڀڄي نه سگهيو. ماڻهن روڪي ورتس. ڇوڪريءَ جي رڙين ۽ رستي جي رت سان رنگجڻ ڪري ماڻهو ڊوڙندا آيا. هجوم گڏ ٿي ويو. گاڏين جي اچ وڃ رڪجي ويئي.

جيئن ته هن ڊاڪٽر جي اسپتال ئي ويجهي هئي. ان ڪري منڊڙيءَ کي اتي آندو ويو. ڇوڪريءَ جي مٿي مان رت وهي رهيو هو ۽ رڙيون ڪري آسمان مٿي تي کڻي رهي هئي. اسڪوٽر وارو به گڏ آندو ويو. هاءِ گهوڙا ڪندا منڊڙيءَ جا مائٽ پڻ پهچي ويا. ڇوڪريءَ جي ماءُ ته پناهيگري ٻولي ۽ پناهگيري ڍنگ ۾ نسورو ماتم ڪرڻ لڳي. اڙدوءَ ۾ وڏن واڪي دانهون ڪرڻ لڳي. اڙي مان لٽجي ويس. اڙي ظالم منهنجي ڌيءَ کي ماري ڇڏيو . . . اڙي خدا جو قهر پئيو ! . . . . اسان توهانجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو! . . منهنجي ڌيءَ کي بچايو!" . . . .

اسپتال ۾ ۽ اسپتال ٻاهران ڪوڙ خلق گڏ ٿي ويئي. انهن ۾ گهڻائي پناهگيرن جي هئي. ڊاڪٽر زخم ڏسي ٻڌايو ته زخم ان مان لاڳيتو رت وهي رهيو آهي ۽ اهو گهرو به آهي، ان ڪري ڇوڪريءَ کي هڪدم سول اسپتال کڻي وڃو ۽ زخم کي ٽانڪا لڳرايو.

آيل پناهگيرن ۾ سس پس ۽ صلاح مصلحت شروع ٿي ويئي. ڪن چيو ته ڦٽيل ڇوڪري به اسان جي هم زبان آهي ۽ اسڪوٽر وارو به اسان جو هم زبان آهي ۽ پنهنجا پاڻ ۾ آهيون. سول اسپتال ۾ کڻي ويندا سين ته

پوليس کي رپورٽ ڏيندي. اجايو جهنجهٽ ٿيندو ۽ اسان جا پنهنجا ماڻهو ڦٿي ڏچي ۾ اچي ويندا. پوءِ منڊڙيءَ جي وارثن کي سمجهايو ۽ ٺاريو ويو ۽ چيو ويو تہ ڇوڪريءَ کي پنهنجي هم زبان ڊاڪٽر وٽ کڻي ٿا هلون. هو ڪاب في نہ وٺندو ۽ نہ پوليس کي خبر ڪندو. هنن کي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ نہ رڳو ڇوڪريءَ جو علاج ٿيندو، پر پناهگير پارٽيءَ وٽان هنن کي امداد طور چڱي خاصي رقم بہ وٺي ڏبي.

ٿوري دير ڪانپوءِ هڪڙي سوزڪي آندي وئي. ان ۾ زخمي ڇوڪري ۽ هن جا مائٽ ۽ ٻيا ڪجهہ پناهگير ويٺا ۽ گاڏي رواني ٿي وئي. ماڻهن جو ميڙ ڇڙوڇڙ ٿي ويو.

منڊڙي ستن سالن جي ٿي وئي. رستي جي وچ ۾ هلڻ واري اهائي پراڻي عادت. هاڻي هوءَ تنگ پاجامو بہ پهرڻ لڳي هئي. جو پراڻو، ميرو ۽ ڦاٽل هوندو هو.

وري هڪ ڏينهن وچ رستي ۾ منڊڙيءَ سان حادثو پيش آيو. هڪ اسڪوٽر ڪري، اسڪوٽر جو پاسو هن کي ڪونہ لڳو هو. شايد هوءَ اسڪوٽر کي اوچتو تمام ويجهو ڏسي هراس ۾ ڪري پيئي، يا ان وقت رستي جي کڏڙ ڪري ٽاهڙجي پيئي. همدردي ڏيکارڻ لاءِ، اسڪوٽر واري اسڪوٽر بيهاريو ۽ هن کي کڻي اٿاريائين. هن جي خير خيريت پڇيائين. پڪي رستي تي ڪرڻ ڪري، هن کي ٻانهن تي ڪجهہ رهڙون آيون هيون. اسڪوٽر واري ڪچ تي کڻي، هن کي هن ڊاڪٽر واري اسپتال ۾ وٺي آيو. ڊاڪٽر منڊڙيءَ جي چڪاس ڪري، اسڪوٽر واري کي تسلي ڏني تہ مڙئي خير آهي، رڳو رهڙن تي ڳاڙهي دوا ٿا مکي ڇڏيون.

ايستائين. "ڇا ٿيو؟" "ڇا ٿيو؟" پڇندا، ماڻهو اسپتال وٽ ڪٺا ٿي ويا. اسڪوٽر واري کي سنڌي ٽوپي پهريل هئي ۽ هن ڊاڪٽر سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهايو. منڊڙيءَ جا وارث بہ روڄ راڙو ڪندا، اچي پهتا. ميڙ ۾ موجود پناهگيرن پاڻ ۾ سس پس ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي ڪنهن قسم جا اشارا ڏنا. پوءِ هن مان ڪي زور زور سان چوڻ لڳا،

"هن ڏسي وائسي، اسان جي پناهگيرڻ ڇوڪريءَ کي ٽڪر هنيو آهي."

"هي سنڌو ديشي آهي."

"هي جيئي سنڌ جو ماڻهو آهي."

"هي تعصبي آهي."

"هي پاڪستان جو دشمن آهي."

ڇوڪريءَ کي ظاهري ڌڪ تہ ڪونہ آهن، پر هن کي اندروني ڌڪ آهن، هن جي جان کي خطرو آهي، هن کي پنهنجي ڊاڪٽر وٽ وٺي هلو."

"هن سنڌيءَ کي نہ ڇڏيو."

"هن کي ڀڃَ ڀڄَ ڪري ڇڏيو."

ميڙ مان ڪي پناهگير ڇوڪرا، سنڌي اسڪوٽر واري تي حملو ڪري آيا. هن کي مُڪن، ٺونشن ۽ ٺڏن سان اچي ورتائون. هنجي ٽوپي لاهي ڇڏيائون. هنجي وارن کي پڪڙي، ٻانهن ۽ چنگهن کان جهلي، اسپتال کان ٻاهر، رستي تي ڇڪي ويا. پناهگيرن جو انبوهہ نعرا هڻڻ لڳو:

"نعرا مهاجر ...... جيئي مهاجر!"

سنڌي اسڪوٽر وارو، جنهن جو نالو سرواڻ هو، سو هن اوچتي ڪاروائيءَ تي وائڙو ٿي ويو، پر سگهوئي ڳالهہ جي تہ تائين پهچي ويو. هاڻي انبوهہ وڏيڪ وڌو ٿي ويو هو. سرواڻ پنهنجو حوصلو سنڀاليو ۽ پنهنجي حفاظت لاءِ هٿ پير هلائڻ شروع ڪيائين.... هو پوري سگهہ ۽ تيزيءَ سان فلائنگ ڪِڪ (Flying Kick) هيمر ڪِڪ (Hammer Kick) مڊل پنچ (Middle Punch) وِيل ڪِڪ (Wheel Kick) اپربلاڪ (Upper Block) ۽ پيچ داوَ استعمال ڪندو رهيو. جڏهن کان وٺي پناهگيرن، سنڌين تي هرو ڀرو حملا ۽ ڀيون من مستيون شروع ڪيو هيون، تڏهن کان وٺي، ڪيترن سنڌي نوجوانن وانگر، سرواڻ بہ وڙهڻ ۽ هٿيار هلائڻ جي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي سکيا وٺڻ شروع ڪئي هئي. هو جوڊي ڪراٽي ۾ پڙ ٿي ويو هو. هيٺر بہ وڏي دليريءَ سان حملي آورن کي ڪيرائيندو ويو ۽ هن جي ڌڪن کان پاڻ کي بچائيندو رهيو. پناهگيرن جون اکيون کليون، بلڪہ ڦاٽي ويون. هن ڏٺو تہ سرواڻ ڏاڍو سگهارو ۽ مضبوط هڏ ڪاٺ وارو ۽ برجستو نوجوان هو. هو ڳڀرو، قدآور ۽ ٻي ڊپو انسان هو. هن جي اکين مان چڻگون نڪري رهيون هيون. جوش وچان هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو.

جنهن مان نفرت جي باھ پڙڪي رهي هئي. هو پناهگيرن کي هن وقت شينهن جهڙو پوائنٽو ۽ خونخوار لڳو. ان دوران اهي ٿورڙا سنڌي جيڪي ان انبوھ ۾ اچي پهتا هئا، تن به انهن پناهگيرن سان مقابلو شروع ڪري ڏنو. جيڪي سرواڻ تي حملا ڪري رهيا هئا. مقابلي جي آڏو ته هو گدڙ کان وڌيڪ گيدي آهن. هن جو سرواڻ ۽ ٻين سنڌين جو دليريءَ وارو موٽ عمل ڏنو، سو اتان ائين ڀڄڻ شروع ڪيائون، جيئن هندستان مان هندن جون اکيون ڏسي، ڊپ کان ڀڳا. ڪن پناهگيرن وٽ ڪپڙن ۾ لڪل ڇرا ۽ خنجر هئا، پر سرواڻ جي سورهيائي ۽ ٻين سنڌين جون اکيون ڏسي، هنن کي هٿيارن ڪڍڻ جي همت ئي ڪانه ٿي.

ان وچ ۾ پناهگيرن جي ڪن گهرن مان فائرنگ جا ٺڪاءُ شروع ٿي ويا. سرواڻ جي اسڪوٽر کي باھ لڳائي ويئي. ماڻهن ۾ ڀڄ ڀوڄ پئجي. گاڏين جي ڀڄ ڀڄان شروع ٿي وئي. دڪاندارن دڪان بند ڪري ڇڏيا. سڄي شهر ۾ هراس پکڙجي ويو. بازاريون ويران ٿي ويون. ماڻهو محفوظ جڳهيون ڳولڻ لڳا.

سرواڻ تي به ڪنهن گولي هلائي، پر اها گسي ويئي. سرواڻ وٽ به هٿيار هو. هن پنهنجي ڪپڙن مان پستول ڪڍيو ۽ ان گهر ڏانهن فائر ڪيائين، جتان گوليون ٿي آيون.

هتي به پاڙا آمهون سامهون آهن. هڪڙي ۾ سنڌين جي گهڻائي آهي ۽ ٻئي ۾ پناهگيرن جي. پناهگيرن جي گذريل ڪيترين ئي اگراين ڪري، سنڌي به خبردار ۽ هوشيار ٿي ويا آهن ۽ هنن جي رڳ سڃاڻي ڇڏي اٿن. هنن پنهنجي بچاءَ جو چڱو چوکو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. جيئن ئي پناهگير فائرنگ شروع ڪندا آهن ته سنڌي به پنهنجا مورچا سنڀاليندا آهن. هينئر به هنن جوابي فائرنگ شروع ڪري ڏني ۽ جلدئي پناهگيرن وارو پاڙو خاموش ٿي ويو.

پر شهر ۾ ٻين هنڌان رکي رکي گولين ۽ ڌماڪن جا ڪيترائي آواز ٻڌي رهيا هئا. ماڻهن جو شور ۽ نعرا، ايمبولينسن جي سائرن جون ڪُوڪون. ساري شهر ۾ هنگاما شروع ٿي ويا هئا. وايو منڊل دونهين، بارود ۽ رت جي

بوءِ سان پرچي ويو.

سانجهي جو سرواڻ کي خبر پئي ته شهر جي رستن ۽ بازارين ۾ ڇهه سنڌي قتل ڪيا ويا هئا. جي ڀهراڙيءَ جا هئا. جي بي هٿيار هئا. ۽ جي پناهگيرن کي اڪيلا هٿ اچي ويا هئا. سنڌين جي ملڪيتن کي پڻ ڏاڍو نقصان رسايو ويو هو ۽ ڦرلٽ ڪئي وئي هئي.

اڳواڻ رتا موجب، سرواڻ پارٽي جي ٻين سنڌي ساٿين وانگر، بندوق کڻيو مورچو سنڀاليو ويٺو آهي. هو سوچي ٿو... پناهگير، سنڌين کان نه وڏيڪ سگهارا آهن، نه وڏيڪ سورهه آهن ۽ نه وڏيڪ سرويچ آهن. حقيقت ۾ هو نه سگهارا آهن ۽ نه سرويچ، هو سنڌين کي اڪيلو ڏسي مارين ٿا. مٿ جيترن سنڌين تي هزارن جو هجوم ڌاهي حملو ڪن ٿا. بنا چتاءَ اوچتو ۽ سازشن ڪري بيگناهه سنڌين کي قتل ڪن ٿا. بي هٿيار سنڌين کي گولين جو نشانو بنائين ٿا. اهڙا ماڻهو دلير ٿي نه ٿا سگهن. اهي بزدلن جا ڪرتوت آهن. پناهگير پنهنجي ڌرتيءَ تي نه آهن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو ناتو ماڻهوءَ ۾ بي پناهه روحاني ۽ جسماني سگهه پيدا ڪندو آهي. انهيءَ ڪري پناهگير سگهارا نه آهن. پناهگيرن وٽ وڙهڻ لاءِ ڪي بنيادي مسئلا ڪونه آهن ۽ نه ئي ڪو مقصد آهي. وڙهبو آهي انقلاب لاءِ، قومي آجپي لاءِ، غير طبقاتي سماج قائم ڪرڻ لاءِ، پنهنجا بنيادي حق حاصل ڪرڻ لاءِ. پناهگير انهن مان ڪنهن به مقصد ۽ مسئلي خاطر ڪونه ٿا وڙهن. هنن جي وڙهڻ جو مقصد، جيڪو هنن کي پڙهايو ويو آهي، سو آهي سنڌين کي ڦرڻ لٽڻ، هراس پيدا ڪرڻ ۽ قتل ڪرڻ. ظاهر آهي ته اهو ناڪاري پهلو آهي ۽ غير انقلابي ۽ غير سائنسي نقطه نظر آهي، ان ڪري هو سرويچ ٿي نه ٿا سگهن.

هو سوچي ٿو ته پوءِ هي پناهگير وڙهن ڇا لاءِ ٿا؟ هو وڙهن ٿا پئسن ۽ غلط نعرن ڪري، جي هنن کي پناهگير اڳواڻن ۽ پناهگير سامراج دلال پارٽين طرفان ڏنا وڃن ٿا. هنن جي پارٽيءَ ۾ تنظيم آهي ۽ ان تنظيم جو بنياد پئسو آهي. شهرن جا سرمائيدار، ڪارخانيدار ۽ واپاري هنن کي اڻ ميو پئسو ڏين ٿا. پوءِ هنن جا اڳواڻ پنهنجن نوجوانن کي بي بنياد ۽ جذباتي سياسي نعرا ڏين ٿا. وڏي ڳالهه ته پنهنجن ڪارڪنن جو هر لحاظ کان بچاءُ ڪن ٿا.

نوجوانن مان گهڻا تہ بيروزگار آهن، جي آساني سان هٿن جي ڳالهين ۾ اچي وڃن ٿا.

هن کي پگهار ۽ اجورو عام ڏنو ويچي ٿو. خطرناڪ ۽ مهانگا هٿيار هن کي مفت مهيا ڪيا وڃن ٿا. مفت جون موٽر سائيڪلون، ڦٽجڻ جي حالت ۾ هن جي علاج جو پورو بندوبست ڪيو ويچي ٿو. پڪڙجڻ يا جيل ۾ وڃڻ جي حالت ۾ هن جي قانوني توڙي غير قانوني وسيلن سان واهر ڪئي ويچي ٿي. مرڻ جي حالت ۾ هن جي مائٽن کي وڏيون رقمون پهچايون وڃن ٿيون. اهڙي ريت پناهگيرن ۾ وڙهڻ جي مڙسي ڪانهي، فقط مفت جي پئسن ۽ مفت جي هٿيارن تي من مستيون ڪن ٿا.

سرواڻ ويچاري ٿو تہ بهرحال ڪنهن تي ڪاتي رکندڙ کي اهو سمجهي ڇڏي نہ ڏبو تہ اسان جا اصل دشمن سامراج پنجابي آهن ۽ هي رڳو هنن جا دلال آهن يا هنن جي چرچ تي اسان جا قاتل ٿي پيا آهن......

مورچي ۾ وهندي، سرواڻ جا ڪن ۽ اکيون پوري طرح سجاڳ آهن. هو آسپاس نهاريندو رهي ٿو. هر آواز تي هن جو هٿ هٿيار تي مضبوط ٿي ويچي ٿو.....

هن ڪيترائي ڀيرا سوچيو آهي ۽ هينئر بہ سوچي ٿو تہ ڀيا تہ نهيو، پر ڀهراڙيءَ جي ڪنهن غريب سنڌيءَ جي گهر جو ڪو ڀاتي بيمار ٿيندو آهي ۽ هن کي شهر جي ڪنهن ڊاڪٽر يا اسپتال ۾ علاج لاءِ وڃڻو پوندو آهي ۽ جڏهن هو ڏسندو آهي تہ هن جي پياري جي حياتي جو سوال آهي تہ ڍڳو، مينهن، زمين جو ٽڪرو يا زال ڳهہ وڪڻي بہ هن جو علاج ڪرائيندو آهي. هن وقت سنڌين لاءِ موت ۽ حياتيءَ جو نهايت نازڪ مرحلو آهي، ان ڪري هن کي هر حالت ۾، پَٽَ سَٽَ ڪري بہ، هٿيار وٺڻو آهي.

سرواڻ پري ڪان بہ ٿي فائرن جا ٺڪاءَ ٻڌي ٿو. شهر ۾ پوليس ۽ فوج جو گشت جاري آهي، پر هي بزدل پناهگير، سنڌين کي هيسائڻ يا ڪنهن اڪيلي اجرڪ واري ڳوٺاڻي تي حملي ڪرڻ ڪان باز نہ ٿا اچن.

سرواڻ جو رت ٽهڪڻ لڳي ٿو. هن جي ذهن ۾ وَرَ وَرَ ڪري هي سوال اڀرندو رهي ٿو تہ ڇا اسان کي زنده رهڻ خاطر، هنن دهشتگردن ۽ من مستي

ڪنڌرن کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ پنهنجي گڏيل طاقت، گڏيل ٻڌي، گڏيل تنظيم ۽ گڏيل هٿياربند تياريءَ جي سهاري اٿين ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن هي سنڌ دشمن هڪ شهر ۾ ڏهن سنڌين کي قتل ڪن ته ته سنڌي گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي پنج سؤ ڳوٺن ۽ شهرن مان هر هڪ ۾ هنن جا ڏهه ڏهه ڍيري ڪري رکن!. ❑

# ڪليمي ڪامريڊ

ڪلوءَ کي ڪليم جو ٽئون دروازو نظر آيو. ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ، هو جڏهن ٻُڌ پاتي، هندستان مان ڀڄي هتي آيو هو، ته هتي جي بيوقوفيءَ جي حد تائين سادن سڀاجهڙن رهاڪن جي همدردي حاصل ڪرڻ خاطر، پنهنجي من جي مڪاريءَ زبان جي ناٽڪ سان، ڪيئي دليان ڏاهيل قصا ۽ واقعا ٻڌايا هئائين. هن روئي، سڏڪا ڀري، اوڇنگارون ڏيئي، واءِ ويلا ڪري ۽ ڇاتي ڪٽي ٻڌائو ته هن جا ٻه چاچا، ٽي ماما، پنج ڀاٽيجيون ۽ چار ڀاڻيا، هندستان ۾ هندن ۽ سکن ڏاڍيءَ بيرحميءَ سان قتل ڪري ڇڏيا هئا.

حقيقت ۾ هيءَ هئي ته هو اهي سڀ مائٽ هندستان ۾ صحيح سلامت ڇڏي آيو هو. هن کي اها به ڄاڻ هئي ته سندس اهي مائٽ هيڏانهن اچڻ لاءِ موقعي ملڻ جي تاڙ ۾ آتا وينا هئا.

ڪلو اصل ۾ هندستان مان بدمعاشين ڪري ۽ پوليس جي پڪڙ پڇاڙ کان ڀڄو هو. هو ٺڳيون ڪري ماڻهن کان رقمون وٺندو هو ۽ وري واپس نه ڪندو هو. هو عورتن جي دلالي ڪندو هو ۽ چوريون ڪندو هو. هو سنڌ ۾ پنهنجي زال، ساماٺل ڌيئرن ۽ ٻن ننڍن پٽن سان اچي سهيڙيو. هندستان ۾ هن کي ڪچو مسواڙي گهر هو، جنهن جي ڇهن مهينن کان مسواڙ ڪو نه ڏيئي سگهيو هو. هن کي انگ ڍڪڻ لاءِ پورو ڪپڙو ڪو نه هو، ۽ پيٽ ڀرڻ خاطر ٻه ويلا ته نهيو پر ٻه گرهه به ميسر ڪو نه هئا.

اهو ٻڌي ته پاڪستان ۾ پهچڻ سان مفت جا بنگلا، مفت جو سامان، مفت جا ڪاڏا، مفت جا ڪاروبار ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا مفت ۾ ملي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهه رڳو ٿورڙي مڪاري ڪرڻ سان. ڪلو پنهنجي ڌرتي ڇڏي هتي مڪاري آزمائڻ جي نيت سان آيو هو.

هن کي شهر ۾ هڪڙي سنڌي هندوءَ جي عاليشان جڳهه ملي ويئي. ان تي وڃي قبضو ڪيائين. پوءِ اها سٺي رقم ۾ وڪڻي، هڪڙي ڪچي آباديءَ ۾ جهوپڙي ٺاهي وڃي ويٺو.

جلدئي حڪومت، پناهگيرن لاءِ پڪي ڪالوني ٺاهي. ڪلوءَ هٿ پير هڻي اتي بہ پناهگيرن وانگر مفت ۾ ڪوارٽر هٿ ڪيو. ٿوري عرصي کان پوءِ اهو ڪوارٽر وڪڻي وري وڃي ٻي ڪچي آباديءَ ۾ جهوپڙي نشين ٿيو. وري حڪومت طرفان ٺهيل ٻي ڪالونيءَ ۾ ڪوارٽر هٿ ڪيائين. جڏهن ڪليمن جو ڪاروبار شروع ٿيو تہ هن بہ هٿراڌو ڳوٺائي ڳولي ورتا. جن ڪوڙو قسم کڻي شاهدي ڏني تہ ڪلو هندستان ۾ وڏو سيٺ هو. بہ دڪان هئس، ٺاهوڪو پڪو گهر هوس ۽ پنج سئو ايڪڙ آباد زمين هئس. ان ڪليم ڪري هن کي شهر ۾ شاهي بلڊنگ، هڪ سامان ڀريل دڪان هڪ سئو ايڪڙ پلي زمين ملي، ۽ هو سچ پچ شاهوڪار سيٺ ۽ دولت مند زميندار بڻجي ويو.

اها ٽيهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي.

هينئر سنڌ ۾ نسلي فساد پيا هلن. ڪلوءَ ٻڌو تہ ڪراچيءَ ۾ هڪ پناهگير پارٽي چوي ٿي تہ سنڌ جي ڪن شهرن ۽ ڳوٺن مان سنڌين، پناهگيرن کي ڀڄائي ڪڍيو آهي. ڪلوءَ اهو بہ ٻڌو تہ اها پناهگير پارٽي اهڙن لاءِ پلاٽ ڪندڙن کي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ گهر ۽ پلاٽ وٺي ڏئي ٿي ۽ هنن جي مالي مدد بہ ڪري ٿي ۽ سرڪار کان بہ مطالبو ڪري ٿي تہ انهن لاءِ پلاٽ ڪندڙن کي ڪليم ۾ پلاٽ ڏئي ۽ ٻي مدد ڪري. ڪلوءَ جو وات پاڻي ٿي ويو. وري ڪليمن جي موسم اچي ويئي هئي. ڪلوءَ جو پٽ، ڪليم ۾ مليل زمين واري ڳوٺ ۾ ٻارن ٻچن سان رهندو هو. ڪلوءَ هن کي ڪراچيءَ ڀڄايو تہ پنهنجي خاندان سميت، ان پناهگير پارٽيءَ وٽ وڃي فرياد ڪر تہ منهنجو سڀ ڪجهہ لٽي، مونکي لڏ پلاڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. ۽ ڪليم وجهي جايون ۽ پلاٽ هٿ ڪر.....

ڪلوءَ جي ڪليم جو قصو تہ بنياد کي ڇٽو ڪرڻ لاءِ اچي ويو. اصل ۾ ڳالهہ ڪرڻي آهي ڪليمي ڪامريڊ جي.

ورهاڱو ٿيو تہ سنڌي هندن کي هٿراڌو ظلم سان سنڌ مان ڀڄايو ويو. سنڌي ڪميونسٽن ۾ هندن جي گهڻائي هئي. مسلمان خدا ۽ مذهب جي اوٽ ۾ ڦرمار، پر ماريت، ظلم ۽ جهالت جا پوڄاري آهن، سي ڪميونزم جا

دشمن ٿي ٿي سگهن ٿا.

سنڌي مسلمان کي آگرين تي ڳڻڻ جيترا ڪميونسٽ هئا. انڊيا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي خيال آيو، يا هندستان جي ڪن مسلمان ڪميونسٽن، سنڌ ڏانهن ويل مائٽن جون مفت جون دولت سان پرجندڙ جهولين جون خبرون پڙهي، پنهنجي پارٽيءَ جي پڳدارن کي پارٽيءَ جي نالي ۾ گمراهه ڪيو ته سنڌ ۾ ڪميونسٽن جو خال پيدا ٿيو آهي، تنهنڪري ڪين ڪميونزم جي پرچار لاءِ اوڏانهن موڪليو وڃي. اهڙي طريقي هو اچي سنڌ ۾ نازل ٿيا. سنڌ ۾ نه پر فقط ان جي هڪ شهر ڪراچيءَ ۾ اچي خيما کوڙيائون. يا هو ذهني ۽ دلي طرح ڪميونسٽ هئا ئي ڪونه. يا پنهنجن ديس واسين پناهگيرن وانگر هر شيءِ تي ڪليم پئي ڪيو. هنن ڪليم پئي ڪيو ته سنڌين ٻولي اڙدو آسماني ٻولي، پاڪستان ۽ سنڌ جي قومي ٻولي آهي ۽ سنڌ جي قومي ٻولي آهي ۽ سنڌين جو اسلام ته هندڪو اسلام آهي. هنن ڪليم پئي ڪيو ته سنڌن گنگائي جمنائي تهذيب ئي حقيقي اسلامي تهذيب آهي ۽ سنڌين جي تهذيب ته موهن جي دڙي جي واٽڪي تهذيب آهي. هنن ڪليم پئي ڪيو ته سنڌ ۾ هندن جون ڇڏيل توڙي سرڪاري ملڪيتون، مال، جايون، ڪارخانا، نوڪريون، زمينون سڀ سندن آهن، ۽ انهن تي سنڌين جو حق جتائڻ غير اسلامي عمل آهي.

سو هندستان مان آيل مسلمان ڪميونسٽن به اعلان ڪيو، يا شايد پڌري پٽ اعلان ڪونه ڪيو، اسلام جي پاڪ نالي ۾ گهڙيل پاڪستان جي رياست ڪميونزم جو جي ڪٽر مخالف هئي، ۽ هنن پنهنجو پاڻ ۾ فيصلو ڪيو ته اسانکي ڪميونزم ڪليم ۾ مليو آهي. هنن مارڪس ۽ لينن جي فڪر کي ڦرهيءَ تان ميساري، پنهنجي ڪليمي ڪميونزم جو پرچار شروع ڪري ڏنو.جي هو پرچارڪ ٿي آيا هئا ته پرچار ڪري، پنهنجي وطن هندستان موٽن ها. پر هنن جو ڪهڙو مائٽ واپس ويو هو جو هي واپس وڃڻ جو سوچين. هو هتي ڪپ ڪوڙي ويهي رهيا. ايترو به شرم ڪونه پين ته مذهب جي بنياد تي گهڙيل ملڪ ۾ رهڻ لاءِ، ڪميونسٽ پنهنجو اصلي ديس ڇڏي نه ايندو آهي. هنن سنڌ ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ اچي نه سنڌي ٻولي سکي ۽ نه سنڌي سيتا اختيار ڪئي. جيتوڻيڪ هڪڙو ڪميونسٽ پنهنجو اصلي ديس

ڇڏي نه ايندو آهي. هنن سنڌ ۾ پرچار ڪرڻ لاءِ اڃي نه سنڌي ٻولي سکي ۽ نه سنڌي سيتا اختيار ڪئي، جيتوڻيڪ هڪڙي ڪميونسٽ پرچارڪ جو پهريون عمل سنڌي زبان سکڻ ۽ سنڌي سيتا اختيار ڪرڻ هجڻ کپي ها. هنن کي سنڌ جي ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ وڃي هارين، پورهتن ۽ عام ماڻهن سان رلڻ ملڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻ کپي ها. سوشلزم ته انهن لاءِ ٺي آهي. پر هي ڪميونسٽ ڪراچيءَ ۾ ويهي، ڪليمي سوشلزم ۽ ڪليمي ڪميونزم جا ڦتاڪا ڇوڙيندا رهيا، سي به اهڙي ٻوليءَ ۾، جا هتي جي ڌرتيءَ جي ٻولي نه هئي.

انهن هندستاني مسلمان ڪميونسٽن جي ته هتي ڪا قوميت ئي ڪانه هئي، تنهنڪري هنن لاءِ قومي سوال ئي ڪونه هو، انڪري چوڻ لڳا ته ڪميونزم ۾ قوميت جي اهميت ئي ڪانهي. باقي هو طبقاتي سوال جي ڳالهه ڪندا هئا، سا به ڪراچيءَ جي ڪن ڪارخانن تائين محدود هئي.

ورهاڱي وقت هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سياسي ساڃهه جو دنگ اهو هو، جو هڪ ملڪ کي مذهبي بنيادن تي ٽڪرا ٿيڻ جي وڏي واڪ پنيرائي ڪيائين. شايد هنن مسلمان جاگيردارن کي تحفظ ڏيڻ ۾ ياڳي پائيوار ٿيڻ کي ڪميونزم تي سمجهيو. ڪنهن هٽ ٺوڪئي نظريي کي اڃا ڪي سنگ ٿيندا آهن!

اهو به ڏٺو ويو ته جيئن اسلامي جماعتن ۾ الائي ڪيئن پرفيسر ۽ ڊاڪٽر اُيري ايندا آهن، تيئن هنن ڪليمي ڪميونسٽن ۾ به پروفيسر ۽ ڊاڪٽر اُيري آيا. جيئن وقت گذرندو ويو ته هنن سنڌين ۾ به ڪي منجهيل ذهن پنهنجا همنوا بنائي ورتا، جي اڄ تائين، ڪليمي ڪميونزم جي حوالي سان ٽاڦوڙا هڻندا وتن، اها حقيقت توهان انهن سنڌين جي پروگرامن، پرڪارن ۽ گهڙتين مان پرکي ۽ پروڙي سگهندا. هو پاڻ به منجهيل آهن ۽ ٻين سنڌين لاءِ به مونجهارا پيدا ڪندا رهن ٿا....

هاڻي ڪليمي ڪامريڊ جي ڳالهه ڇني ٿيڻ ۽ توڙ تي پهچڻ واري ٿي آهي.

ڪليمي ڪامريڊ، هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي درخواست ڪئي ته هن کي پاڪستان پرچار لاءِ موڪليو وڃي. پارٽي اول ئي انهيءَ سوچ ۾

پيل هئي ته هيڏي تعداد ۾ هندستان جا مسلم ڪميونسٽ، پاڪستان پرچار لاءِ ڇو ويا آهن ۽ ايجا پيا به ڪوڙ وڃڻ چاهين ٿا. هنن اهو به ڏٺو هو ته جيڪو اوڏانهن ويو ٿو، سو وري واپس ئي ڪو نه ٿو ٿئي ۽ اتي ئي ڪپ ڪوڙي ويهي ٿو رهي، ۽ پنهنجي ڪم ۽ پرچار جي ڪا رپورٽ به ڪونه ٿو موڪلي. پارٽي کي اها به خبر هئي ته پاڪستان ويندڙ مسلمان ڪميونسٽن مان گهڻا هتي هندستان ۾ به ڪو خاص سرگرم ڪونه رهيا هئا. ڪليمي ڪامريڊ جي باري ۾ به هنن کي خبر هئي ته هندستان ۾ هن ڪڏهن به پارٽيءَ جي ڪم ۾ سرگرمي ڪانه ڏيکاري هئي.

هن کان پڇيو ويو،

"هوڏانهن وڃڻ کان اهو بهتر نه آهي ته هتي پنهنجي وطن ۾ سوشلزم لاءِ ڪم ڪرين؟ هتي جا رهاڪو به تمام پوئتي پيل آهن؟"

"پاڪستان جا ماڻهو مذهب جي ڏيڻ ۾ وڏيڪ گتل آهن. انهن کي چوٽڪاري جي زيادهه ضرورت آهي."

"اوڏانهن جيڪي ڪميونسٽ پرچارڪ سنڌ ڏانهن ويا، انهن کي نه سنڌي زبان ايندي هئي ۽ نه اتي وڃي سنڌي سکيا، ۽ نه سنڌي تهذيب اختيار ڪيائون. جيتوڻيڪ اهو پارٽيءَ جو اهم اصول آهي ته جتي پرچار لاءِ وڃجي، اتي جي ٻولي ۽ تهذيب اختيار ڪجي. انڪري اهي پرچارڪ ناڪامياب ٿيا آهن."

"مان اتي وڃي سنڌي به سکندس ۽ پنهنجو پاڻ کي سنڌي سڀيتا ۾ رڱيندس."

"اهي پرچارڪ وڃي هڪڙي شهر ڪراچيءَ ۾ ويهي رهيا ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن ڀلجي به ڪونه ويا. ان ڪري هو ڪو به ڪارائتو ڪم ڪري نه سگهيا."

"مان سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾، واهڻ واهڻ ۾ ۽ وسندي وسنديءَ ۾ ويندس، ۽ سنڌي هارين، سنڌي پورهيتن ۽ سنڌ جي شاگردن کي پارٽيءَ جو عظيم نياپو پهچائيندس ۽ هنن کي ذهني ۽ نظرياتي طرح انقلابي بڻائيندس."

ڪليمي ڪامريڊ ڪراچيءَ پهچي ويو. اتي جو ماحول ڏسي، هن به ٻين پناهگير پرچارڪ ڪميونسٽن واري واٽ ورتي. هو نه سنڌي عوام سان

لاڳاپي ۾ آيو، نہ سنڌي ٻولي سکيائين ۽ نہ سنڌي ماڻهن جي نفسيات ۽ نہ سنڌي قومي سڃاڻپ جي جاکوڙ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. البت پاڻ جهڙن سان گڏجي ٻي اثر طبقاتي پرچار ڪيائين. هو ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڇني ڌار ڪرڻ وارا هلچل ۾ سرگرم ڪارڪن ٿي ويو، ۽ سنڌين جي نفرت جو وڏو نشانو بڻيو.

هتي اهو ياد ڏيارڻ مزي کان خالي نہ ٿيندو تہ انهن ڪليمي ڪميونسٽن جا همنوا سنڌي، هن وقت واڪا ڪندا ٿا وتن تہ سامراج جا ايجنٽ پناهگير، آمريڪي اڏو بنائڻ لاءِ سنڌ ۾ هنگاما ۽ نسلي فساد ڪرائي ڪراچيءَ کي جدا ڪرڻ ٿا چاهين.

ڪليمي ڪامريڊ سنڌ ۾ ايرندڙ قومي تضاد کان ڄاڻي واڻي ڪن لاتار ڪندو رهيو، ۽ ڪتابي دنيا مان پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن لاءِ اڌورا حوالا ڪڍي، مڪاريءَ جا سرندا وڄائيندو رهيو تہ قومي تضاد کي ڇڏي، فقط طبقاتي سماج خلاف هٿ پير هلايو. جيڪڏهن سنڌ جا سچا ڪميونسٽ هن قومي سوال جي اپار طرف ڌيان ڇڪائيندا هئا تہ انهن کي انتها پسند يا مارڪسزم ۽ لينينزم جو منڪر چئي، ڳالهہ لنوائي ويندو هو.

هڪ ڏينهن نالي ۾ مارجي ويو. جيئن متي ذڪريو ويو آهي تہ هو رڳو نالي ۾ ڪميونسٽ هو. اهو ڊڪٽيٽريءَ جو دور هو ۽ هن ملڪ جو ڊڪٽيٽر پاڻ کي اسلام جو وڏي ۾ وڏو رکوالو سڏائيندو هو. هو بار بار اعلان ڪندو هو تہ ڪميونسٽ اسلام جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن ۽ هنن کي هن ملڪ ۾ جيئڻ جو حق نہ آهي. هڪ ڏينهن پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڳجهي ميٽنگ هئي. پوليس ان جاءِ کي گهيرو ڪري، گولي بازي شروع ڪري ڏني. ٻين ڪن پارٽيءَ جي اڳواڻن سان گڏ ڪليمي ڪامريڊ بہ مارجي ويو.

گهڻن سنڌين تہ هنجي موت جي خبر ڏي ڌيان ئي ڪونہ ڏنو ۽ جن ڌيان ڏنو، انهن کي بہ ايتروئي خيال ٿيو، جيترو ڪنهن سنڌ جي دشمن جي مرڻ تي ٿيڻ کپي.

هڪ سنڌي سرگرم راڄنيتي ڏاهو، جنهن جي ڌاڪ پري تقرير، هيءَ کهاڻي وجود ۾ آڻڻ جو اتساهہ پيدا ڪيو، تنهن جي تقرير جون جهلڪيون:

..... ڪليمي ڪميونسٽن ۽ انهن جي وڪڙ ۾ ڦاٿل سنڌي، جي ڪميونزم کي آسماني صحيفو سمجهي، پنهنجي ذهن کي چرپر ۾ نہ ٿا آڻين ۽ سائنسي بنيادن تي پنهنجي سنڌ جي حالتن مطابق ڪميونزم ۾ تبديلي ۽ ارتقا جا مخالف آهن، جي قوميت جي ايريل سوال کي انهن ڪليمي ڪميونسٽن وانگر اوليت نہ ٿا ڏين ۽ سنڌيت کان وڌيڪ عالميت جو هوڪو ڏين ٿا ۽ اهو نہ ٿا مڃين تہ ڪميونسٽ پارٽي قومي آزاديءَ لاءِ تي جاکوڙ ڪري، جيئن سنڌ ۾ سوشلزم آڻي سگهجي، تن ڪميونسٽن جي ڪردار ۽ ڪاڪردگيءَ کي ڏسي ڪميونزم کان نفرت نہ ڪريو، ان کي پٺي نہ ڏيو. اهڙا ڪميونسٽ، ڪميونسٽ آهن ئي ڪونہ. اهي ڪميونزم کي بدنام پئي ڪندا رهيا آهن. اهي ڪميونزم جي باري ۾ غلط فهميون پيدا ڪندا رهيا آهن.

....ڌرتيءَ جي وارثن جا مسئلا ۽ مونجهارا، جذبا ۽ احساس، ڪوبہ ڌاريو سمجهي نہ ٿو سگهي. جي ملڪ ۾ ڌاريءَ کي پارٽيءَ جون واڳون سونپيون، تہ هو ڪليمي ڪميونسٽن وانگر، ڪميونزم جو منهن مهانڊو ئي مٽائي ڇڏيندو ۽ ديس وارن کي انقلابي واٽ تان اڻين پري وٺي ويندو، جو هو سامراج جا ساٿاري نظر ايندا.

.... سنڌ جي قوم پرست پارٽين لاءِ بہ هڪ چتو چتاءُ آهي. جي هو سنڌ جي قومي آزاديءَ لاءِ جاکوڙ انهيءَ لاءِ نہ ٿا ڪن تہ ان ذريعي سنڌ ۾ سوشلزم جو نالي طور نڪتو وجهن ٿا ۽ پارٽيءَ جون واڳون جاگيرداري نظريي وارن اڳواڻن جي هٿ ۾ ڏين ٿا، ۽ پارٽيءَ کي پورهيت پارٽي ۽ پورهيت نظريي واري پارٽي نہ ٿا بڻائين، تہ هو جيڪا قومي آزادي حاصل ڪندا، سا سنڌ ۾ هڪڙو ٻيو پاڪستان وجود ۾ آڻيندا. جنهن ۾ ڌارين حاڪمن جي جاءِ سنڌي وڏيرا ۽ سنڌي سرمائيدار وٺندا. جيئن هندستان مان انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ ديسي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن، انهن جي جڳهہ والاري ۽ عوام کي آزاد ٿيڻ جو ڪو احساس ئي ڪونہ ٿيو ۽ نہ هنن ڪو فرق محسوس ڪيو.

.... مارڪسزم ۽ لينِنزم جي سائنسي ڪميونزم جي تقاضا اها آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي، "سنڌ ڪميونسٽ پارٽي" ناهي، قومي آجپائي ۽ غير طبقاتي

سماج لاءِ انقلابي جنگ لڙن. اها پورهيت پارٽي هجي ۽ پورهيت نظريي هيٺ ڪم ڪري. اها سنڌ جي قومي آجپائيءَ لاءِ انهيءَ واسطي لڙي ته سنڌ ۾ سوشلزم قائم ڪجي. اها دل جي سچائيءَ سان ۽ ذهن جي گهرائيءَ سان انقلابي عمل ۾ جنبي وڃي ۽ تنقيد ۽ خود تنقيد کي پنهنجي راهه جي لاٽ بڻائي. اها پارٽي پنهنجا پير به پختا ڪري ۽ عالمي ڪميونزم سان به پاڻ کي ڳنڍي. ڪميونزم ۾ ئي سنڌ ۽ سنڌين جو، دنيا جو ۽ پوري انسانيت جو ڇوٽڪارو ۽ خوشحالي آهي..... اها سوچ تيزيءَ سان سنڌين ۾ اُڀري ۽ اُسري رهي آهي. ❑

# هوائي پاڙون

وسايو ويچاري ٿو، پنجن ڇهن ڪلاڪن جو ڊگهو سفر آهي، جو نه پر ۾ ويٺل سان ڳالهه ٻولهه ڪري، وقت گفتگوءَ ۾ گذارجي.

"ڀائو! توهانجو نانءُ ڇا آهي؟"

وسايو دل ۾ چوي ٿو، هي ته جواب ئي ڪونه ٿو ڏئي ۽ مون ڏانهن اکيون ڦوٽاڙي ائين ٿو نهاري ڄڻ ته مون منهن تي ڪهروڙي پونڊو ڏنو ٿي ماڻس. آهي به ڏٺو مٺو ۽ ٿلهو متارو. شايد پناهگير آهي. پاڻ به لاڳيتو پيو چٻاڙي ۽ پيا اهڃاڻ به اهڙا اٿس. پوءِ ڪٿي ٿو اڙدو ڳالهائڻ جي ڪڙي ڪوري ڳهان ۽ هن سان اها ٻولي ڳالهايان.

"توهان جو نالو ڇا آهي؟"

"ضميراحمد"

وسايو دل ۾ چوي ٿو، ڪيترو نه رڪائيءَ مان ۽ مختصر جواب ڏنو اٿائين. شايد مون سان ڳالهائڻ ئي نٿو چاهي. مان ته هن سان ڳالهائي اچي ڦاٿس. پر شروع ڪيو اٿم ته نباهڻو به پوندو.

"منهنجو نالو وسايو آهي. توهان ڪٿي جا رهاڪو آهيو؟"

"آگري جو."

"آگري هندستان جو؟"

"ها."

"توهان هن بس ۾ ڪيڏانهن پيا وڃو؟"

"جتي بس هلي ڇيهه ڪندي."

"يعني سکر؟"

"ها."

"توهان هن ملڪ ۾ ڦريون پيرو آيا آهيو؟"

"نه."

"اڳ ۾ به هتي اچي چڪا آهيو؟"

"مان آگرو يا هندستان ڏٺو ئي ڪونه آهي، مان هتي ئي رهندو آهيان."
"توهان چيو نه ته توهان آگري جا رهاڪو آهيو؟"
"منهنجو پيءُ ۵۲ سال اڳ، پاڪستان ٺهڻ وقت آگري مان هتي آيو هو."
"توهان جي عمر ڪيتري آهي؟"
"مان بابي جي هتي اچڻ کان پنج سال پوءِ ڄائو هوس."
"توهان هيئنر ڪٿي رهندا آهيو؟"
"پاڪستان ۾."
"منهنجو مطلب آهي سنڌ ۾ يا؟"
"مان پاڪستان ۾ رهندو آهيان."
"پلا بلوچستان ۾ رهندا آهيو؟"
"پاڪستان ۾."
"يا پنجاب ۾ گهر اٿوَ؟"
"پاڪستان ۾."
"شايد سرحد ۾ رهندا آهيو؟"
"مان ٻڌائي چڪو آهيان ته مان پاڪستان ۾ رهندو آهيان."
وسايو سوچي ٿو، ڇا هي اُٺ جو پٽ سمجهي ٿو ته پاڪستان ڪٿي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ تنگيل ايراضي آهي.
"پلا اهو ته ٻڌايو ته گهر ڪٿي اٿوَ؟"
"مان چئي چڪو آهيان ته پاڪستان ۾."
"ڪهڙي شهر ۾؟"
"پاڪستان ۾."
"حيدرآباد ۾ ٿا رهو."
"چيم پاڪستان ۾."
"سکر ۾ ٿا رهو؟"
"پاڪستان ۾."
وسايو دل ۾ چوي ٿو، ماڻهو ٻهرين شهر يا ڳوٺ جو نالو ٻڌائيندو آهي، پوءِ تعلقو، پوءِ ضلعو، پوءِ پرڳڻو، پوءِ وڃي پورو پتو پوندو آهي ته هو

حيدرآباد شهر ۾ ايڏو هراس ۽ ڏکاءُ جو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جو ماڻهو پاڻ کي ڪٿي به سلامت نه ٿو سمجهي. نه گهر ۾، نه رڪشا ۾ ۽ نه بس اندر. اها به حقيقت آهي ته ڳوٺ ۾ به ملڪيت وارا، ڌاڙيلن جي ڊپ ۾ رهن ٿا.

هو ڏسي ٿو ته ماءُ چلهه تي چانورن جو ديڳڙو رکيو آهي. پوءِ هن جي نگاهه تعلقي شهر مان آيل پاڻرن تي پوي ٿي. انهن مان وڏو ان شهر ۾ هڪڙي آفيس ۾ ڪلارڪ آهي، ۽ ننڍو به اتي ئي مئٽرڪ ڪلاس ۾ هاءِ اسڪول منجهه پڙهندو آهي. هو هن سان ڳراٽڙي پائي ملن ٿا ۽ پر وارين کٽن تي ويهي رهن ٿا.

هو ڏسي ٿو ته سندس ماءُ ديڳڙو دم تي رکي ۽ سندس ڀيڻ واندي ٿي، اچي پر وارين کٽن تي وهن ٿيون.

"سو ادا سومر، اسان جي ڪلهوڪي سفر جو ڇيهه وڃي ٿيو ڌاڙيلن جي ڪارروائيءَ تي."

"ڀائو وسايا، ان جي تفصيل ٻڌڻ لاءِ ئي ته اسين هڙئي ڀاتي آتا ٿي رهيا آهيون. اما ته شڪراني ۾ پٽ جو ديڳڙو به چاڙهيو آهي، ۾ اوڙي پاڙي کي ڪارائيندي."

"ها پٽ وسايا، تون منهنجو وڏو پٽ آهين، تون گهر جو وارث آهين. خدا توکي بچايو، تون صحيح سلامت اچي رسيو آهين، پلا ٻڌاءِ ته سهي ته ڌاڙيلن توکي ڪيئن ڇڏي ڏنو؟"

"اما، توهان ته اجايو پيا پريشان ٿيو. مون کي نه ڊپ ڊاءُ هو ۽ نه خوف خطرو."

"پر ادا، تون به ڪٿي قصو شروع ڪر."

"بس هر شهر تي بيهندي ٿي آئي. ڪي لٿا ٿي، ڪي چڙهيا ٿي، جڏهن بس هالاڻيءَ کان اڳتي هلي ته مسافرن مان پنج جوانمرد اٿي بيٺا ۽ هٿيار ڪڍي ايا ڪيائون. هڪڙو جوانمرد، مان انهن کي جوانمرد چوندس، ڇو ته هو ڌاڙيل هئا ئي ڪونه، هو اٿپڙهيل به نه ٿي ڏٺا. ها، ته هڪڙي جوانمرد، ڊرائيور جي ڪنڌ تي پستول رکي چيو ته ڪوٽڙي ڪبير سامهون، خانواهڻ ڏي ويندڙ رستي ڏانهن بس ڪاهي هل. ٻين چئن جوانمردن، مسافرن ڏي

ڪلاشنڪوف تاڻي ڌمڪايو تہ ڪوبہ ڪابہ حرڪت نہ ڪري ۽ جو جتي ويٺو آهي، اتي ويٺو رهي. مون ڏٺو تہ پناهگير ضمير احمد، جنهن سارو وقت هيڏي تيزي ڏي ڏيکاري، تنهن خوف پريل اکين سان مون ڏي نهاريو ۽ ٿرٿر ڪنبي رهيو هو. مونکي اهو بہ ياد آيو تہ اهي جوانمرد، ڪنڌياري مان بس ۾ چڙهيل هئا. جيئن تہ مند تبديل ٿي رهي آهي ۽ اهو ٿڌڙيءَ جو وقت هو، ان ڪري مسافرن جو، هنن جي جسمن تي ويڙهيل اجرڪن يا کيسن ڏانهن ڌيان ڪونہ ويو، جن اندر هنن هٿيار لڪائي آندا هئا. جڏهن بس خانواهڻ سان ڳنڍيندڙ رستي تي مڙي، ۽ ٿورو اڳيرو پهتي، تڏهن مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ جوانمردن، پنهنجي ڪارروائيءَ لاءِ اهو رستو ڇو چونڊيو هو. اتي ان رستي جو اڌ ميل ڪن حصو سم جي ڪوڏي جيڏي پاڻيءَ هيٺ آيل هو، ۽ ظاهر آهي تہ رستي جي پاسن کان پاڻي وڌيڪ اونهون هوندو. اتان گاڏين جي اچ وڃ بند هئي، جوانمردن هيٺ لهي، ڪلاشنڪوفون تاڻي، پاڻي ۾ ٿي بيٺا. اندر بس ۾ هڪڙي جوانمرد مسافرن ڏي منهن ڪري چيو تہ "ڪراچي ۽ حيدرآباد جا پناهگير اسانجي ڀائرن ۽ ڀينرن جا لاش موڪليندا رهيا آهن. سنڌ ۾ ورهين کان جيڪي هنگاما، فساد، خونريزيون ۽ بيروزگاريون آهن، سي سڀ پناهگيرن جي هتي اچڻ کان پوءِ ٿيون آهن. اهي ئي ان جو ڪارڻ ۽ بنياد آهن. هنن کي اوڏانهن وڃڻ کپي، جتي جي هو ڪرڙ آهن؛ نہ تہ اسان کي ڌارين کان پنهنجي سنڌ صاف ڪرڻي پوندي، اسان کي پنهنجي ڌرتي ڌوئڻي پوندي، ۽ پوءِ ئي سنڌ ۾ اهو امن ۽ پيار وري موٽي ايندو، جيڪو پناهگيرن جي اچڻ کان اڳ هتي هو."

"ادا وسايا، اڄ شاگردن جي جلسي ۾ اسان جي هڪ شاگرد اڳواڻ چيو تہ ڪيترا ماڻهو سنڌ ۾ ٿيندڙ دنگن فسادن ختم ڪرڻ لاءِ ڪو حل ڳولڻ لاءِ پريشان ٿي رهيا آهن. هن چيو تہ ان جو حل سنئون سڌو آهي. انهن دنگن فسادن جي جڙ ڌاريا ۽ پناهگير آهن. انهن جي هتي اچڻ کان پوءِ ئي هنگامن جو مچ مچيو آهي. ٻين پرڳڻن، ڌارين پناهگيرن کي پاڻ وٽ آباد ٿيڻ نہ ڏنو تہ اتي ايتري بدامني بہ ڪانهي. ان ڪري انهن دنگن ۽ فسادن کي بنجو ڏيڻ لاءِ هڪڙو ئي حل آهي تہ سنڌ مان پناهگيرن ۽ ٻين ڌارين کي ڌڪي ۽ لوڏي پنهنجن ملڪن، پنهنجن ديسن، ۽ پنهنجن پرڳڻن ڏانهن واپس

# چار

تون پنهنجي خط ۾ مون کان پڇيو آهي ته مان هيءَ شادي ڪريان يا نه؟ شادي، جيڪا هڪ غير سنڌي ڇوڪريءَ سان ڪرائي تي وڃي ۽ جا تنهنجا وڏا، تنهنجي مرضي خلاف ڪرائي رهيا آهن. هونءَ ڪن حالتن ۾ ائين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته پيار ڪري غير سنڌيءَ سان شادي رچائي وئي. توهان جي حالت ۾، وچ ۾ پيار ڪونه ٿو اچي. پر مونکي ڄاڻ آهي ته جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظامن جي بندشن، پابندين ۽ پاڻ تي ضابطن مان قتل عشق اڪثر هلي يا شاديءَ جي حالت ۾ جذبا ٿڌا ٿيڻ ڪان پوءِ، اهو پنهنجي اصلي اڻ وڻندڙ روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

جي غير سنڌي عورت سان پيار هجڻ ڪري پرڻجڻ چاهين ها ته مونکي هي ڇوٽو پوي ها؛ ڏاري يا غير سنڌي عورت سان پيار ٿي نه ٿو سگهي. جا تنهنجي ڌرتيءَ جي ٻولي نٿي سمجهي جا تنهنجي ٻولي نه ٿي سمجهي، سا توسان ڪيئن ٿي پيار ڪري سگهي! جا تنهنجي ٻولي نه سمجهندي، سان تنهنجي پيار جي ٻولي ڪيئن سمجهندي، تنهنجي پيار جو اظهار ڪيئن سمجهندي؟ ڇا اهو ٿي سگهي ٿو ته هڪ سنڌي سڄاڻ، غير سنڌي عورت جي پيار ڪري، شاديءَ جي ڄار ۾ ڦاسي، پنهنجي ڌرتيءَ کي هاڃو رسائيبي !....

تنهنجو خط پڙهي، منهنجي ذهن تي پنهنجي هڪ ياڙي دوست جي جيون چڪر جون مورتون ڦرڻ لڳيون.

ان چڪر کي چاليهه سال ٿي ويا آهن ۽ هو ان چڪر ۾ نه پر ان گهاٽي ۾ پيڙجي ويو آهي ۽ ذهني طرح نه چاهيندي به هو ان گهاٽي ۾ پيڙبو رهي ٿو، پنهنجي ياڙياڻپ جو ثبوت ڏيندي، پنهنجي بزدليءَ جو ٻوتو ٻنجندي ....

هو مڇي مانيءَ واري هڪ ڳوٺاڻي جو اڪيلو پٽ هو. ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هو. هڪ دوست اتي جي پناهگيرياڻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرايس. هو ڏاڍو خوش ٿيو هو. خاص خوشي انهيءَ ڪري ٿي ته هڪ

شهري ڇوڪريءَ سان شادي ڪري هن پنهنجي ڳوٺ وارن نوجوانن ۾ سندس جهڙن ٻين لکين سنڌي نوجوانن کي ملهه ماري هئي. خوشي ته اها پڻ ته هيس ته پنهنجي خاندان جي سادين، اٽڙهيل، ٻي فئشن ۽ ٻي افعالين سوٽين، ماساتن مان جان ڇٽي پئي هئس، جنهن مان ڪنهن نه ڪنهن سان هن جو پلئه اٽڪايو ويجي ها. هيءَ شهري ڇوڪري نڪاح کان پوءِ ڏنائين. ان وقت جوش ۾ هجڻ ڪري، هن جي اصلي منهن مهانڊي ڏانهن ته گهرو ڏيان ڪونه هوس، ڇو ته چلڪندڙ چمڪندڙ ۽ رنگارنگي لباس هو. هڪ هڪ انگ تي ميندي ۽ ميڪ اپ جا تهه ضرورت کان وڌيڪ چڙهيل هئا. ناز هئا، ماٺا هئا، ادائون هيون. مون وارو دوست وري کهڙو مور هو! نه منهن مهانڊو، نه هڏ ڪاٺ، نه رنگ، نه روپ.

ان وقت سنڌي گهٽو ڪري هرويرو ٻه مسخرن واري سنڌي ڳاڙڙ اڙدو ڳالهائڻ جي جفاڪشي ڪندا هئا. پر هيءَ دوست ته پناهگيرياڻيءَ سان پرڻجڻ کان پوءِ غالب ۽ لکنوي لهجي واري اڙدو ڳالهائڻ جي ڪوشش ۾ وڌو مسخرو لڳندو هو.

هي دوست، جنهن کي هاڻي بخشڻ ڇئبو، سو طبيعت جو بزدل ۽ لَيلَهر هو ۽ اِرادي جي پختگيءَ کان وانجهيل. هن جي زال چالاڪ ۽ واتراڏي هئي ۽ هر مامري ۾ هن تي ڇانئجي ويئي. هو نوڪريءَ ۾ چڙهندو ويو، ڇو ته ان وقت نوڪريون جام هيون ۽ ترقيءَ جي موقعن جي ڪوٽ ڪانه هئي. هو وڏو آفيسر بڻجي ويو.

مان چاليهن سالن کان بخشڻ جي رهڻي ڪرڻي ۽ هن جي حياتيءَ جو ڪاروبار ڏسندو رهيو آهيان. هن کي چار پٽ ٿيا ۽ ٽي ڌيئر. انهن جون ٻه شاديون ٿي ويون آهن ۽ سڀني جون غير سنڌين سان. سڀ اولادي آهن ۽ اڄ بخشڻ جي خاندان ۾ اناويهه ڀاتي آهن. سڀ اڙدو ڳالهائيندا آهن ۽ سنڌي نه سمجهندا آهن. خود بخشڻ سنڌي ڳالهائي ته سگهي ٿو، پر سنڌي لکي ڪونه سگهي، جيتوڻيڪ بي - اي تائين سنڌي پڙهيو هو. خط لکڻو پوندو اٿس ته يا انگريزيءَ ۾ لکي يا اڙدوءَ ۾.

هن جي گهر ۾ هنڌ هنڌ پاندان ۽ ٿوڪدان نظر ايندا ۽ ڀتين تي سر سيد، لياقت علي ۽ الطاف حسين جهڙن جون تصويرون ٽنگيل آهن. گهر ۾

# پنڌيون

وڏيري ڪانڌيري جو پٽ مير حسن، اڄ ڪوڏ وٽ آيو ته هن کي سائين ڪرڙ شاهه پير جي پٽ نثار شاهه سان جهڳڙي بابت ٻڌائيندو، پر پاڙي جي ٻن ضائفن جي پاڻ ۾ جهيڙي جي رنگ جي دلچسپيءَ ۾ حالي ته گم ٿي ويو.

مير حسن جي پنهنجي غريب ڳوٺائي ڪوڏ سان ننڍي هوندي کان ياراڻي هئي ۽ هو جڏهن به ڳوٺ ۾ هوندو هو ته ڪوڏ جي ڪچي گهر ۾ پيو پيرو پيچندو هو. گهر مٿان هڪ ننڍي ڪوٺي هوندي هئي، جا ڪوڏ جي اوطاق به هئي، پڙهڻ لکڻ ۽ سمهڻ جي جاءِ به.

سامهون ٻن گهرن مان ماين جو پاڻ ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو. ٻئي گهر ڪچا هئا ۽ ٻنهي گهرن جي اڱڻن جي چوڌاري پتين بدران لوڙها ڏنل هئا. چوطرف جيڪي گهر هئا، تن مان گهڻن ۾ جدا جدا قسمن جا وڻ لڳل هئا. نم، ٻير، سنجهي، سرنهه، پپر ۽ ٻيرين جا وڻ. انهن مان پڪين جون لاتيون پنهنجي ٻڌڻ ۾ آيون. جهيڙو ڪندڙ عورتن جي گهرن مان هڪڙي ۾ مکڻي ٻيرن جي ٻير جو وڻ هو. ان جو هڪڙو ڏار پرواري مائيءَ جي گهر ۾ پئي لڙڪيو. ان ۾ ڪافي پڪل ٻير هئا. ان گهر جي هڪ ٻار لڪيّ ۽ آهستي ٻير ٽي پٽيا ته ٻئي گهر جي مالڪياڻيءَ ڏسي ورتس. بس پوءِ ته ملهالو شروع ٿي ويو. مرد ڪم ڪار تي نڪري ويل هئا. صبح جو سج جاين مٿان جرڪي رهيو هو. ڪوڏ جي اوطاق جي دريءَ مان اهي گهر ڏسڻ ۾ آيا ٿي ۽ مير حسن سڀ ڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي ٿي سگهيو. قواليءَ وانگر آواز وڌندا ۽ بلند ٿيندا ويا. گجگوڙ هئي، وڄون هيون ۽ وڏ ڦڙي جو وسڪارو هو. ڄڻ ته ڪنهن راڄنيتي جلسي اندر نعرا هئا. هنگامو هو ۽ جلسي جا ماڻهو ان تقرير کي ٻڌڻ کان انڪار ڪري، گوڙ ڪري، ان غدار ليڊر کي واپس وڃڻ جو مطالبو ڪري رهيا هئا.

مير حسن اجان ويٺو ئي ڪونہ هو تہ دريءَ مان هن جي سامهون گهرن تي نظر پئي. ڪلهہ وارين پنهي ماين کي ڏٺائين. پيرن واري مائيءَ جي هٿن ۾ هڪ ڊڪيل پليٽ هئي ۽ لوڙهي مٿان پنهنجي پاڙيسرڻ مائيءَ کي مرڪندي چئي رهي هئي. "ادي! اڄ جهڙالو ڏينهن آهي. ان ڪري طاهري چاڙهي اٿئون، سو دل چيو تہ توهان کي بہ وٽ ڪرايون." ۽ اها مائي، جنهن ڪالهہ هن سان جهيڙو ڪري، سڄو ڳوٺ ڪٺي مٿي تي ڪنيو هو، سان ڏند ٽيڙيندي، اها ٿالهي وٺي رهي هئي.

اهو ڏسي، مير حسن، ڪوڏ کي خار مان چيو. " هي سڄا پينگيا ۽ جهنگلي ڪيترا نہ ذليل ۽ بي غيرت آهن. اهي ساڳيون ئي مايون ڪالهہ هڪٻئي جا يار اگهاڙا ڪري رهيون هيون ۽ پاڻ ۾ وڙهي ڊانگهيون ٿي پيون هيون ۽ اڄ وري هڪٻئي کي دعوتون پيون ڪارائين. اٽن ڪو شرم حياءُ يا عزت ۽ غيرت جو ذرڙو !"

"ها يار! عزت، عصمت، غيرت، شرم حياءُ تہ جاگيرداريءَ ۽ سرمائيداريءَ جون پيدا ڪيل شيون (Commodity) آهن ۽ طبقاتي سماج جا ناهيل ماپا ۽ قدر انهن واسطي آهن، جن وٽ ڏوڪڙ آهن. هنن غريبن ۽ پينگين کي انهن شين جو نخرو ۽ عياشي ڪرڻ نہ گهرجي." ڪوڏ ٽوڪ مان مرڪي چيو.

"يار، تون تہ ڪتابن جون الائي ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري، مون کي تہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي. پر مان انهن رنن کي ڏسي رهندس. انهن کي گهرائي، اگهاڙو ڪرائي، چهبڪن سان چمڙي نہ اڌيڙيم تہ پنهنجي پيءُ جو پٽ ئي نہ آهيان. هي حرامزاديون سمجهن ٿيون جو هرويرو وٺي ايڏو هُل بکيڙو ٿيون مچائن. جو ڳوٺ وارا هراسجي اٿين سمجهن تہ ڌاڙيلن ڳوٺ تي حملو ڪيو آهي!"

ڪوڏ، هن جي لهجي ۾ فرق محسوس ڪري، هن ڏي چتائي نهاريو. واقعي ئي مير حسن جو پارو چڙهيو رهيو هو ۽ هو غصي مان ڳالهائي رهيو هو. هن جي وڏيرڪي رڳ ڦڙڪي اٿي هئي.

هَن، مير حسن کي چيو، "يار، ڇڏ هاڻي ان ڪاوڙ کي. پر ٻي ڳالهہ ٻڌ تہ مان تنهنجي ڪالهہ هتي اچڻ سان ئي تاڙي ويو هوس تہ تنهنجو چهرو لٿل

ته چيائين، "نثار ۽ پنجابڻ جي وهنوار تو ۾ پنهنجي حقيقي منهن مهانڊي جو احساس پيدا ڪيو آهي. مون کي پڪ آهي ته اهڙا واقعا ته ٿيندا جو عوام تو ۾ احساس پيدا ڪندو ته تون اٿپڙهيل ۽ پرمار آهين ۽ پورهيو نه ڪرڻ ڪري ڪاڏي جو حقدار به نه آهين؟"

"يار، تون ته پنهنجي غير واسطيدار ۽ غير ضروري ڳالهين ڪرڻ کان باز نه ٿو اچين." مير حسن چيو ۽ وري پنهنجي ويچارن ۾ خاموش ٿي ويو.

"وڏيرن ۽ پيرن جي حويلين ۽ ڪوٽن اندر." مير حسن نيٺ چوڻ شروع ڪيو، "جيڪي وهي واپري پيو، سو ڪو راز نه رهيو آهي. گهڻن کي اهي خبرون پهچي ويون آهن، پر مان پيرن جي حويليءَ جي اهڙي خبر ٿو ٻڌايانءِ جو تنهنجيون ڏنديون آڱريون اچي ويندديون."

"ضرور ٻڌاءِ." ڪوڏ وراڻيو.

"ان حويليءَ جي هڪ نوجوان ٻانهي منهنجي به سنگتياڻي آهي ۽ موقعو ملڻ سان اچي منهنجي سيج سينگار ٿيندي آهي. هن تازو هڪ راز جي ڳالهه ٻڌائي. هن ٻڌايو ته حويليءَ اندر وڏي پير ۽ سندس پٽن جون ڪيتريون ئي زالون، سريتيون، ڪنيزون، ٻانهيون ۽ ڪنواريون ۽ ساماٽل ۽ حق بخشايل ڏيئر ۽ ڀينرون آهن. اتي مرد واري ڦيري سان سريتين ۽ ڪنيزن سان پيا راتيون گذاريندا آهن، باقي حق بخشايل ۽ ڪنواريون ڀينر ۽ ڏيئر ڀيون سڪنديون ۽ چپ چتينديون آهن ۽ هر وقت اندر ئي اندر ڀيون سڙنديون ۽ ڪامنديون آهن. ڀلا قدرتي شوق ۽ خواهش دٻائڻ ڪو سولو ڪم ته نه آهي. منهنجي ان سنگتياڻيءَ مون کي وڌيڪ ٻڌايو ته پير جي هڪ پٽ جو مون تي مڙني وڌيڪ شوق هو. سو اڪثر پيو مون کي رات جو پروگرام ڏيندو هو. هن جي ڪمري سان گڏ ئي هن جي هڪ حق بخشايل ڀيڻ جو ڪمرو هو. انهيءَ ٻيبيءَ هڪڙي ڀيري مون کي ڏاڍيون منٿون ڪيون ته هاڻي مان اصل ڦاٿاڻ ٿي. مان توکي عرض ٿي ڪريان ته هڪ رات پنهنجي بدران مون کي سمهڻ ڏي. هونءَ به هو رات جو دير سان ايندو آهي ۽ نشي ۾ ڌت هوندو آهي. ٻيبيءَ ڪيترائي ڀيرا پيرين پئي مون کي ان لاءِ وينتي ڪئي. مون کي هن تي رحم آيو ۽ اهو به خيال آيو ته هن پيرن به ته منهنجي حياتي تباهه ڪري ڇڏي آهي ۽ هن کان وير وٺڻ جو پورو پورو وجهه مليو اٿم. سو مان ٻيبيءَ

"اها تہ هر ڪنهن کي خبر آهي. بهرحال تون ڳالهائيندو هل." مير حسن چيو.

"مان ٿو ٻڌايانءِ. توهان طبقاتي سماج ۾ پنهنجا دل گهريا ماپا ۽ ماڻ ٺاهيندا آهيو. عزت، عصمت، غيرت ۽ شرم حياءُ توهان جا اخلاقي قدر جڙيل آهن. پر عملي طرح اهي توهان مردن لاءِ نہ پر توهان جي عورتن ۽ مظلوم هارين ۽ پورهيتن لاءِ هوندا آهن. توهان وڏيرڪي طبقي جي مردن کي تہ ڪليل آزادي آهي تہ جنهن عورت کي وڻيوَ تنهن کي ورتايو ۽ غريب جي جنهن نياڻيءَ کي پنهنجي خواهش جي پاڪر ۾ آڻيو ۽ پنهنجي بيگمن، ڀيڻن ۽ ڌيئرن کي سٺن ڪوٺن اندر رکو، جيئن هنن کي پنهنجي پسند جو مرد ڏسڻ جو موقعو ئي نہ ملي. هونءَ عورت سميت اوهان عزت، عصمت، غيرت ۽ ٻين اهڙين چيزن کي خريد ۽ وڪري جو سامان سمجهو ٿا. انهن شين سان جيڪا ٻولي ڳنڍيل آهي، اها خود ٻڌائي پيئي تہ اهي (Commodity) آهن. جيئن چوندا آهن تہ عزت لٽجي وئي يا عزت ڦُري ويئي يا عصمت لٽجي وئي يا عصمت ڦُري ويئي يا عصمت عورت لاءِ قيمتي ۾ قيمتي زيور آهي يا غيرت لفظ ۾ ملڪيت جو تصور سمايل آهي. هاڻي لٽبيون، ڦُرنديون، قيمتي زيور، ملڪيت تہ خريد وڪري جون شيون، وٺون يا مال هوندو آهي ... اهي خيال ۽ تصور تہ توهان جي وڏيرڪي تهذيب جي لفظي بازيگري ۽ ڏاڍمڙسي آهي. ٻنو معيار آهي. جيڪڏهن ڪو توهان جي سامهون ڪرسيءَ تي يا کٽ تي ويهي ٿو تہ توهان پنهنجي بيعزتي تصور ٿا ڪريو ۽ هن کي هيٺ پٽ تي ويهڻ تي مجبور ٿا ڪريو. ڪو توهان سان ڏاڍيان ٿو ڳالهائي تہ خيال ڪيو ٿا تہ هن توهان کي گار ڏني توهان جي بي عزتي ڪري ورتي ۽ توهان 24 ئي ڪلاڪ هن تي گارين جو ڏوڙيو لڳايو وينا آهيو تہ ان کي فخر جي ڳالهہ سمجهو ٿا. توهان جي حويليءَ جي ڪا عورت ڪنهن ٻئي مرد جي آڏو اچي ڪنڌ مٿي ڪئي ڳالهائي تہ بجاءِ ان جي جو ان عورت جي حوصلي ۽ همت تي هن جي پٺي ٺپريو ۽ هن جي ڄاڻ ۽ سکيا تي خوش ٿيو، توهان الٽو هن جي دليري Boldness کي بي حيائي ۽ بي شرمي جا لقب ڏيئي، ان کي پنهنجي غيرت جو مسئلو بنائي، هن کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ٿا وڃون. پوءِ ڪڏهن سوچيو اٿوَ يا ان جو جواب ڏيئي سگهو ٿا تہ اهي وٺون ۽ اهي رويا آهن ڇا؟ وڏن ماڻهن

جي اهڙين روشن ڪي ڏسي، سچا ۽ غريب پڻ پنهنجي عورتن کي ڪهاڙين مان ڪڏهن لڳا آهن. ڪارو ڪاري ڪري."

بس بس. مون توکي ٻڌايو آهي ته تنهنجا اهي وعظ نه مان سمجهندو آهيان ۽ نه هينئر سمجهڻ جي ضرورت آهي. توکي اندازو آهي ته فقط نديڻ جي دوستيءَ جو لحاظ ڪري، پاڻ تي جبر رکي، اڄ توکي صبر سان ٻڌو اٿم. توکي ته خبر هوندي ته جي لفظن ۽ نصيحتن سان دنيا ۾ انقلاب اچن ها ته ماڻهن کي هٿيارن، ويڙهه ۽ قربانين ڏيڻ جي ضرورت ڪانه پوي ها. مان ته سارو وقت اهو سوچي رهيو هوس ته نثار شاهه کان بدلو ڪيئن وٺان......."

ٻئي طرف شهر ۾ نثار شاهه پنهنجي بنگلي ۾ پنهنجن چمچن جي دعوت ڪئي هئي: هو ڏاڍو سرهو نظر اچي رهيو هو ۽ مير حسن ۽ هن جي خاندان جي گلا ڪري رهيو هو، هن جي خلاف ڳالهائي رهيو هو، ٺٺوليون ڪري رهيو هو ۽ مذاق اڏائي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي رهيو هو.

هو چئي رهيو هو، "مير حسن ڪيترو نه بي حيا ۽ بي شرم آهي، پنجابڻ جڏهن هن کي سنوت نه ڏيندي هئي ته پنهنجن چمچن کي چوندو هو ته ميلاپ مان هن جا عضوا ته ڪسي ڪونه ويندا. هو زميندار آهي ۽ ونگار تي هريل آهي. مون ٻڌو آهي ته هو ڪڏهن ڪڏهن "عياشيءَ جي ونگار" ڪندو آهي ۽ جيترا چمچا هوندا آهن اوتريون ڇوڪريون گهرائي، هر هڪ لاءِ عياشيءَ جو سامان مهيا ڪندو آهي. ان ڪي هو عياشيءَ جي ونگار ڪوٺيندو آهي. وري همراهه جي شڪل صورت ۽ رنگ روپ ته ڏسو! ڪارو رڄ آهي رڄ! سندس Taste اها آهي جو پنهنجي رنگ سان ملچ ڪندڙ ڪارا يا ناسي سوٽ پائيندو آهي ۽ ڏامر جو ڪارو ڍڙم لڳندو آهي."

مير حسن ۽ نثار شاهه شاگردن جي سياسي پارٽين ۾ ڀرپور حصو وٺندا هئا. هو ساڳي ڌر جي سياسي پارٽي جا ميمبر هئا. ان پارٽيءَ جا ٻه ڌڙا هئا، هڪ ڌڙي جو مير حسن اڳواڻ هو ۽ ٻئي جو نثار شاهه. ٻنهي ڄڻن پنهنجي چمچن کي پستول ۽ ڪلاشنڪوف وٺي ڏنا هئا ته ضرورت وقت استعمال

ڪن.

مٿئين واقعي کان پوءِ جلد ئي نثار شاهه واري ڌڙي جو هڪ ميٽنگ ۾ پاڻ ۾ خونخوار جهيڙو ٿي پيو ۽ هڪٻئي تي گوليون هلايون. ڪيترائي ميمبر سخت زخمي ٿي پيا. مير حسن کي هي سونهري موقعو نظر آيو، بدلو وٺڻ جو. هن پنهنجي چمچن کي پڙڪايو ته جي لڪي ڇپي نثار شاهه کي هن وقت ماريو ويو ته سمجهيو ويندو ته ان ڏينهن واري جهيڙي جي نتيجي ۾ نثار شاهه جي ڌڙي وارن ئي هن کي قتل ڪيو آهي.

هڪ رات، دير سان جڏهن نثار شاهه پنهنجي بنگلي ۾ گهڙي رهيو هو ته ڪن غنڊن هن جي موٽر تي رائيفلن ۽ ڪلاشنڪوفن سان حملو ڪيو ۽ هن جو بدن پرڻ ٿي ويو. ❑

# ياڳو پيون (مڪالما)

# لڏ پلاڻ

"ڇا هوءَ ٽانڊو ڪٽڻ آئي هئي؟"

"نہ."

"پوءِ ڪيئن ٿو دانهون ڪرين تہ تنهنجي گهر ۾ بورچيائي ٿي ويٺي آهي؟"

"جيڪا گذريل بارش پئي هئي، ان ۾ هنجي گهر جي ڇت ٽپڪڻ لڳي ۽ ٻارن ٻچن سميت اچي اسانجي گهر ۾ پناهہ ورتائين، ۽ اسان سمجهيو تہ مينهن پوري ٿيڻ ڪانپوءِ وڃي پنهنجي گهر ٽانئيڪي ٿيندي، پر هوءَ تہ وڃڻ جو نالو ئي نہ ٿي وٺي."

"نئين ملڪ ٺهڻ ڪانپوءِ جيڪا لڏ پلاڻ ٿي، جيڪي ٻين ملڪن ۽ ٻين پرڳڻن جا رهاڪو هتي اچي پرگهٽ ٿيا، انهن هتي جي اصلوڪن رهاڪن لاءِ اهڙا اچي مسئلا پيدا ڪيا ۽ اهڙيون پريشانيون ڪڙيون ڪيون ۽ اهڙو رويو اختيار ڪيو، جو اسانکي آزادي ملڻ جو ڪو احساس ئي ڪونہ ٿيو، اسانکي آزاد قوم هجڻ جا ڪي بہ اهڃاڻ ئي نظر ڪونہ آيا. پاڻ حالتون بدتر ٿينديون ويون، پاڻ وڌيڪ ڏکيا ٿيندا وياسين."

"پرڏيهي ڌرتيءَ تان ايندڙن هتي اچي مذهب جي نالي ۾ سامراجيت جو ڪردار ادا ڪيو."

"گذريل 28 سالن جي تجربي ثابت ڪيو آهي تہ مذهب جو ناتو مٿاڇري اهميت رکي ٿو. اصل ناتو ٻولي، ڪلچر، جاگرافي، تاريخ ۽ معاش جو آهي."

"ها، هن ملڪ ٺهڻ ڪانپوءِ، ڇڪتاڻ جا مکيہ بنياد ٻولي، ڪلچر ۽ معاش پئي رهيا آهن. حالانڪ وڙهندڙ هڪ ئي مذهب جا هئا."

"اهو پڻ ڏٺو ويو تہ جيڪا بہ ڇڪتاڻ ٿي، جيڪو بہ جهيڙو ٿيو، ساڳي ٻولي ۽ ساڳي تهذيب وارا هڪ طرف ۽ ٻي ٻولي ۽ ٻي تهذيب وارا ٻئي

طرف. هر حالت ۾ ائين پئي ٿيو. صحيح ۽ غلط جو ماپو ٻيو هوئي ڪونه."

"اها ٻه حقيقت آهي ته لاهور وارو پاڪستان جو ٺهراءُ، جنهن جي اسان پنيرائي ڪئي هئي، ان ۾ آباديءَ جي لڏ پلاڻ جو يا هڪ پرڳڻي وارن جو ٻئي پرڳڻي ۾ وڃي کپُ ڪوڙي ويهي رهڻ جو ذرو به ذڪر ڪونه هو."

"ها، اسان هن قسم جي لڏ پلاڻ جو تصور به ڪونه ڪيو هو. اسان لڏپلاڻ قبول نه ڪئي هئي."

"هتان جي ماڻهن گهڻئي تجربا ڪيا آهن. گهڻئي ظلم ۽ ڏاڍايون سٺيون آهن، موجوده دور جي تاريخ ڏني آهي، گهڻن ئي فرقن ۽ طبقن کي آزمايو آهي، هاڻ هن جو سياسي شعور ٽيهه سال اڳ جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌيل آهي، هو وڏيڪ بيدار ٿيا آهن. وڌيڪ احساس پيدا ٿيو اٿن. گهڻئي غلطيون پيا محسوس ڪن. انڪري هاڻ هن کي نئين سر سوچڻ گهرجي."

"ڇا سوچڻ گهرجي؟"

"پنهنجي سياسي منزل جي باري ۾."

"ڪجهه چٽائي ڪر."

"هن کي تاريخي ۽ جاگرفيائي ايڪي جي حيثيت سان پنهنجي واٽ ۽ پنهنجو ماڳ مقرر ڪرڻ کپي. هن کي اهو فيصلو ڪرڻ گهرجي ته هو ڪنهن دنيا جي طاقت يا علائقي سان ڳنڍجڻ چاهين ٿا يا پاڻ تي ئي پاڙي پاڻ پرو رهڻ چاهين ٿا. اهو طئه ڪرڻو آهي ته حڪومت جي ماهري ۾ مذهب جي رسي پڪڙين ٿا. ۽ سياست ۽ حڪومت جي نون نظرين کي نظر انداز ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اڃ تائين مذهب جي نالي ۾ جنهن پر ماريت جي ڀڄري ۾ ڦٿڪندا رهيا آهن. اها ئي ريت قبول ڪندا. يا نيئن زماني ۽ نون ذهن جو ساٿ ڏئي انساني، عوامي ۽ زميني نظام قائم ڪرڻ چاهين ٿا."

"جيڪڏهن هو جاگيرداري، سرمائيداري آسماني نظام تي راضي آهن ته پوءِ ته هن کي ڪنهن خاص هلچل هلائڻ جي ضرورت ئي ڪانهي."

"پر جي هو سياست ۽ اقتصاديات جا نوان نظريا اختياري ڪري، پنهنجي منزل بنائڻ چاهين ٿا ته پوءِ هن کي ان بنياد تي پارٽي به ٺاهڻي پوندي ۽ هلچل به هلائڻي پوندي."

"۽ ان پارٽي ۽ هلچل جو دائرو حالي پنهنجي علائقي تائين محدود

رهندو."

"اهڙي حالت ۾ ماڻهن کي سمجهه ۾ ايندو ته هو ڇا ڇا ڪرڻ چاهين. هن وقت ته هنن کي پراڻا نعرا ڏنا وڃن ٿا. جي هنن واسطي ڪا معنيٰ ڪانه ٿا رکن. پر جڏهن هنن کي سمجهه ۾ اچي ويو ته هنن کي ڪهڙي ماڳ تائين پهچڻو آهي، جڏهن هنن کي نيٽ پروگرام به ملندو ته هو ڪنهن مقصد لاءِ لڙڻ واسطي تيار ٿيندا. انهيءَ حالت ۾ ئي هنن ۾ عمل جو جذبو ايرندو."

"ماڻهن ۾ سالن کان ظلم، بي انصافي ۽ پرما ريت سهڻ ڪري هن وقت ڪجهه نه ڪجهه احساس ۽ شعور جاڳيو آهي. باقي ضرورت آهي ته هنن جي ان راهه ۾ رهنمائي ٿئي ته انهن ظلمن ۽ پرماريت کان بچڻ لاءِ هنن جي ڪهڙي منزل هجڻ گهرجي. ان لاءِ تنظيم ۽ پرچار جي ضرورت آهي."

"سو نيٺ ائين ڳالهه پڌري ٿي آهي ته هوءَ ٿاندي ڪي نه آئي هئي، تڏهن به نه رڳو بورچياڻي ٿي ويئي آهي، پر پوري گهر تي قبضو ڪرڻ ٿي چاهي، ۽ اصلي مالڪن کي اتان ڪيڻ ٿي گهري؟" ❑

(٢٨ نومبر ١٩٧٥)

# بندش

" ڪارروائي شروع ڪرڻ ۾ ڇو ڀلي دير ڪئي وڃي؟"

" ڪافي ساٿي اچي ويا آهن، پر اڃا ڪن اديب ساٿين جو انتظار آهي. ٿوري دير ۾ ميڙ جي ڪاروائي شروع ٿيندي. "

"اڄوڪي ميڙ ۾ سنڌي ڪتابن ۽ پريسن تي پابندين جي باري ۾ ٺهراءُ پيش ڪيا ويندا."

" هائو، ۽ اميد آهي ته اهي يڪراءِ بحال ٿيندا."

" ضرور يڪراءِ بحال ٿيندا. سنڌي ادب سان هيءَ اهڙي اُرهه زوراڻي ۽ بي انصافي ڪئي وئي آهي، جو ٺهرائن پاس ڪرڻ کان وڌي ٻيا قدم به کڻڻ کپن."

" توهانجو چوڻ درست آهي. پر اسان ۾ نه ايتري تنظيم آهي ۽ نه ايتري ٻڌي."

"ها، جي اهي ڳالهيون هجن ها ته پوءِ اسانجي ايترن رسالن، ڪتابن ۽ پريسن تي اُئين جلهه نه ٿئي ها."

" دنيا ۾ ڪٿي به اهڙو مثال ڪونه ٿيو هوندو، جو هڪ ئي وقت، هڪ ٻوليءَ جي چاليهن ڪتابن ۽ رسالن تي بندش وڌي وئي هجي."

" سائين اهو عدد رڳو چاليهه نه آهي. اهو عدد ته سؤ آهي.

مثال طور 'سهڻي' رسالي جي ڏهن سالن جي سيني پرچن کي ضبط ڪيو ويو آهي، يعني اهي ٿيا هڪ سؤ ويهه ڪتاب. اهڙي 'ملير ڊائجيسٽ' جي ٽن چئن سالن جي مڙني پرچن تي بندش وڌي وئي آهي، يعني اهي ٿيا چاليهه ڪتاب. ان ريت ماهنامي 'سوجهرو' جا چاليهه. ان ڳاٺاڻي سا اسانجي ٻوليءَ جي ٽي سؤ ڪتابن کي بندش جي باروت سان اڏايو ويو آهي."

" تاريخن ۾ پڙهبو آهي ته اڳئين زماني ۾ دشمن، جنهن ملڪ تي ڪاهه ڪندو هو، ان ملڪ جا ڪتاب - گهر ۽ لئبريريون ساڙائي ڇڏيندو هو. سو هن زماني ۾ ڪتابن ساڙڻ جي صورت آهي ڪتابن تي بندش وجهڻ."

" تنهنجو ويچار وزني آهي."

"عجب اهو آهي ته جنهن قسم جي مواد جي الزام هيٺ، ڪتابن تي

پابنديون لڳايون ويون آهن. ان قسم جو مواد لکنوي ٻوليءَ جي ادب ۾ پنجويهن سالن کان عام جام ڇپجي رهيو آهي. ان جو نالو به ڪونه ورتو ويو آهي."

"ياڻو، اها ته آهي آسماني ٻولي!"

"ان تي مونکي هڪڙو لطيفو ٿو ياد اچي: هڪڙو سنڌي ڳوٺاڻو، حج ڪرڻ ويو. هڪ ڏينهن شهر ۾ رستي تان پئي لنگهيو ته ڏٺائين ته هڪ سائيڪل سوار جو هڪ پيدل ويندڙ سان ٽڪر ٿي ويو. سو ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪرڻ ۽ ڏند ڏيڻ لڳا. ۽ اهو ڳوٺاڻو، جڏهن واپس ڳوٺ آيو، تڏهن انهن عربن جي واقعي جي ڳالهه ڪندي، دوستن يارن کي چوڻ لڳو: سبحان الله، اهي ڪهڙا نه ديندار ماڻهو آهن، جو وڙهڻ ۽ جهيڙو ڪرڻ وقت به قرآن جون آيتون پئي پڙهين."

"ياڻو، سچ ٿو چوين. هتي اها لکنوي ٻولي به آسماني ٻولي سمجهي، ان ۾ لکيل هر چيز کي مباح سمجهيو ٿو وڃي."

"اها پڻ اچرج جي ڳالهه آهي ته ڪن ڏهه يا اٺ سال اڳ ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن تي بندش هاڻي وڃي وڌي آهي. ايترو وقت اختياريءَ وارا ڪٿي هئا؟"

"هيءَ پڻ سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته ڪنهن به رسالي جي ڏهن سالن ۾ شايع ٿيل مڙني پرچن ۾ اعتراض جوڳو مواد هجي، جو سڀ جا سڀ پرچا ضبط ڪيا ويا آهن."

"وڌ ۾ وڌ ائين ٿي سگهي ٿو ته ڪن پرچن جي ڪن ليکن جو ڪجهه حصو سرڪار نامدار کي اعتراض جوڳو لڳي. پر ائين ٿي نه ٿو سگهي ته هڙئي پرچا، سڀئي جا سڀئا اعتراض جهڙا هجن."

"انهن بندش پيل رسالن ۾ ڪيترائي علمي، سائنسي، اقتصادي، تحقيقي، تاريخي ۽ ادبي مضمون ۽ ليک آهن، جي وڏن وڏن ڄاڻن ۽ ليکڪن جا لکيل آهن. ان جو مطلب آهي ته اهي ليک به هاڻي وري ڇپي نه سگهبا. نه عام پڙهندڙن تائين پهچي سگهندا."

"هاڻي جيڪي ليکڪ پنهنجيون لکڻيون، ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ چاهيندا، سي پنهنجيون لکڻيون، جي انهن ضبط ٿيل رسالن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن، سي پنهنجن مجموعن ۾ ڏئي نه سگهندا، پوءِ ڀلي ته انهن ۾

ڪابہ اعتراض جهڙي يا سرڪار جي نظر ۾ قانون خلاف شيء نہ هجي."

"ساٿيو! اها ڪا گهڻ عجيب ڳالهہ آهي تہ ڪتابن تي هيء بندش، پيپلس پارٽيء جي حڪومت پاران لڳائي وئي آهي، جنهن جي دعوي آهي تہ اها ترقي پسند، جمهوري ۽ سوشلزم جي علمبردار پارٽي آهي."

"سوچڻ جهڙيون ڳالهيون گهٽيئي آهن. هائي ڏسجي ٿو تہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سنڌي رسالا آهن، جي سنڌ اندر صرف ڪجهہ سوَ ماڻهن تائين پهچن ٿا. ٻئي طرف سرڪار وٽ ڪوڙ ذريعا آهن، جن ذريعي، سرڪار جا نظريا ۽ پيغام، ڏهاڙي سنڌ اندر ڪروڙ ڪن ماڻهن تائين پهچندا رهن ٿا."

"ها، حڪومت وٽ پنهنجيون ۽ پنهنجي پارٽيء جون روزانيون اخبارون ۽ هفتيوار ۽ ماهوار رسالا آهن، جي لکن ڪروڙن جي ڳاڻاٽي ۾ ماڻهو ڏهاڙي پڙهن ٿا. ملڪ جون ٻيون اخبارون ۽ رسالا پڻ حڪومت سان همنوا آهن. ان ڪانسواء سرڪار وٽ اطلاعات جو پورو کاتو پروپيگنڊا ۽ پيغام پکيڙڻ لاء آهي. تنهن ڪانسواء ريڊيو ۽ ٽيليويزن سارو ڏينهن هلندا رهن ٿا."

"اهي اخبارون، رسالا، ڪتاب، ريڊيا، ٽيليويزنون ۽ اطلاعات جو کاتو، سرڪار جي نظريي جو پرچار ڪندا رهن ٿا. مختلف پروگرامن ۾ ان پر چار کي ورجايو وڃي ٿو. اخبارن جي خبرن، خطن، ايڊيٽوريلن ۽ ڪالمن ۾ اهائي ساڳي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي. اهڙي ريت ريڊئي ۽ ٽيليويزن جي خبرن، تبصرن، پس منظر، ڳوٺاڻي ڪچهري، زرعي پروگرام ۽ پرڏيهي سروس وغيره ۾ حڪومت پنهنجي نظريي کي دهرائيندي رهي ٿي، ۽ هر ٻوليء جي پروگرام ۾ دهرائيندي رهي ٿي؛ سنڌي، پشتو، بلوچي، پنجابڪي، اردو ۽ انگريزيء ۾."

"ها سائين، ڳالهين کي ايترا گهمرا ورجايو وڃي ٿو، جو ساڳي ڳالهہ ٻڌي ٻڌي، ڪن پچيو پون."

"ونو ڳالهہ جي ڳاڻاٽي کي تہ مقابلو آهي هڪ طرف آڱرين تي ڳڻڻ جيترن سنڌي رسالن، جن جا پڙهندڙ فقط ڪي سوَ آهن ۽ ٻئي طرف سوين اخبارن ۽ رسالن، ريڊئي ۽ ٽيليويزن جي وچ ۾، جن جا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ سنڌ ۾ ٻہ ڪروڙ ڏيڍ ڪروڙ ڪن آهن. هاڻي حڪومت جي چوڻ موجب جي سنڌيء جا اهي ڪجهہ رسالا اهڙي نظريي جو پرچار ڪن ٿا، جو حڪومت

"مذهبي پروگرام، جهڙوڪ: ديني تعليم، مولود، وعظ، صراط مستقيم، قواليون، نعتون، تفسير وغيره گهڻا ماڻهو ٻڌڻ پسند ڪونه ڪن. ريڊيو هلندي اهڙو پروگرام شروع ٿيندو ته ريڊيو بند ڪري ڇڏيندا، يا سُئي ڦيرائي ڪو ٻيو راڳن جو پروگرام کوليندا."

"ائين به ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو ديسي فلمي گانن کان هندستاني فلمي گانا، وڌيڪ پسند ڪن ٿا. انڪري جي ڪنهن به وقت 'ريڊيو سلون' يا 'آل انڊيا ريڊيو' تي گانن جو پروگرام هوندو آهي ته اهو ٻڌندا آهن. ۽ ڪا ديسي اسٽيشن کولڻ جي تڪليف ئي ڪونه ڪن."

"هتي ريڊيو تان ته هندستاني گانا وڄائڻ تي بندش پيل آهي. پر ماڻهو شادي وهانءَ جي موقعن تي، هوٽلن ۾ ۽ پنهنجي گهرن ۾ گهڻو ڪري هندستاني گانا ٻڌندا آهن. اهڙين ڳالهين کي قانوني بندشن ذريعي ڪٿي تو روڪي سگهجي."

"هندستان جي ڪنهن ريڊيو اسٽيشن تان سنڌي پروگرام جو وقت هوندو آهي ته گهڻا سنڌي اهوئي ٻڌن ۽ ان وقت هتي جي ڪا اسٽيشن کولڻ پسند ڪونه ڪن. اهي پروگرام هنن کي وڌيڪ وڻندڙ ۽ معلوماتي لڳندا آهن."

"اهڙي طرح پنجاب ۾ جتي به هندستاني ٽيليويزن نظر اچي سگهي ٿي، اتي ماڻهو پاڪستاني ٽيليويزن ان وقت ڏسن ئي ڪونه."

"اهڙي طرح پٺاڻ، خبرون ۽ راڳ ٻڌڻ واسطي 'ڪابل ريڊيو' ٻڌڻ چاهيندا آهن."

"اهو به ڏٺو ويو آهي ته هتي جڏهن ڪي خاص واقعا ٿين ٿا، يا غير معمولي حالتون پيدا ٿين ٿيون ته ان جون پوريون خبرون پنهنجو ريڊيو ڪونه ڏيندو آهي، جيتوڻيڪ ماڻهو ان باري ۾ خبرون ڄاڻڻ لاءِ بيحد بيتاب ۽ پريشان هوندا آهن. پوءِ ماڻهو مجبور ٿي، ٻاهرين ملڪن جو ريڊيو: 'بي. بي. سي'، 'وائس آف آمريڪا'، 'آل انڊيا ريڊيو'، ۽ 'ريڊيو ڪابل' وغيره ٻڌندا آهن."

"ان حالت ۾ اجايا افواهه به پکڙجندا آهن."

"۽ ٻاهر وارا ريڊيا اڪثر ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪري ٻڌائيندا آهن."

"هاڻي وري ٽيليويزن تي اڻ پڙهيلن کي پڙهائڻ لاءِ سبق ڏيڻ شروع ڪيا اٿن. هڪڙو ته اڻ پڙهيل ايترو غريب ٿا ٿين، جو هنن وٽ ٽيليويزن ٿئي ئي ڪانه، تنهن ڪري اهڙا سبق هنن تائين پهچي ڪونه سگهن. ٻيو ته اڻ پڙهيل گهڻو ڪري ٻوٺن جا رهاڪو ٿا ٿين، سي وري آهن سنڌي. هي وري سبق ڏين اڙدوءَ ۾. هاڻي ٻڌايو ته اهڙي پروگرام جو مقصد ڇا؟"

"ها ڀائو، سرڪار کي نئين سر سوچڻ گهرجي ته ريڊئي ۽ ٽيليويزن تي ايترو خرچ ٿئي ٿو، انهن مان ايترو لاڀ به ٿئي ٿو يا نه؟"

"مون تازو ٽي-ويءَ تي هڪ ڊرامو ڏٺو. ان جي ڪهاڻي بلوچي هئي، ماحول بلوچي هو، لباس ۽ رهڻي ڪرڻي بلوچي هئي، رسمون ۽ روايتون بلوچي هيون، سڀ ڪجهه بلوچي هو، پر ڪردار ٻولي اڙدو ڳالهائي رهيا هئا. ائين پئي محسوس ٿيو ڄڻ ته . . . ."

"هايار، مون به اهو ناٽڪ ڏٺو هو. واقعي ئي اهو اڙدو ٻوليءَ جو ڪمال آهي، جو ٻهرن ۾ ٻير پيدا ڪيو ڇڏي."

"ها، پر اهي ٻيرن جي ڪنڊن ۾ زوريءَ ٽنبيا وڃن ٿا. هي ٽنبيل ٻيرسڪي سڙي، ڪري پوندا آهن."

"اسين ٻيرن ۾ ٻير ٽنبڻ وارا نه آهيون. اسين حقيقت پسند آهيون. اچو ته ڪچهريءَ جي ڪاروائيءَ جو مهورت ڪريون، شاهه لطيف جي شعر سان!"□

(۱- ڊسمبر ۱۹۷۷)

# بي وقتي بانگ

"ڀائو، مان هوءِ جاءِ ڇڏي آيس ۽ لطيف آباد ۾ ٻي جاءِ اچي مسواڙ تي ورتي اٿم."

"اڙي زورآور، تو اها وَسَ جهڙي جاءِ ڇو ڇڏي؟ ان جي مسواڙ به مناسب هئي، پاڙو به ڀلو هو ۽ تنهنجي آفيس جي ويجهو به هئي."

"بس ڀائو، ڳالهه ئي نه پڇ. نه رڳو آفيس کان ڪجهه پري ٿي ويس، پر مسواڙ به ٻيڻي آهي ۽ ڊپازٽ به چوڻي ڏيڻي پئي."

"پوءِ توکي ڪهڙي لاچار ڪئيو؟"

". . . . هي مسيت جي لائوڊ اسپيڪر تان هن وقت ڪهڙو آواز شروع ٿي وي، هيتري رات لڙڻ ڪان پوءِ؟"

"انهن ملن کي نه جهل آهي نه پل. نه ڏسن سرڪاري قانون ۽ نه انساني اخلاق."

"سنجيده قسم جا عالم ائين نه ڪندا. اهي ڪم آهن ٽڙڪو ۽ اڌ پڙهيل ملن ۽ ٻانگن جا."

"سرڪار وري وري پئي اعلان ۽ چتائي ڪري ته مسيت جو لائوڊ اسپيڪر فقط ٻانگ ۽ جمعي جي خطبي لاءِ ڪتب آندو وڃي، پر هي اڌ پڙهيل مُلا ۽ ٻانگا، جنهن وقت وڻين وعظ، تقريرون ۽ مولود شروع ڪريو ڇڏين. رات جو اڌ اڌ رات تائين ائين ڪندا رهن ۽ پرڀات کان اڳ وري شروع ٿيو وڃن. هاڻي ته ڪئسيٽَ نڪري پيا آهن، سي چاڙهيو ڇڏين ۽ پاڻ وڃي آرام سان سمهيو رهن. اوڙي پاڙي وارن لاءِ جسماني هاڃو ۽ ذهني عذاب آهي، پر مذهب جو مامرو سمجهي، بيزار هوندي به، ڪجهه ڪجي نه ٿا سگهن."

"زوردار آواز ۽ اوجاڳا ماڻهن جي صحت برباد ڪري رهيا آهن."

"هي ٽڙڪو ۽ اڌ پڙهيل ٻانگا، ٻانگ جي ستيا به ناس ڪيو ٿا ڇڏين. تو ان طرف ڌيان ڏنو آهي الائي ڪونه ته هنن جي ٻانگ جو لهجو اهڙو هوندو آهي، جڻ ٻار پيا ڪڏين. جي ٻانگ نعرو يا سڏ آهي ته ان جو آواز اتساهه

پيدا ڪندڙ، جوش ڏياريندڙ، ۽ دل ۽ دماغ ۾ پيهي ويندڙ هجي، مختصر هجي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ هجي. ٻانگ اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ٿي جا سمجهه ۾ ڪانهه ٿي اچي، ۽ ٻانگ ڏيڻ ۾ ايتري دير ڪن ٿا، جو ٻڌڻ وارن لاءِ صبر جو امتحان بڻجيو پوي."

"توکي ياد هوندو ته هڪ سياسي هلچل جي حصي طور، مسيتن ۾ ٻي وقتيون ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيو ويون هيون. ان دوران به اوڙي پاڙي جو آرام ڦٽل رهيو."

"اڄ پڙهيل ملن جي هٿ ۾ مذهب جو ڪاروبار رهيو ته نتيجا اهڙائي نڪرندا."

"ڪجهه وقت اڳ، هرڪو ملو پنهنجي مسجد جي لائوڊ اسپيڪر تان پنهنجي فرقي جو پرچار ڪندو هو ۽ ٻين فرقن کي ننديندو هو؛ بريلوي ديوبنديءَ کي، سني شيعي کي، وهابي قبر پرست کي ان ڪري ڏاڍا جهيڙا ۽ خونريزيون ٿيون. پوءِ سرڪار کي اهڙين تقريرن تي بندش وجهڻي پئي ۽ مسيتن جي لائوڊ اسپيڪرن جو استعمال ڪي قدر گهٽجي ويو آهي."

"مان سمجهان ٿو ته هي مسئلو جڏهن سرمائيدارن ۽ سيٺين جو اقتصادي مسئلو ٿي ايرندو، تڏهن ان کي ڪافي ٻنجو اچي ويندو. اهو هن طرح ته هاڻي به ڪجهه ماڻهو مسيت جي پرسان گهر يا فليٽ خريد ڪرڻ يا مسواڙ تي وٺڻ کان لهرائن ٿا. جڏهن اهو لاڙو وڏيڪ چٽو ٿيندو، تڏهن دولتمند ۽ سرمائيدار جي ڪروڙ خرچ ڪري، وڪري يا مسواڙ واسطي بنگلا ۽ ست ست اٺ اٺ ماڙ عمارتون اڏائين ٿا، سي ڏسندا ته لائوڊ اسپيڪرن ڪري ماڻهو اهي جايون نه ٿا وٺن ته هنن جا ڪن ڪڙا ٿيندا. پوءِ هو يا ته ملي جو کيسو ڀري هن جو وات بند ڪرائيندا. پر ائين به دائمي طرح قصو نه هلندو. انڪري هو سرڪار ۾ اثر رسوخ هلائي، لائوڊ اسپيڪرن بابت سختيءَ سان پورو عمل ڪرائيندا."

"پائو، بهرحال، پنهنجي ملڪ ۾ رات جي مٺڙي ننڊ ۾ به شيون رخنو وجهن ٿيون. هڪڙو مڇرن جي ڪن ۾ چڙ ڏياريندڙ ڀون ڀون ۽ زهريلا چڪ، ۽ ٻيو لائوڊ اسپيڪرن تي ملن جا آواز."

"۽ ٻنهي شين ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي."

"هاڻي وقت اچي ويو آهي جو اسين اهو سوچيون ته مسيتن کي فقط عبادت لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي، پر ان مان ٻيا ڪم به ورتا وڃن."

"اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. اسلام جي شروعاتي دور ۾ به مسيتن ۾ تعليم ڏيڻ، عدالت جا فيصلا ڪرڻ ۽ ٻين مقصدن واسطي ڪتب آندو ويندو هو."

"هينئر اسانجي ملڪ ۾ جڳهن ۽ عمارتن جي اڻاٺ آهي، ۽ مسيتون خالي رهن ٿيون. ان ڪري ڳهرج ان ڳالهه جي آهي ته مسيتن کي صحيح نموني استعمال ڪيو وڃي. مثال طور اسڪولن جون جڳهيون گهٽ ۽ سوڙهيون آهن. خاص ڪري ڳوٺن ۾ ته اسڪول جي جاءِ نه هجڻ ڪري يا ڊٺل يا ڪرڻ جي حالت ۾ هجڻ ڪري، ٻارڙن کي کليئي ميدان تي يا وڻن هيٺان پڙهڻو پوي ٿو. ڳچ ڳوٺن ۾ ته اهڙا حادثا به ٿيا آهن، جو ڪلاس هلندي، معصوم شاگردن مٿان اسڪول جي پراڻي ڇت ڪري پئي ۽ ڪيترا ٻار موت جو شڪار ٿيا."

"شهرن ۾ تعليم لاءِ جڳهه جو وڏو مسئلو آهي. ڪيترن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڊبل شفٽ هلي ٿي ته به پورت ڪانه ٿي پوي."

"شهرن ۾ وڏيون وڏيون، عاليشان، ڪشاديون ڪشاديون عمارتون مسجدن جون ٺهيون آهن، جتي شاگرد آرام ۽ آسانيءَ سان پڙهي ٿا سگهن."

"ڳوٺن ۾ ته به جڳهيون ٺهيون پڪيون، بلند ۽ عاليشان نظر اينديون، هڪڙي وڏيري جي حويلي ۽ ٻي مسيت. بهرحال هن وقت ان تي ٻيو بحث ڪونهي. بحث آهي ته مسيتن کي ٻين مقصدن لاءِ استعمال ڇو نه ڪجي؟"

"تعليم ڪانسواءِ، مسجدون ڪورٽ طور استعمال ٿي سگهن ٿيون، جج ڪيس اتي هلائين. راڄوڻي فيصلا به اتي ڪري سگهجن ٿا."

"پنڪتي ۽ ادبي ميڙن لاءِ به اها موزون جڳهه آهي. شادي ۽ نڪاح جو جشن اتي ملهائي سگهجي ٿو. اهڙو جشن ملهائڻ لاءِ ماڻهن کي وڏو مسئلو درپيش ايندو آهي، خاص ڪري شهرن ۾. ڪا جڳهه ڪانه ملندي اٿن. يا وڏي مسواڙ تي ڪو پبلڪ هال هٿ ڪندا آهن، يا شاميانن جا شاهي خرچ ڀريندا آهن، يا هوٽلن جو ڳاٽي ڀڳو بل."

# ماضيءَ جا بت

"مولويءَ ڪي ڇا تي ڪاوڙايو اٿئي؟"

"هن جي ڪاوڙ منهنجي لاءِ اهو ثبوت آهي ته مون جيڪي چيو آهي، سو سڀ في سيڪڙو سچ آهي ۽ تير نشاني تي لڳو آهي. پر ٻه ڇيائين ڇا پئي؟"

"ڇيائين پئي ته ننڍن ۾ نه ادب رهيو آهي نه اخلاق، نه تميز ۽ نه ايمان. ان سان گڏ توتي ڪفر جي فتوا به پئي ڪڍيائين."

"توکي خبر آهي ته هنن ماڻهن ادب، اخلاق، تميز ۽ ٻيا اهڙا اصول ڇو گهڙيا آهن؟ هنن کي دل جي گهراين ۾ احساس هوندو آهي ته هنن جون ڳالهيون جهالت ۽ حماقت سان ڀريل هونديون آهن. هو انهن جو سچو جواب ٻڌڻ نه ٿا چاهين. هنن ۾ سچ ٻڌڻ جي همت ڪانهي. هو اسان جهڙن کي سچ چوڻ کان روڪڻ گهرن ٿا. ان ڪري اهڙا هٿ ٺوڪيا اصول ٺاهيا اٿن ته بزرگن سان بحث ڪرڻ بدتميزي آهي، عالمن ۽ مولوين جي ڳالهين جو رد ڏيڻ بي ادبي آهي، پيرن فقيرن سامهون چپ چورڻ بد اخلاقي آهي."

"مان پاڻ سوچيندو آهيان ته هي ملا ۽ مولوي ابوجهن ۽ اڻ پڙهيلن کي ٻڌائيندا آهن ته خدا ۽ رسول جي اکيون ٻوٽي اطاعت ڪجي. پوءِ هنن کي خدا ۽ رسول جي نالي ۾ پنهنجي مطلب جون ڳالهيون ٻڌائيندا ۽ بيوقوف بڻائيندا آهن. اهو مذهب جي ٺيڪيدارن جو دستور آهي ته خدا ۽ رسول جي نالي ۾ پنهنجون هٿ ٺوڪيل ڳالهيون ڪن، جئن هرڪو لاجواب ٿي وڃي ۽ ڪنهن کي به اختلاف جو موقعو نه ملي."

"ساڳي طرح ماڻهن تي رعب رکڻ ۽ چپ ڪرائڻ لاءِ چوندا آهن ته قرآن ۾ هيئن فرمايل آهي يا حديث ۾ هن ريت چيل آهي. ائين چوڻ جو مطلب هوندو آهي ته ڪوبه ان ڳالهه جو رد نه ڏئي ۽ نه دليلبازي ڪري ۽ نه پنهنجو عقل هلائي. اهڙي حالت ۾ جيڪي قرآن ۽ حديث مان اڻ واقف هوندا آهن، يا جديد علمن جو اڀياس ڪونه هوندو اٿن يا دل ۽ دماغ جا ڪمزور

سگهي. جيتوڻيڪ هجڻ ائين کپي ته پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ دوستيءَ جو ناتو هجڻ کپي. پلا ان کان هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجها ڪير ٿي سگهن ٿا. پر قصو ابتو آهي. مثال طور پٽ کي ڪنهن ڇوڪريءَ سان پيار آهي ته هو پنهنجي ان پيار جون ڳالهيون پنهنجي دوست کي ته ٻڌائي ٿو، پر پنهنجي پيءُ سان اهڙي ڳالهه ڪري نه ٿو سگهي. جي پيار ۾ ڪو مسئلو پيدا ٿئي ٿو ته هو ڏاڍو پريشان ٿئي ٿو، وري ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ هو دوست کي ته همراز بنائي ٿو ۽ هن کان مدد وٺي ٿو، پر پيءُ کي وچ ۾ نه ٿو آڻي، پاڻ هو ڪوشش ڪري ٿو ته پيءُ کي اها خبر نه پوي."

"اهڙا ادب، عزت، اخلاق ۽ تقدس جا نظريا جاگيرداري دور جي پيداوار آهن. پرمارن ۽ جاگيردارن پنهنجي وجود قائم رکڻ لاءِ اهي اصول بنايا ۽ مقدس هستيون ايجاد ڪيون. جڏهن طبقاتي سماج ختم ٿيندو تڏهن اهو سڀ ڪجهه پاڻ- ادو ميتجي ويندو."

"انهن مقدس هستين اسان کي ذهني طرح اهڙو غلام بنائي ڇڏيو آهي جو ان مان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ الائي ڇا ڇا ڪرڻ پوندو، الائي ڪيترو وقت لڳندو."

"وڏن کي هرو ڀرو عزت ڏيڻ ۽ بزرگن کي هرپرو مٿاهون سمجهڻ ذريعي اسان کي ماضي پرستيءَ جي سکيا ڏني وڃي ٿي، اهڙي طرح ننڍي هوندي ئي اسان جي ذهن ۾ اهو ٻج ڇٽيو ٿو وڃي ته اسين سمجهڻ لڳون ته اڳ کان هلندڙ جاگيرداري نظام سٺو آهي. وڏا ۽ بزرگ سدائين ماضيءَ کي ساراهيندا ۽ حال کي لوڙيندا آهن، جيتوڻيڪ حقيقت ان جي ابتڙ آهي. پنجاهه سال اڳي جڏهن اسان جا وڏا ننڍا هئا، تڏهن اهي سک، سهولتيون ۽ ترقيون ڪٿي هيون، جي اڄ اسان کي آهن. اسان جي ڳوٺ ۾ ئي ڏس: پڪا رستا، بجلي، ٽيليفون، سئنيما، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ٻيا اهڙا هزارين زندگيءَ جا سک آهن. اهي اسان جي ابن ڏاڏن کي سندن ننڍپڻ ۾ ڪٿي ميسر هئا. باقي هو واهه ويلا مچائن ٿا اخلاق جي، سو اخلاق هر دور ۾ الڳ ٿيندو آهي. اخلاق جا ماپا هر دور ۾ جدا جدا ٿيندا آهن. جاگيرداري دور جو اخلاق ٻيو ٿيندو آهي، صنعتي ۽ سرمائيداري دور جو ٻيو. شهر جي تهذيب ۽ ڳوٺ جي تهذيب ۾ فرق ٿيندو آهي. سائنسي ترقيون به اخلاق ۽ تهذيب کي نئين رنگ ۾ آڻي

ڇڏيندا آهن. تعليم پڻ اخلاقي قدرن ۾ تبديلي آڻيندي آهي."

"ها. مون تو کان پڇيو هو ته مولوي توتي ڇو ڪاوڙيو آهي؟"

"انهن ئي ڳالهين تي. اوطاق ۾ ويٺا هئاسون، مون پنهنجي همراهه سان پئي ڳالهايو ته هن زماني ۾ سائنس جي ڏنل سکن، سهوليتن ۽ ترقين جي پئي ڳالهه ڪئي، ته مولوي وچ ۾ ٽپي پيو ۽ لڳو ماضيءَ کي ساراهڻ ۽ حال کي لوڙڻ. ڳالهائيندي ڳالهائيندي چوڻ لڳو ته توهان ته پڙهو ٿا اهڙن سائنسدانن تي جيڪي انجڻ جي زور تي هوائي جهاز اڏائن ٿا. پر اڄ کان چار هزار سال اڳ فلاڻو نبي، بنا انجڻ جي فقط ڦوڪ سان هوائي جهاز اڏائيندو هو. هاڻي اهڙي بيوقوفيءَ جي ڳالهه ٻڌي ڪير نه چڙ ايندي. سو مون ڇيو ماڻس ته مولوي صاحب اهڙا حماقت ڀريا گهوڙا ۽ جهالت واريون ڏند ڪٿائون ويساهه وسوڙل ۽ جاهل ڳوٺائن کي ٻڌائي رعب رکيو هوندءِ. مان پوري اعتماد سان ٿو چوان ته اهو نبي جي هن دور ۾ اچي ته هوائي جهاز ته نهيو رکو بجليءَ جو بلب ٻرندي ڏسي ته به عجب مان بيهوش ٿي وڃي. منهنجي اها ڳالهه ٻڌي مولوي منهن سڄائي اٿي ويو." □

# توُن توُن، مان مان

"پاڻو، ڇا ٿيو؟ پير تي پلستر چاڙهايو اٿئي؟"

"حادثي ۾ پير جي هڏي ڀڄي پيئي آهي."

"حادثو! ڪيئن ٿيو؟"

"ڪلاس ختم ٿيڻ تي، بس اسٽاپ تي اچي بيٺا هئاسين. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا ڍنب هئا. هڪڙي رڪشا لنگهندي، مونکي ٽڪر هڻندي ويئي."

"مار ڀيسان! اجڪلهه حادثا بي حد ڪان وڌي ويا آهن. مون کي به تنهنجي هڪڙي دوست ٻڌايو، سو پڇڻ لاءِ هڪدم ڀڄندو آيو آهيان."

"هن حادثي جي جاءِ تي، مونکي ٻيو تجربو پڻ ٿيو."

"ڪهڙو؟"

"هينئر اسين ڏسون پيا ته ماڻهو ٻولي، تهذيب ۽ اقتصادي فائدي جي بنياد تي فرقن ۾ ورهايل آهن. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ غير سنڌي شاگردن جي گهڻائي آهي، ان ڪري هو ان کي ترقي وٺائڻ تي وڌيڪ زور ڏين ٿا. شهرن ۾ غير سنڌي وڏي تعداد ۾ رهن ٿا، ان ڪري هو شهرن کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشان آهن. غير سنڌي، سنڌ يونيورسٽي يا ڳوٺن تي سرڪار طرفان وڌيڪ خرچ ڪرڻ تي ڪُرڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته اتي سنڌي گهڻائيءَ ۾ آهن."

ها، سنڌي ووٽر گهڻو ڪري سنڌي اميدوارن کي ووٽ ڏين ٿا ۽ غير سنڌي ووٽر، غير سنڌي ميمبر چونڊن ٿا ۽ ڀيرازيءَ مان سنڌي ميمبر."

"زبان جي فسادن ۾ اردو ڳالهائيندڙ پاڻ ۾ ڀٽ هئا؛ پوءِ مزور هو يا مالڪ. ڳالهه صحيح هئي يا غلط، پر اردوءِ وارا اردوءِ سان، سنڌي سنڌيءَ سان. مذهب کي ڪابه اهميت ڪانه ڏني ويئي."

"غير سنڌي آفيسر گهڻو ڪري غير سنڌين کي نوڪريون ڏين ٿا، پوءِ ڇاهي انهن کان وڌي لياقت وارا سنڌي اميدوار موجود ڇو نه هجن."

"غير سنڌي پنهنجي تهذيب کي اوليت ڏيندا ۽ ان کي مٿاهون ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، پوءِ ڇاهي اها تهذيب هٽي ڌاري ۽ درباري ڇو نه هجي. هو سنڌي تهذيب کي ڪمتر ثابت ڪرڻ جا جتن ڪندا، پوءِ ڇاهي اها

هن ئي زمين جي ۽ عوامي چوڻ هجي."

"تو مونکي پنهنجو نئون تجربو ڪونہ ٻڌايو؟"

"جڏهن مان رڪشا جو ڌڪ کائڻ ڪري پري وڃي ڪريس تہ موجود شاگردن مان فقط سنڌي شاگرد منهنجي سهائتا ڪرڻ ۽ مونکي سهارو ڏيڻ لاءِ ڊوڙندا آيا، باقي ٻيا پري کان تماشو ڏسندا رهيا!" ❑

(۲۸ نومبر ۱۹۷۸)

پاڪستاني لکڻ سان، هڪ نموني قوميت جو لاڳاپو، وطن يا جاگرافيائي ايراضيءَ سان محسوس ٿئي ٿو.“

”سائين، ڳالهه هيءَ آهي ته نالو ڪهڙو به ڏيو، قوم جي وصف بابت اختلاف يا قوم جي بنياد جي باري ۾ بحث مباحثا بيڪار آهن. اهو ان ڪري جو مقصد آهي ته ڌرتيءَ جي هڪ حصي ۾ رهندڙ انسان خوش، سکيا ۽ امن ۾ هجن. پوءِ ماڻهن جي ان مجموعي کي نالو ڪهڙو به ڏيو. هرويرو ضروري نه آهي ته ان کي قوم ڪوٺيو.“

”ها، هڪ ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهو خوشحال، پُرامن ۽ ترقيءَ جي راهه تي هلندڙ هجن.“

”اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ماڻهو صدين کان، پيڙهين کان ساڳي ڌرتيءَ تي رهندڙ هجن.“

”ها، ڌرتيءَ جو رشتو، رت جي رشتي کان وڌيڪ سگهارو آهي.“

”رت جو رشتو به ڌرتيءَ جي محابي آهي. جي رت جي رشتي وارا، هڪ ئي گهر جي ڌرتيءَ تي رهندڙ نه هجن ته رت جو رشتو پڻ بي معنيٰ بنجي وڃي.“

”ماڻهو سک، صلح ۽ سلامتيءَ سان تڏهن رهي سگهندا، جڏهن هنن جي ٻولي ساڳي هوندي. هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم پرائي سگهندا. هو آفيسن ۽ ڪورٽن ۾ پنهنجي ٻولي ڪتب آڻي سگهندا.“

”انسان جو پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ سان گوڙهو ڳانڍاپو ٿئي ٿو. هن جا سورما اهي آهن، جن سندس ڌرتيءَ خاطر قرباني ڪئي هوندي، سرُ ڏنو هوندو، تڪليفون سٺيون هونديون. ٻين ديسين، ٻين ڌرتين جا سورما، هو دلي طور قبول ڪري نه ٿو سگهي. انهن واسطي هن کي اهو سڀاويڪ احساس ۽ جذبو جاڳي ئي نه ٿو سگهي، جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ جي سورمن واسطي پيدا ٿئي ٿو.“

”راجا ڏاهر سنڌين لاءِ سورمو آهي، پر ٻيا ان جو نالو به برداشت ڪري نه ٿا سگهن. پنجاب وارا جيڪو درجو راجا رنجيت سنگهه کي ڏين ٿا، اهو درجو، هن لاءِ، ٻين وٽ ڪونه ملندو.“

”ساڳيو حال شاعرن ۽ دانشورن جي معاملي ۾ آهي. اسان سنڌين واسطي لطيف سائين، وڏي ۾ وڏي هستي آهي. پڙهيل يا اڻ پڙهيل، هرڪو سنڌي

۽ اتي جي اصلي رهاڪن جا نوڪرين، واپار، زمين ۽ ملڪيتن تي حق هڙپ ڪن ٿا، تن کي واپس پنهنجي ملڪ يا پرڳڻي ڏي موڪليو وڃي. ائين سيئي ڌريون سک ۽ سلامتيءَ سان رهي سگهنديون.“

”مطلب اهو آهي تہ زمين جي ڪنهن حصي تي رهندڙن کي نالو کڻڙو ٻہ ڏيو، ڀلي هنن کي قوم نہ ڪوٺيو، پر اتي ڌارين کي اچڻ نہ ڏيو، اهڙا ڌاريا، جي پنهنجي ڌاري ٻولي اتي مڙهڻ چاهين، جي پنهنجي ڌاري تهذيب اتي مڙهڻ چاهين، جي ڌاريا نوڪرين ۽ واپار جي سلسلي ۾ اصلي رهاڪن جا حق ڦٻائين ۽ پرماريت ڪن.“

”ها، صلح، سلامتي ۽ سک سان رهڻ لاءِ اصليت، ساڃي ٻولي، ساڃي سڀيتا، ساڃي تاريخ، ساڃهو وطن هجڻ ضروري آهي.“ ❑

(٢٦ اپريل ١٩٧٦)

# يهودي

"مان اصلي پريو بينو آهيان، گجڻ تو چاهيان"

"ڇو ڇا ٿيو آهي؟"

"اڄوڪي اخبار پڙهي اٿئي؟"

"الائي ڪهڙي اخبار؟"

"اڄوڪي يعني 17 ڊسمبر 1978ع جي ڊان؟" "اڃا ته ڪانه پڙهي اٿم. پر ٻه ڪهڙي خاص ڳالهه آهي؟"

"يهودين وري پاڻ کي واڪو ڪيو آهي"

"ڪهڙا يهودي؟"

"مان چوندو آهيان نه ته يهوديت ڪنهن مذهب جي پوئلڳيءَ جو نالو ناهي، پر اهو هڪڙي خاص قسم جي ذهنيت آهي. پڪ ڄاڻ ته منهنجي ان ڳالهه ۾ ذرو ٻه وڌاءُ ڪونهي"

"يعني؟"

"يعني يهودي اهو آهي جنهن کي هڪڙي ملڪ، هڪڙي ديس، هڪڙي ڌرتيءَ تي تڪاءُ نه اچي يا اتان تڙيو وڃي. ڌاري ڌرتيءَ تي ٻه هن جي جيون جو هڪڙوئي نظريو هوندو آهي ۽ اهو آهي پرماريت ۽ سامراجيت. ان واسطي هو اتي نوان نوان فتنا ڪندو آهي"

"ها. تو اها خبر پئي ٻڌائي"

"خبر اها آهي ته هتي يهودين هڪڙو ڪراچي صوبو محاذ ٺاهيو آهي، جو سنڌ کي ٽڪرا ڪري الڳ ڪراچي صوبو ٺاهڻ چاهي ٿو. اڄوڪي اخبار ۾ ان محاذ وارن ڪراچي صوبي جي حمايت ۾ بيان ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته جڏهن سياست تان پابنديون لهنديون، تڏهن هو ان واسطي باقاعدي ۽ ڀرپور سطح تي هلچل هلائيندا. هاڻي جڏهن هو لاهي پائي بيٺا آهن ۽ هو مسلمان نه پر يهودي آهن، تڏهن اسان کي ٻه پنهنجي ماٺهن کي هينئر ئي صاف صاف

هن کي ڄاڻ آهي ته ان ۾ سنڌس پنهنجي قوم جو فائدو آهي"

"اها حقيقت ثابت ٿي چڪي آهي ۽ بار بار ثابت ٿي چڪي آهي ته دنيا ۾ انسان جو سڀ کان وڏو ۽ سگهارو جذبو قوميت جو آهي" ❑

(١٧ ڊسمبر ١٩٧٨)

# معافي ثواب جي

"هيلوجاني!"

"هيلو! . . . . ."

"ائين پيو نهارين ڄڻ ڪڏهن ڏٺو ڪونه اٿيئي! ڪونه ٿو سڃاڻين ڇا؟"

"تون . . . . تون . . . . ڪير آهين؟ ڏاڍي گهرائپ مان پيو ڳالهائين!"

"منهنجو آواز به ڪونه ٿو سڃاڻين ڇا. ڀلا هڻ منهنجي ڪپڙن ڏي غور سان ڏس!"

"ڏٺل ته ڏسجين ٿو، پر . . . ."

"اڙي ڇا جي پَرَ پَرَ ڪري بڌي اٿيئي، هَٿَ به نه ٿو ملائين. هونءَ ته ياڪر پاڻ ڪانسواءِ گذجندو ڪونه آهين! اڄا به پيو دوڏا ڦاڙي نهارين! اڄا به . . . ."

". . . . . ."

"ڀلا هي ڏس! ڪڙڪ نوٽن جي ٿهي! اڄ ئي هڪڙي ٺيڪيدار کان ڪميشن ملي اٿم. ۽ جڏهن اهڙيون ٿهيون ملنديون آهن، تڏهن پاڻ ٻئي شهر جي بهترين هوٽل ۾ هلي به ڪمرا وٺندا آهيون. سڄي رات ڊنر، شراب ڪباب ۽ سهڻين ڪال گرلس (Call_girls) سان عيش ڪندا آهيون."

"اڙي ياڙيا، تون آهين. يار، مون ته توکي صفا ڪونه سڃاتو. ڏاڙهي ڪڏهن ڪوڙايئه؟"

"ٻه ڏينهن اڳ"

"اها وري جُوڳڪي ڪيئن اچي وئي. پهرين ته ڏاڙهي ڪونه رکائيندو هئين. پوءِ اوچتو رکائڻ شروع ڪيئه. وري وڃي حج به ڪري آئين. حج ڪانپوءِ تنهنجي ڏاڙهيءَ جي ڊيگهه وڌندي وئي، ۽ اوچتو اڄ ڏسان ٿو ته اها صفا چٽ آهي."

"ڀلا منهنجي هلت چلت ۾ ڪو فرق ڏٺئي؟"

"اها ته مونکي خبر آهي ته ڏاڙهيءَ جي سنت ۽ حج جي فرض کان اڳ توڙي پوءِ تون فضل ربيءَ کان ڪونه مڙيو آهين. پاڻ جئن پنڌ اڳيرو تئن رفتار به تيز آخر معاملو ڪهڙو آهي؟"

"هن سماج ۾ هن وايو منڊل ۾ ڪوڙي عزت ۽ پاڻ تي نيڪ هجڻ جو نپو لڳرائڻ جي شوق ۾ ماڻهوءَ کي عقل ۽ ضمير خلاف، ٻهروپي ڍونگ رچائڻو پوي ٿو."

"پر يارَيا، اهڙو گنڀير ۽ فيلسوف ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. سنئين سنڌي ڳالهه ڪئي ڪر."

"يائو! حياتيءَ ۾ به منافقتون ڪيو اٿم: هڪ ڏاڙي رکائڻ جي، سا ته ڪوڙائي ڇڏيم. ٻي حج ڪرڻ جي سا خدا معاف ڪندو." ❑

(٧ جولاءِ ١٩٨٦)

# ٻيجل، ٻئي روپ ۾

"سائين، قومي گيت ڇا ٿيندو آهي؟"

"ڇا؟ . . . . ڇا ٿو چوين؟"

"مولا وڌائي، مون اهو ٿي پڇيو ته قومي راڳ ڇا کي چئبو آهي؟"

"ڇو . . . . ڇو ٿو پڇين؟"

"خدا ڀلو ڪرئي، اهو به ٻڌايان ٿو، پر پهرين مونکي سمجهايو ته سهي."

"قومي گيتَ، انهن گيتن کي چئبو آهي، جي قوم جي باري ۾ هجن."

"سائين، مان ڄٽ ماڻهو، ائين ڪٿي ٿو سمجهي سگهان. کولي ٻڌايو."

"پهرين ته اهي قوم جي ٻوليءَ ۾ هجن."

"اهو ته اسين پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي ڳائيندا آهيون."

"اهي گيتَ پنهنجي ڌرتيءَ جي باري ۾ هجن، يعني پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن، جهانگيڙن ۽ سانگيڙن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي جبلن، ندين ۽ پهاڙن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي جهنگن، ڳوٺن ۽ شهرن جي باري ۾ هجن، پنهنجي ڌرتيءَ جي هارين، ڪاسبين ۽ پورهيتن جي باري ۾ هجن."

"ها سائين، ٻيو؟"

"اهي گيتَ پنهنجي ڌرتيءَ جي تاريخ جي باري ۾ هجن، يعني تاريخي واقعن جي باري ۾ هجن. پنهنجي ڌرتيءَ جي سورمن ۽ سورمين، سورهين ۽ سورهيائين، سرويچن ۽ سرويچائين جي باري ۾ هجن. جي ڌرتي ڌارين جي غلام هجي ته اهي گيت آزاديءَ جا اُمنگ پيدا ڪرڻ وارا هجن."

"ها سائين، ايجا به ٻيو ڪجهه؟"

"اهي گيتَ پنهنجي ڌرتيءَ جي سيتا جي باري ۾ هجن، يعني ڌرتيءَ جي رهاڪن جي رهڻي ڪرڻي، اٿڻي وهڻي ۽ هنن جون ريتيون رسمون. انهن جو

لڳائي ڏين ۽ جوش ۾ اٿيو نچڻ لڳن. لوڪ گيت ۽ ماڻهن کي وڻن ٿا، پر قومي گيت ۽ ڳالهه آهن. سو باباسائين، مولا ڀلو ڪريئي، ڪي اهڙا ٻول لکي ڏي جو ٻڌي ماڻهو مست ٿي وڃن!. . . ." ❑

(۱۲ نومبر ۱۹۸۲)
سنڌو نيا پڙهو: مارچ ۱۹۸۴

# ڀڄنديون اهڙيون ماڙيون

"ڪلهوڪي حادثي ۾، چار ماڙ اڏجندڙ عمارت اچي پٽ تي پئي. ان ۾ اسان جا چوڏهن پٺاڻ مزور تڏي تي ئي افت مري ويا، ۽ پنجاهه کن سخت زخمي ٿي پيا. انهن مان به پتو ناهي ڪيترا مرن. جيڪي بچندا، سي به لولا لنگڙا ٿي پوندا. هڻ جي جيون جنجال بنجي پوندو."

"ڪيڏي نه دل ڏاريندڙ گهٽنا!"

"اسين ڪهڙا نه بد نصيب آهيون. هڪڙو پرديس جو موت. نه رڳو حياتيءَ جي پڇاڙڪين گهڙين ۾ پنهنجن پيار ڀچن ۽ پيارن کان سوين ڪوهه پري، ۽ انهن مائٽن ۽ پيارن کي الائي موت جي خبر ڪڏهن اوچتو پوي، يا شايد ڪڏهن پوي ئي نه، ۽ تنهن کان سواءِ، مرڻ ڪانپوءِ به پنهنجي ديس جي مٽي نصيب نه ٿئي."

"اسانجا لاش رليو وڃن. ايترو خرچ ڪير ڪري اسان جا لاش اسانجي وطن تائين پهچائي. تنهن ڪانسواءِ اسان جا گهر ۽ ڳوٺ ايترو پري ۽ اهڙن اٿانگن پيچرن تي آهن. جو اوستائين لاش پهچڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ به ڏينهن لڳيو وڃن. تيستائين اهو لاش اهڙي ڏپ ڪري ويندو. جو ڪو اوڏو به اچڻ نه چاهيندو. ان ڪري اسانجي مائٽن کي به اسانجي موت جي خبر، اسانجي مرڻ کان ڪيترا ڏينهن پوءِ پئجي سگهي ٿي. هو ويچارا پڇاڙيءَ ۾ منهن به ڏسي ڪونه سگهن."

"ها ادا، حياتيءَ ۾ به اسين پنهنجي وطن جي ڌرتيءَ کان دور گذارڻ تي مجبور آهيون. اتي ڪو روزگار ڪونهي. پيٽ لاءِ مجبور ٿي هيڏو پري اچڻو پوي ٿو، پنهنجي ڌرتيءَ کان پري، پنهنجي ٻارن ۽ پيارن کان پري، پنهنجي خوشين کان پري. گهر ٻن ٻن، ٽن ٽن سالن ڪانپوءِ مس وڃي سگهون، ۽ سو به ٿورن ڏينهن لاءِ."

"ها يار، جي اسان کي پنهنجي ملڪ ۾، ۽ پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن جي ويجهو روزگار ملي وڃي ته پرديس جا پنڌ ڇو ڪريون، جدائيءَ جو ورهه ڇو برداشت ڪريون. ڪير پنهنجي زمين، پنهنجو گهر، پنهنجا جگر جا

کٽ ويهن مزورن جي کرچ هئي، پر هن رڳو ڏهه مزور ان ڪم تي لڳايا، جي پورو پاڻي ڪونه پهچائي سگهندا هئا. انهن ڳالهين طرف هن جو اسان مان ڪن مزورن ڌيان به ڇڪايو، پر هن کي پنهنجي تڪڙ لڳي پئي هئي ته جلد کان جلد گهڻي کان گهڻو خزانو هٿ ايندو وڃي. نتيجو اهو ٿيو آهي جو اها عمارت ڊهي پئي آهي، جنهن ۾ موت جو شڪار مزور ٿي ويا."

"اها به ته خبر هوندءِ ته هن عمارت جو مالڪ هڪ پنجاب جو لکاپتي سيٺ آهي. هو پاڻ ته پنجاب ۾ ويٺو آهي. هن کي هِتي جي ماڻهن ۽ مزورن تي ڪهڙو ڪهڪاءُ ايندو. جي عمارت ڪر هلندي ڊٺي، تڏهن به مزرو مرندا جي گهر ٺهي وڃڻ کان پوءِ، انهن جي رهاڪن سميت عمارت پٽ تي اچي پئي تڏهن به هتي جا ماڻهو مرندا. هن جو ڪم پيسي سان، سو هو هتان لڪ ميڙي، پنهنجي گهر کڻي ويندو. هو ته ايترو پري آهي، جو جي سندس ڪرتوتن ڪري هن عمارت سان حادثو ٿيو ۽ سوين انسان موت جو شڪار ٿيا ته به هو هتي جي ماڻهن جي عتاب ۽ لعنت ملامت کان پري رهندو."

"اسان هتي جي عام ماڻهن ۾، اسان لاءِ نفرت ۽ حقارت به ڏسندا رهيا آهيون. هتي به مسڪين ۽ بيروزگار ماڻهو آهن. هو به هتي جي ڪارخانن ۽ اڏاوتن ۾ پورهيو ڪرڻ چاهين ٿا. پر هڪ نموني اسين پرديس جا مزور، هنن جا حق هڙپ ڪيو ويٺا آهيون. اسانجا سيٺيون ۽ ٺيڪيدار، هنن کي ڪم ڏيڻ نه ٿا چاهين. مون پاڻ هنن کي اهو ڪٽرپڻو ڪندي ڏٺو آهي. مون ڪوڙ تَرَ جي ماڻهن کي هتي مزوري ۽ ملازمت ڪرڻ لاءِ درخواستون ۽ منٿون ڪندي ڏٺو آهي، پر هتي جي ڪارخانن ۽ ڪمپنين جا مالڪ ۽ ٺيڪيدار، جي گهڻو ڪري ٻاهريان آهن، سي هتان جي لائق ماڻهن کي به موٽائي ڇڏيندا آهن."

"ها، مان ته ٿورو گهڻو پڙهيل پڻ آهيان، ۽ اخبارون پڙهندو آهيان. مونکي خبر آهي ته هتي جا اصل رهاڪو، هتي ايندڙ ٻاهرين کان انهيءَ ڪري ٿي اٿوٽندڙ احساس رکن ٿا."

"آهي به هنن جي اها ڳالهه واجبي ۽ سياويڪ."

"اهو به تو ڏٺو هوندو ته جڏهن به سنڌي پنهنجا اهڙي قسم جا حق گهرندا آهن ته ٻاهران آيل گڏيل محاذ ٺاهي، هتي وارن جي مخالفت ڪندا آهن، ۽ هنن کي هر نموني محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن."

"ٻولين جي فسادن ۾ تو ڏٺو هوندو ته اسان واري ٺيڪيدار، اسان پنهنجي پورهتين کي هٿي جي رهاڪن خلاف ڀڙڪايو هو ۽ ٻَجَ ڪٺي هٿي ۽ لالچ ۾ ڏني هئي."

"ٻاهرين مزورن، ٻاهرين سرمائيدارن ۽ پرمارن جو پاسو ڪنيو. ٻاهرين مزورن، هٿي جي مزورن تي حملا ڪيا."

"اهڙي حالت ۾ ائين چوڻ ته مزور پاڻ ۾ ڀائر آهن، سو غلط آهي. ۽ "دنيا جا مزدورو، هڪ ٿي وڃو!" وارو نعرو پڻ بيجا آهي. ان حالت ۾ ٻاهرين مزورن، ٻاهرين سرمائيدارن جي دلاليءَ جو ڪردار ادا ڪيو."

"اسانکي پورو احساس آهي ته اهڙيون ماڙيون ڍهنديون رهنديون!" ❑



محبت جمال